
ٻاڳو ڀريون
چڱي نہ خودڪشي هئي
(مضمون)
تحرير ۽ تحقيق
محب ڀيل

پاڳو پهريون

# چڳي نہ خودڪشي هُئي

(مضمون)

تحقيق ۽ تحرير
**مُحب پيل**

**پرُاڻ پبليڪيشن جهڏو**
2019ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2019ع
**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

# حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: چڱي نہ خودڪشي هئي
ليکڪ : مُحب ڀيل
موضوع : مضمون
نظرثاني : هرجي ميگهواڙ
ڇاپو : پهريون
تعداد : هڪ هزار
سال :© 2019ع
ڪمپوزنگ : جسونت سنگهہ ۽ ساحر ڀيل
لي آئوٽ : اشفاق احمداڻي
ٽائٽل : عبدالعظيم ڪنير
ڇپائيندڙ : پُراڻ پبليڪيشن جُهڏو
فون نمبر :
03002682036
03002382699
اي ميل muhibbheel@gmail.com
قيمت : 260 روپيا

# ارپنا

هيءُ قلمي پورهيو

ارپيم

جدوجهد جي علامت

**امڙ مائي جِندو،**

منهنجي پورهيت بابا **عمر ۽ امان سومري**

۽

منهنجي محسن ۽ رهنما ساٿين

**آسي زميني، ايوب ڪوسي، آفتاب ڪلوئي ۽ هرجي ميگهواڙ**

ڪي

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”چڱي نہ خودڪشي هئي“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. مضمونن ۽ ڪالمن جي هن مجموعي جو ليکڪ سنڌ جو نوجوان ترقي پسند ليکڪ **محب ڀيل** آهي.

محب ڀيل جي لکڻين جا موضوع گهڻو ڪري بک، بيروزگاري، بدحاليءَ جو شڪار، ڌرتيءَ ڌڪا ٿا ۽ دربدر پورهيت ٿي رهيا آهن. جن کي جابر قوتن ظلمتن جو شڪار بڻائي، سندن جيئڻ جا سڀ جمهوري ۽ انساني حق کسي، ”آپگهات“ لاءِ مجبور ڪيو آهي. خودڪشي هن حسين ڪائنات جو تمام وڏو الميو آهي، ان عمل سان دنيا ۾ ڪيترا گهر اُجڙي تباهه ۽ برباد ٿي ويا آهن. ”خودڪشي“ جا دنيا سميت سنڌ ۾ ڪهڙا ڪارڻ آهن؟ ليکڪ هن ڌرتيءَ تي پنڌ ڪندي جيڪو مشاهدو ڪيو، خودڪشين جا سبب ڳوليا، جائزو ورتو اهي خيال هن ڪتاب ذريعي توهان تائين پهچائڻ جي حجت ڪري رهيو آهي.

هي ڪتاب **پُراڻ پبليڪيشن، جهُڏو** پاران 2019ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون پياري محب ڀيل جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سٽاءُ


- اداري پاران — فقير سليمان لغاري 7
- هڪ متحرڪ پورهيت قلم ڏٽي — جيرام داس اپوجها 8
- مهاڳ حساسيت ئي عذاب آهي. — آسي زميني 10
- ليکڪ پاران — محب ڀيل 14
- "خودڪشي" حسين ڪائنات جو الميو. 17
- جڏهن خيال "خودڪشي" ڪن. 20
- خودڪشي ڪندڙ ماڻهن جي ذهني ۽ نفسياتي ڪيفيت. 24
- سماج جا زهريلا رويا. 29
- انساني قدرن جو انت. 33
- ذهني،نفسياتي دٻاءَ ۽ پريشانيون. 37
- ڪاروباري نقصان ۽ قرض جو بار. 41
- خودڪشي جهڙيون ريتون ۽ رسمون . 46
- عقيدائي آتم هتيائون. 50
- چڪيا چڙهي ڪيل "خودڪشيون" 54
- دنيا لاءِ دهشت جي علامت بڻيل "هٽلر" جي خودڪشي. 58
- عظيم آدرشن لاءِ احتجاجي "آپگهات" 62
- ٽنڊو بهاول سانحو : مائي جندو جي نياڻين پاران پاڻ ساڙي مرڻ. 65
- خودڪشي" ۽ انساني حقن جي ادارن جو غير سنجيده رويو. 69
- اهلِ علم ذهنن جون "خودڪشيون" 72
- سنڌ ۾ ٿيندڙ"ڌرتيءَ ڌٽي" پورهيتن جون خودڪشيون. 84
- "خودڪشي" لاءِ استعمال ٿيندڙ طريقا. 91
- "خودڪشي" بابت مذهبن جو موقف. 96

# اداري پاران

ڀُراڻ پبليڪيشن پاران سنڌ جي نوجوان ترقي پسند ليکڪ محب ڀيل جو هي پنجون ڪتاب، دنيا اندر "خودڪشي" جي وڌيل شرح متعلق شايع ڪيو ويو آهي. "آپگهات" هن وقت غربت جو شڪار ملڪن جو وڏو مسئلو بڻيل آهي. سماج جا باشعور ۽ ذميوار ذهن، پنهنجي معاشري ۾ ناسور بڻيل مسئلن تي نهايت ئي غور، فڪر ڪري سنجيدگيءَ سان سوچي ۽ لوچي پنهنجي قوم کي انهن مسئلن کان وقت سر آگاهہ ڪندا آهن. پورهيت ليکڪ محب ڀيل بہ پنهنجي وس آهر هر وقت انهي جاکوڙ ۾ کوجنا ۾ رهيو آهي.

محب ڀيل جي لکڻين جا موضوع بہ بک، بيروزگاري، بدحاليءَ جو شڪار، ڏرتيءَ ڏکاٽا ۽ دربدر پورهيت ئي رهيا آهن. جن کي جابر قوتن ظلمتن جو شڪار بڻائي، سندن جيئڻ جا سڀ جمهوري ۽ انساني حق کسي، "آپگهات" لاءِ مجبور ڪيو آهي. "خودڪشي" جا دنيا سميت سنڌ ۾ ڪهڙا ڪارڻ آهن؟ ان موضوع تي محب ڀيل جو هيءَ قلمي پورهيو "خودڪشي چڱي نہ هُئي" جي نالي سان ڀُراڻ پبليڪيشن جهڏو پاران ڇپائي توهان جي هٿن تائين پهچايو آهي، اڳتي بہ اهڙي علمي ڪوشش جاري رهندي.

سنڌ سلامت، جئي انسان

**فقير سليمان لغاري**

ڀُراڻ پبليڪيشن جهڏو

# هڪ متحرڪ پورهيت قلم ڌڻي

سنڌ جي ڪاهوڙي قلم ڌڻي، محب ڀيل جي ڇپيل ڪتابن ۾ سنڌ جي عام، مسڪين، مظلوم ۽ پورهيت ماڻهن جي بنيادي مسئلن تي قلم ڪنيل آهي، خانہ بدوش ٻڌايل ڌرتيءَ جي حقيقي وارث دراوڙن سميت، دنيا جي ٻين سمورن غريبن جا ڏک، سُور، تڪليفون ۽ عذاب محب ڀيل ڪي ساريا پيا آهن. هن دراوڙ قلم ڌڻيءَ جي اکين ۾ هر وقت انهن ڏکن جي انتقام جي آگ ڀڙڪندي محسوس ٿيندي آهي، هو پنهنجي لکڻين، عام ڪچهرين ۽ تقريرن ۾ مظلوم ۽ پيڙهيل ماڻهن جو ڪيس مضبوط دليلن سان رکندو رهيو آهي. سماج جي پيڙهيل ۽ ڌڪوئلن ماڻهن لاءِ محب ڀيل عملي جدوجهد جي ميدان تي پڻ پنهنجي غريبي حال سارو سموري حياتي ثابت قدمي سان آواز بُلند ڪيو آهي. هن پورهيت ليکڪ جي لکڻين جا موضوع بہ پورهيت ئي رهيا آهن. خودڪشين تي سندس هن معلوماتي ۽ تحقيقي ڪتاب "چڱي نہ خودڪشي هُئي" جي ڀهرين ڀاڱي ۾ ڪارائتي ڄاڻ شامل آهي. "خودڪشي" هن وقت سنڌ سميت دنيا جو وڏو مسئلو ٻڌيل آهي. محب ڀيل هن اهم موضوع تي ڀرپور لکيو آهي، تاريخ جي عالمي پس منظر ڪي پيش ڪرڻ سان گڏ سنڌ جي ڀنتي ڀيل شيڊولڊ ڪاسٽ برادرين ڪولهي، ڀيل، ميگھواڙ ۽ اوڏن ۾ خودڪشين جي وڌندڙ شرح ڪي نظر ۾ رکي هن تاريخي ۽ تحقيقي لکت پيش ڪئي آهي. ليکڪ محب ڀيل هن موضوع جي مختلف رخن ڪان جائزو ورتو آهي، جنهن ۾ مظلوم ماڻهن سان ٿيل ڏاڍ، جبر، سياسي، سماجي، مذهبي ۽ اقتصادي متڀيد ڪي وائڪو ڪيو آهي. خودڪشين جا ڪارڻ ڪهڙا آهن؟ خودڪشين جي شرح رڳو مسڪينن ۾ ڇو وڌي آهي؟ خودڪشين ڪي روڪڻ هن سماج ۾ ڪهڙي رٿابندي جي ضرورت آهي؟ ان حوالي سان مظلوم طبقن جي قلمڪار محب ڀيل جي هيءَ قلمي ڪاوش هڪ مڪمل تحقيقي ٿيسز آهي. محب ڀيل اهڙي وقتائتي تحقيقي ادبي پورهئي تي جس لهي. "خودڪشي" جهڙي اهم موضوع تي مڪمل طور تجزياتي جائزو ۽ تحقيق ڪري بنيادي سبب ڳولڻ لاءِ مارڪسسٽ ليکڪ محب ڀيل نهايت ئي سادڙي ۽ آساني سان سمجهہ ۾ ايندڙ ٻولي ۾ هڪ مشاهداتي ڪتاب لکي زبردست قلمي ڪاوش ارپي آهي. جنهن سان خاص طور سنڌ جي نئين نسل کي تمام موافق ڄاڻ ملندي، هن موضوع تي جامد ڪتاب گهٽ نظر اچن ٿا. سنڌي ادب ۾ پڻ خودڪشي جي موضوع تي ڪو مڪمل ڪتاب ناهي، جنهن مان ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي.

دنيا جي باشعور ماڻهن تي اها ذميواري عائد ٿئي ٿي تہ هو پنهنجي معاشري ۾ پيدا ٿيل "خودڪشي" جهڙن ناسور ٻڌيل مسئلن جا "سبب ۽ حل" ڳولين ۽ پنهنجي اعليٰ ذهني صلاحيتن سان باشعور، ترقي پسند ۽ پُرامن سماج اڏڻ لاءِ هر ممڪن جاڪوڙ ۽ جدوجهد ڪن. ادب ذريعي جاڳرتا پيدا

ڪري پاڻ کي آڳهات جهڙي غيرفطري ۽ خطرناڪ موت جي حوالي ڪندڙ لکين ماڻهن جون حياتيون بچائي سگهجن ٿيون. ليڪ ڪامريڊ محب ڀيل کي شاباس ڏيان ٿو جنهن "خودڪشي" جي موضوع تي هڪ ذميوار ليکڪ جي حيثيت سان پنهنجي قلم ذريعي سماجي سجاڳي جو وقتائتو سڏ ڏنو. سنڌ جو نئون نسل هن قسم جو ادب پڙهي پنهنجو مستقبل بچائي سگهي ٿو.

جئي ڀيم

**جيرام داس ابوجها**
**چيئرمين**
**شيڊولڊ ڪاسٽ فيڊريشن آف پاڪستان**

مهاڳ

# حساسيت عذاب آهي

چو ۽ ڇا جي لاءِ ۽ آيس آءُ ڪٿان؟
ڪنهن ڪان هاءِ پڇان؟ ڪير ڏسيندو؟ ڪوبہ نہ؟

سوال، جن جو جواب ناهي،
جواب ناهي، عذاب آهي.

هر حساس من اندر، مٿيان سوال اَوس اُڀرن ٿا. انهن کان علاوه سماجي رَوَيا، اُوچ نيچ، طبقاتي متڀيد ۽ معاشرتي ناانصافيون، دل ۾ دماغ اندر اهڙا ڪوڙ سارا سوال پيدا ڪن ٿيون، جن جو ڪو حتمي جواب نہ ماڻي، هڪ حساس من انتهائي ڪربناڪ صورتحال کي منهن ڏيندي، آخرڪار جنهن حالت مان گذري ٿو ان تي پياري مُحب ڀيل جهڙن حساس من جي مالڪن جي واتان اهي ئي لفظ نڪرن ٿا تہ "چڱي نہ خودڪشي هئي!" "آتم هتيا، حسين ڪائنات جو الميو"

خودڪشي جي حوالي سان رد عمل طور، حيرت ۾ ٻُڏل مذڪوره تاثراتي جملا، هڪ انسان دوست ماڻهوءَ واتان نڪرڻ فطري عمل آهي، پر ان قسم جي انسانن جو تعداد، اڄ جي بي حِس سماج اندر تمام ٿورڙو نظر ايندو. اُن جي ڀيٽ ۾ حساس من رکندڙ ماڻهو کي خودڪشيءَ جهڙي انتهائي قدم کڻڻ وارن ۽ اهڙي ماحول جوڙڻ وارن جو تعداد گهٽجڻ بجاءِ، روز بروز وڌندي نظر ايندو. توڙي جو دنيا جي آبادي جو هڪ وڏو انگ مختلف ڌرمن جو پوئلڳ سڏائي ٿو ۽ دنيا جو هر مذهب خودڪشيءَ جهڙي عمل جو مخالف بہ آهي، پوءِ بہ اهو سڀ ڪجهہ ڇو ٿي رهيو آهي؟ اهو هڪ اهم سوال بہ آهي، جنهن تي گهڻو ڪجهہ لِکي سگهجي ٿو پر محترم مُحب ڀِيل منهنجي نظر ۾ پهريون انسان دوست ماڻهو آهي، جنهن ان موضوع تي لکندي، ان جي محرڪات، اسباب ۽ نتيجن تي ڀرپُور نموني پنهنجا ويچار ونديا آهن.

زير نظر ڪتاب ۾ خودڪشيءَ جي جن مختلف سببن تي ڀرپور نموني لکيو ويو آهي، انهن مان هڪ سبب "سماج جا زهريلا رويا" آهي، ۽ اُن ڏِس ۾ يقينن هر پڙهندڙ ساڳس سهمت نظر ايندو، ڇو تہ اسان مان هر هڪ ڪڏهن نہ ڪڏهن، ڪنهن نہ ڪنهن مخصوص سماج طرف اشارو ناهي، پر هر سماج اندر اهڙا عنصر شامل هوندا آهن. جيڪي ماڻهو جا ويري ثابت ٿي، ڪيس انتهائي قدم کڻڻ تي مجبور ڪندا آهن، پوءِ اهو سماج اڄ جي جديد دور جو سوشلسٽ سماج هجي، يا ڪنهن مخصوص ڌرم جي قاعدن قانون تي مشتمل مذهبي سماج! دراصل هر سماج، ڪنهن مخصوص سوچ، عمل ۽ روين تي مشتمل اڪثريت تحت، پنهنجي سڃاڻپ رکندو آهي، پر ان جي ابتڙ سوچ، عمل ۽ رَوين تي مشتمل اقليت بہ تہ ان ان ئي سماج جو حصو هجي ٿي، اهو ئي سبب آهي جو ڪو بہ سماج، ڪنهن بہ دور ۾ سئو سيڪڙو فڪري توڙي عملي هم آهنگي رکندڙ نہ نظر آيو آهي، ۽ نہ ئي مستقبل ۾ اهڙي ڪنهن "مڪمل سماج" جي قائم ٿيڻ جي فطرت انسانيءَ اندر ڪا گنجائش ئي نظر اچي ٿي. اُ ڏِس ۾ اڄ تائينءَ جا لاتعداد ڌرم/مذهب "مثالي سماج" نہ ڏئي سگهيو ايستائين جو ڇيو وڃي ٿو تہ هڪ لک کان بہ مٿي "سماج سڌارڪ" آيا، پر اڄ تائين دنيا اندر ڪو هڪ بہ "مثالي سماج" نہ جُڙي سگهيو! اڄ بہ اسان کي هر "مذهبي/ ڌرمي سماج" اندر ان جي پوئلڳن جا ڪيترائي ڌڙا/ فرقا نظر ايندا، جيڪي ان جِي هيڪڙائيءَ جي خلاف ثبوت فراهم ڪن ٿا. چوڻ جو مطلب تہ خودڪشيءَ جي محرڪ اڄ جي سماج کي بدلائڻ لاءِ، وس آهر حيلا هلائڻ اڄ جي اهم تقاضا آهي.

مُحب ڀيل جي زير نظر ڪتاب "چڱي نہ خودڪشيءَ هئي" اندر خودڪشي جي عقيدائي قسم "ستيءَ" جي رواج تي پڻ بحث ڪيو ويو آهي، پر خودڪشيءَ جوا هو ڌرمي رواج اڄ مڪمل طور ختم ٿي چڪو آهي، ماضيءَ ۾ اهو رواج عورت تي ڌرمي، نفسياتي دٻاءَ جي نشاندهي ڪري ٿو، پر سلام آ "انگريز" کي، جنهن قانون لاڳو ڪندي برصغير مان "ستيءَ" جي رسم سان گڏ غلام/ ٻانهيءَ رکڻ جي فعل کي رد ڪيو، حالانڪ اهي ٻئي فعل مذهبي/ ڌرمي دائري اندر درست قرار ڏنل آهن!

احتجاج طور پاڻ مارڻ يا خودڪشي ڪرڻ پڻ سماجي بي حِسيءَ کي عيان ڪري ٿو. ان حوالي سان اڄ جي ايڪهين صديءَ ۾، جتي دنيا ڪِتان ڪان ڪِتي وڃي پهتي آهي، پر اسان جي حالت قابلِ رحم آهي! هِتي سماجي بي حِسيءَ جي ڏِس ۾ حڪمران طبقي جي

نااهلي ۽ نالائقي پڻ ڏيان طلب آهي. اسان وٽ لفظ "سياست" ئي بدفعليءَ جو اهڃاڻ بڻجي چڪو آهي. اسان وٽ سياست "ڪاروبار" طور استعمال ٿئي ٿي، جنهن ذريعي مٿيون طبقو ڇُونڊبڻ جي وقت نام نهاد سماجي ڪمن جي مد ۾ سيڙپڪاري ڪري، مستقبل جو حڪمران بڻجي، مُلڪي ناڻي کي پنهنجي ذاتي ملڪيت ۾ شامل ڪري ٿو! عوام کي اڳتي وٺي، ڪنهن تبديليءَ آڻڻ بجاءِ، ڪيس پيٽا سور ڏي ٿو. نتيجي ۾ بيوس ماڻهو پنهنجي جائز حقن جي حاصلات لاءِ احتجاج جي آخري صورت آپگهات جو سهارو وٺڻ تي مجبور ٿي پئي ٿو! اسان وٽ اهڙا ڪوڙ سارا مثال موجود آهن، جن ۾ مائي جندو جو مثال رياست جي منهن تي هڪ وڏو داغ آهي، جنهن کي مُحب ڀيل انتهائي اثرائتي انداز ۾ لکت جو روپ ڏنو آهي. ان کان علاوه سماجي ورڪر منو ميگهواڙ، نريندر ڪمار ميگهواڙ، شاعره سارا شگفته، مانيٽو اوئو عرفان مهدي ۽ علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جهڙن آدرشي انسانن جي آتم هتيا اسان کي ڪهڙو پيغام ڏي ٿي؟ اهو حڪمرانن کان تاريخ جو سوال آهي.

بيمارين توڙي مختلف قرضن کان تنگ ٿي، هيٺين طبقي جي ماڻهن جي خودڪشي ڪرڻ جي ڏوهہ جي ڏِس ۾ پڻ اسان جو حڪمران طبقو ئي ڏوهي آهي. ان لاءِ ضروري آهي تہ عوام ۾ شعور پيدا ڪري، پنهنجي ايندڙ نسل کي محفوظ مستقبل جي حوالي ڪيو وڃي.

خودڪشي يا آتم هتيا جي حوالي سان، منهنجي خيال ۾ هيءُ پهريون ڪتاب آهي. جيڪو محترم مُحب ڀيل سنڌي ادب جي دنيا ۾ داخل ڪيو آهي. موضوع جي حوالي سان منفرد ۽ جامع تصنيف سنڌي ادب کي ارپڻ لاءِ ڪيس جس هجي. ڪتاب جي حوالي سان ڪوڙ ساريون ڳالهيون آهن، جيڪي پڙهندڙن سان ونڊي سگهجن ٿيون، پر طوالت کان پاسو ڪندي، آئون وري بہ اُن حقيقت جي مختصر اپٽار ڪندي، اهو پڙهندڙن تي ٿو ڇڏيان، تہ هر پاٺڪ پنهنجي زاويہءِ نگاهہ يا احساسن جي آڌار ان مان نتيجو اخذ ڪري.

آخر ۾ "اهل علم جون خودڪشيون" عنوان سان سندس تخيل سان سهمت ٿيندي پڙهندڙن سان پنهنجا ويچار ونڊڻ چاهيندس، تہ زندگيءَ جي اهڙيءَ ريت خاتمي جو اصل ڪارڻ ئي "ڏاهپ سندو ڏنگ" آهي، جنهن لاءِ خود لطيف سرڪار کي بہ چوڻو پيو تہ "الا! ڏاهي م ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن "عقل و فرد ئي انسان کي پوڳنائن جي گس لائي ٿو. علامہ آءِ آءِ قاضي ۽ حشو ڪيولراماڻي ان جا بہ وڏا مثال آهن. عقل جي انتها تي پهچڻ ڪانپوءِ، انسان لاءِ بہ ئي ماڳ مڪان بچن ٿا، ۽ اهي آهن، "چريائپ" (عام ماڻهن جي نظر ۾) يا "خودڪشي!" عقل جي

انتها، انسان کي حساس پٽي تي پهچائي ٿي، ۽ اهو حساس پٽو ئي آهي، جيڪو انسان انهن ٻن ماڳن مان هڪ ماڳ تي رسائي ٿو ڇريائپ يا خودڪشي! تنهنڪري ئي شاعر کي چوڻو پئجي ويو تہ :

اُيـاري خـودڪشـيءَ لاءِ تـي،
حسـاسـيت ئي عـذاب آهـي!

## آسي زميني

تنڊو قيصر
14 فيبروري 2019ع

## ليڪ پاران

# مگر او سانورا پرين! چڱي نہ خودڪشيءَ هئي.

دنيا ۾ ظلمتن جو شڪار ڪروڙين مسڪين، مظلوم، پورهيت انسانن جي آجپي، ترقي، خوشحالي، حق حڪمراني ۽ ڏٽيائپ لاءِ جدوجهد ڪري جاکوڙيندڙ ماڻهو ڪهڙين حالتن مان گذرن ٿا؟ ڏاڍ ۽ جبر خلاف آواز بلند ڪندڙ ڪاهوڙين خلاف هتي ڪهڙو رڻ ٻاريو ويندو آهي؟ معاشري ۾ نندڻڪائپ ۽ اڻ برابريءَ خلاف پُڪارڻ تي ڪهڙيون فتوائون جاري ڪيون وڃن ٿيون؟ غلاميءَ ڪي گار سمجهڻ جي جرئت جي هتي ڪهڙي قيمت ادا ڪرڻي پوي ٿي؟ آئنو ڏيکارڻ جي ڪهڙي سزا آهي؟ انهن عذابن خلاف ڳالهائڻ، لکڻ، سوچڻ، لوچڻ، سُجاڳيءَ جو سڏ ڏيئي عملي جدوجهد ڪرڻ دوران ڪهڙيون رڪاوٽون پيش اچن ٿيون؟ سماجي ٺيڪيدارن ۽ ٺپتائي ٺپٺائي پندتن پاران پنهنجي ڪمائيءَ جو ذريعو ٻٽايل خلق ڪي ابوجهہ ۽ جاهل رکڻ خاطر هٿ ٺوڪين گهڙيل ريتن، رسمن، رواجن ۽ پرمپرائن خلاف جاڳ جو سڏ ڏيندڙ ماڻهن ڪي سماج جا زهر جهڙا رويا وک وک تي ڪيئن ڏنگين ٿا؟  انقلابي راهہ جي پانڌيئڙن ڪي باغي، ڪافر، ڌوهي، چريو هجڻ جي ڪيترن ئي خطابن سان نوازيو وڃي ٿو.

جيڪي منش هن سماج ۾ ميرن، پيرن، وڏيراشاهي، جاگيردارن، ٺڳ ڌرمي ٺيڪيدارن، جرڳائي پٽيلن، ظالم سرمائيدارن جي چمچاگيري ڪندي پاڻ ڪي "ڏاهو هوشيار ۽ خفتي" سمجهڻ جي خوش فهميءَ جو شڪار آهن. سندن زندگيءَ جا حسين لمحا رڳو وڏيراشاهي جا گڻ ڳائڻ، پاڻ وڻائڻ ۽ پنهنجن جون پاڙون  کوٽيندي گذرن ٿا. "مال" ناهڻ جي ذهني ۽ نفسياتي بيماري ۽ مايا جي ٺلهي موهہ جي گهٽياپڻي واري سوچ، کين "انسانيت" جي دائري مان ڌڪي ٻاهر ڪري ٿي. ٽڪي ٽي پئسي جا ذاتي مفاد انهن ماڻهن جي ڪردار ڪي ڪيترو ڪيرائي سگهن ٿا؟ تاريخ ۾ سندن عملن جو پوتاميل ڪيئن ڪيو ويندو ۽ ڪهڙن اکرن ۾ لکيو ويندو؟ هن سماج جي ذهني غلامن ڪڏهن اهو سوچيو ئي ناهي!

دنيا جي غريب انقلابي ڪارڪنن جي ذهنن ۾، هن سماج ڪي بدلائڻ جا ڪيترائي حسين خواب، ساپيان جا منتظر آهن. دنيا جا امن پسند ۽ فطرت جا عاشق ماڻهو هن ڪائنات ڪي ڪبوتر جي اک سان ڏسندا آهن ۽ ڳيري جي دل سان محسوس ڪندا آهن. پر دنيا جي سمورن انسان دوست، ترقي پسند، امن جي سفير انسانن پويان وحشت پرست، انتها پسند، رجعت پرست دهشتگرد رات ڏينهن هڪ ڪيو ڪات ڪهاڙا تکا ڪيو پيا هلن. ان جو سادو سبب اهو آهي تہ جيئن جنگن سان هٿيارن جو ڪڏو ڪاروبار لاڳاپيل آهي، بلڪل ائين ئي دنيا ۾ "فتنو" بہ ڪاروبار ٻڌيل رهيو آهي، فتني پرست ماڻهوا ڪيون ڳاڙهيون ڪيو ڪائنات جي پُرامن ماڻهن پويان هر وقت پندي ٻاريو پيا هلن. ڇو تہ سندن وکر بہ جنگ

جي هٿيارن جيئن فسادن سان لاڳاپيل آهي، هتي تہ فتنو بہ معيشيت ٻڌيل آهي. فتني سان بہ ڪنهن جو پيٽ گذر ٿئي ٿو. پنهنجو پيٽ ڀرڻ لاءِ ٻين جي پيٽ کي ڦاڙيو وڃي ٿو. پنهنجا گهر جوڙڻ لاءِ ٻين جا جهوپا ساڙيا وڃن ٿا. انقلابي ماڻهو هر وقت اهڙين سازشن جي سخت گهيري ۾ هوندا آهن

"خودڪشي" جي موضوع تي لکندي، جنهن ڪيفيت ۾ عذاب مان مونکي گذرڻو پيو. انهن صليب تي ٽنگيل خيالن جو اظهار هتي پيش ڪرڻ مناسب ناهي. هڪ فطرت جي عاشق انسان لاءِ ان کان وڏ ٻيو ڪهڙو عذاب هوندو جو روز فطرت جي عظيم حُسن "انسان" کي اکين اڳيان آپگهات ڪندي ڏسجي ۽ ماڻهوءَ سان گڏ ماڻهپي جي "خودڪشي" تي خاموش تماشائي بڻجي اکيون پورجن يا خود تماشو ٿجي؟ پنهنجن مزاج ۾ فطرت جا حسين رنگ رکڻ جون ڪهڙيون ڪهڙيون سزائون ڀوڳيون پون ٿيون! انهن رنگن جي حُسن کي ميرو ٿيڻ کان بچائڻ جي جُرئت بہ هتي بغاوت تصور ڪئي وڃي ٿي.

خودڪشي هن حسين ڪائنات جو تمام وڏو الميو آهي، ان عمل سان دنيا ۾ ڪيترا گهر اُجڙي تباهہ ۽ برباد ٿي ويا آهن. انسان ان غير فطري موت جو ڪهڙو بہ جواز ڄاڻائي موت قبولي ٿو پر جن مسئلن کان فراريت حاصل ڪري انسان ڏور ڀڄڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر وري بہ انسان کي ئي پنهنجي اعليٰ سوچ ۽ ويچارن سان انهن مسئلن جا حل ڪڍڻا آهن. آئون ان موقف تي وري قائم آهيان تہ خودڪشي ڪنهن بہ مسئلي جو حل ناهي، انسان کي حقيقت پسند بڻجي لاڳاپيل مسئلن جا حل سنجيدگيءَ سان ڪڍڻ گهرجن. قيمتي انساني جانين کي رسن ۾ ٻڌي نپوڙڻ ڪنهن بہ ريت عقلمندي ناهي، جيئن سعيد سومري جون هي سٽون، مڪمل طور خودڪشيءَ جي سوچ کي رد ڪن ٿيون.

فضول، بور، بي چسي، ذليل زندگي هئي،
مگر او سانورا پرين! چڱي نہ خودڪشي هئي.

آئون هن سماج جو ننڍڙو ماڙهو آهيان، مون هن ڌرتيءَ تي پنڌ ڪندي جيڪو مشاهدو ڪيو. خودڪشين جا سبب ڳوليا، جائزو ورتو اهي خيال هن ڪتاب ذريعي توهان تائين پهچائڻ جي حجت ڪري رهيو آهيان. هن وقت اسان جي ڌرتيءَ جي مسڪين ۽ پورهيت ماڻهن ۾ آتم هتيا جي شرح افسوسناڪ حد تائين پهچي چُڪي آهي. "خودڪشي" جي واقعن کي ڪيئن روڪجي؟ اچو تہ ان اهم مسئلي تي سوچيون. آئون بنيادي طور جنهن طبقي سان تعلق رکان ٿو ان جا ماڻهو هن ڌرتيءَ تي ننڍڙڪائپ ۽ غلاميءَ جي بدترين دؤر مان گذري رهيا آهن، اهي سمجهن ٿا تہ وٽن هاڻ "خودڪشي" کان سواءِ ٻيو ڪو حل ناهي!

انهن جي خودڪشي من اندر ۾ مانڌاڻ مچائيدي آهي، تڙپون ۽ ڦٿڪون ان ڪري ٿا تہ هن وسيع ڪائنات ۾ اسان جي مسڪين ماڻهن جون قيمتي حياتيون فقط اتي،لٽي، اجهي ۽ عدم تحفظ سبب وٽن ۾ ٽنگجي رهيون آهن. اهي سُور سيني ۾ ٻارڻ ٻارين ٿا، اهي سور لڪائن ٿا. منهنجي لکڻ جو ٻيو ڪو سبب ناهي. نہ ئي مونکي ڪو چڱو لکڻ بہ اچي ٿو. جنهن سان آئون پڙهندڙن جي اڪثريت کي متاثر ڪري

سگهان، اهو سمجهندي آئون محسوس ٿو ڪيان تہ منهنجي لکڻين ۾ حسينن جا زلف، نيڻ ۽ نخريلين نگاهن جو ذڪر ناهي ۽ نہ ئي وري مونکان ميرن، پيرن ۽ سرمائيدارن جي شان ۾ قصيده لکجن ٿا. منهنجو لکڻ سموري دنيا ۾ منهنجي غريب پورهيت ۽ مسڪين ڀائرن لاءِ آهي، انهن جي ڏکن، سورن تڪليفن ۽ غلامي جي ڳٽ سان گڏ ڪنڌ ۾ ڀيل خودڪشيءَ جي رسن جا سبب واڪا ڪرڻ لاءِ آهي، سو پنهنجي حال سارو لکندس، هي ڪتاب "چڱي نہ خودڪشيءَ هُئي" جو ڀيريون ڀاڱو آهي، جلد ٻيو ڀاڱو بہ توهان تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس. منهنجي ايري سيري لکڻ تي جيڪي دوست سدائين همٿائيندا رهندا آهن انهن جو دلي ٿورائتو آهيان.

جيئن ڌرتيءَ جا مظلوم انسان،

**محب ڀيل**

03002682036
muhibbheel@gmail.com

# "خودڪشي" حسين ڪائنات جو الميو

"انسان" ڪائنات ۾ ڪروڙين سالن جو ارتقائي پنڌ طئي ڪندو ٽڪجي ساٺو تي اچي هن جديد دؤر ۾ پير پاتو اٿس. انساني تاريخ جو اهو اڙانگو ۽ طويل سفر نهايت ئي مشڪل ۽ تڪليفن سان ڀرپور ۽ ٿڪائيندڙ محسوس ٿي رهيو آهي. ان ڏکي زماني ۾ انسان پنهنجي شروعاتي حياتيءَ کان هيستائينءَ جي گذاريل جيون ساگر جي سمورين سماجي حالتن، ذاتي زندگيءَ جي ڪروڙين مشاهدن، تجربن، حادثن، لقائن، واقعن کي پرکيندو ۽ سمجهندو پنهنجي ايندڙ نسلن جي بچاءَ جي جنگ لڙندو اڳتي وڌندو رهيو آهي. "انسان" پنهنجي نسل جي بچاءَ جي جنگ ۾ جتي ٻين قدرتي آفتن ۽ حادثن ٻوڏن، زلزلن، باهن، شديد گرمين، شديد سردين، خطرناڪ بيمارين، ماتا ۽ سلهہ جهڙين وبائن، جانورن جو کاڄ ٿيڻ سميت ٻين ڪيترن ئي سانحن ۾ ڪروڙين انساني جانيون بي وقتائتي موت جو شڪار ٿي ويون. هن ڪائنات ۾ ڪروڙين انسانن جي حياتين جا ڏيئا اُجهڻ جا رڳو اهي قدرتي سبب بہ نہ آهن. هتي تہ انسان خود انسان جو ازلي ويري بڻجي ويو. قيمتي انساني "حياتي" جي انت جو وڏو ذميوار بہ انسان ئي آهي. انسان جنهن کي ڪائنات ۾ "اشرف المخلوقات" جو اُتم درجو حاصل آهي، سو پاڻ بہ مهذبپڻي جي چوغي ۾ ڪتي لڪي ڇُپي تہ ڪتي ظاهر ذات، پات، رنگ، ڳورو، ڪارو، نسل، اوچ، نيچ، اڇوت، شودر، برهمڻ، ڌرم، مذهب، قوم، ٻولي، لسانيت، ڌرتيءَ، دنگ، گذر جي وسيلن، کاڌ خوراڪ جي ذريعن سميت حسين ڪائنات جو "عظيم ماڻهو" ماڻهپي مان نڪري پنهنجن ڪروڙين ذاتي مفادن جي آڙ ۾ انسان جو قتل عام ڪري انسانيت کي لجائڻ ۾ ڪا ڪسر ڪونہ ڇڏي اٿس. ڌرتيءَ ماتا کي پنهنجي پائرن جي رت جو ريج ڏيندو رهيو آهي، آڳاٽي زماني ۾ ڪائنات جي ڪروڙين محنت ڪش پورهيت انسانن پاران گڏ ڪيل اناج، شڪار ڪيل جانور، ۽ ٺاهيل گهرن ۽ محفوظ غارن تي چند هڏ حرام ۽ ڪم چور ماڻهن ڏاڍ مڙسي، جبر ۽ ظلم سان قبضو ڪري مفت خوريءَ ۾ حياتيءَ جون سُک ۽ آسائشون ماڻيندا هئا. ان سڪونت جي ڳولا ۾ انسان ٻي انسان جو انت آڻڻ ۾ دير ئي نہ ڪندو رهيو آهي. جيڪڏهن هن دؤر جو شعور اهو مثال خاطر ئي سوچي تہ "آڳاٽو انسان غير تهذيب يافتہ ۽ غيرمهذب هو. ان ڪري ڪيس علم، شعور، عقل ۽ احساس نہ هئڻ ڪري "عظيم انسانيت" جو قدر نہ هو. سندس اکين تي انڌ جون پٽيون پيل هيون، تنهن سبب ان نيم انسان ٻي انسان جو انت آندو پئي." پر جڏهن آڳاٽو انسان سادا چار ارب سال جي جهوني ڪائنات ۾ ڏيڍ ارب سالن کان پنهنجي وجود جي سلامتيءَ سان مهذبپڻي ڏانهن وڌندو اچي، تهذيب يافتہ بڻيو. هوموايريڪٽس، هوموميگنان، هوموسيپين، نيندرٿال مان ارتقا ڪري مڪمل طور علم، عقل، شعور وارو هيومن (انسان) بڻجڻ تائينءَ جي نوري سالن جي سفر ۾ "ماڻهو" حيوانن واريون ڪيتريون حرڪتون ڪيون هونديون؟ اُيو تي هلڻ جي شروعات، پاڻيءَ جي حياتيءَ کان سُڪي جو سفر، پٿر جو دؤر، تهذيبون جوڙڻ، جدت ڏانهن وڌڻ، انساني زندگيءَ لاءِ پابند سماج جُڙڻ، معاشرتي قانون ۽ ضابطا ٺهڻ، مقدس مذهبن

جو وجود ۾ اچڻ، اشارن جي ٻوليءَ کان وٺي آوازن جي ٻوليءَ جو جنم، پڪٽوگراف (شڪل واري ٻولي) لکت جي لپين جي شروعات، پٽن، پٿر ۽ ڪپڙي تي تاريخ جي سرجڻ کان وٺي جديد سائنس ۽ ٽيڪنالوجيءَ جي ڪمپيوٽر واري زماني تائين ڦهچندي ڦهچندي انسان ڪڏهن پوتاميل ڪئي آهي تہ فطري ۽ قدرتي سببن ڪانسواءِ پنهنجي هٿان پنهنجن ڪيترن ڀائرن جي قيمتي حياتين جو انت آندو اٿس؟ دنيا جون جنگون ۽ ڦرلٽون ڪنهن ڪيون آهن؟ انسانيت جي عظمت جي قدر لاءِ قانون ڪنهن ناهيا ۽ ڪنهن ٽوڙيا آهن؟ ڌرتيءَ جي هن گولي تي ماڻهوءَ ئي ماڻهوءَ جو رت وهائڻ جي ذهني مرض جهڙي خطرناڪ جنون ۾ مبتلا رهيو آهي يا ٻي ڪنهن گولي جي ٻي ڪا مخلوق ملوث رهي آهي؟ هٽلر، هلاڪو ۽ چنگيز بہ هن ڪائنات ۾ "اشرف المخلوقات" جو عظيم درجو رکندڙ "انسان" جهڙي جيوت سان تعلق رکندڙ هئا يا نہ؟ جتي ڌرتيءَ تي انسانيت جو ڳاٽ اوچو ڪندڙ انسان پيدا ٿي انسانيت ۽ ماڻهپي جو مان وڌايو آهي اتي ماڻهو ماڻهپي مان نڪري "انسانيت" جو ڪنڌ ڪپايو اٿس. پهرين ۽ ٻي عالمي جنگ سميت جيڪي بہ ڦڏا ۽ فساد "انسان" جي زندگيءَ جي انت جا سبب بڻيا سي سڀ انسان جي فتوري ذهن جي پيداوار آهن.

سنڌ ۾ غربت، بُک، بدحالي ۽ بيروزگاريءَ سبب، پوئتي پيل ماڻهن ۾ اڪثريت مسڪين، مزدور ۽ پورهيت انسانن جي آهي، سندن پريشانيءَ جو سبب بہ ڪروڙين سالن کان مظلوم طبقن جي پريشانين جو تسلسل سان جُڙيل آهي. غريب انسانن جي ڏکن، تڪليفن ۽ پيڙائن جا سبب ۽ ذميوار، تقريبن سڌي يا اڻسڌيءَ طرح هن ئي معاشري سان تعلق رکندڙ جابر ماڻهن جا مظلوم انسان دشمن رويا، سازشون ۽ سوچون آهن. جنهن سبب هن سماج جو پُرامن ماڻهو يا تہ باغي بڻجي ظالم قوتن جو انت آڻيندو آهي يا پنهنجو انت آڻيندو آهي. سماج جون ڏنل ذهني پريشانيون، مصيبتون ۽ عذاب انساني عقل ۽ شعور جا ويري بڻجي ويندا آهن. اهڙي ڪشمڪش جهڙي خطرناڪ ذهني ڇڪتاڻ ماڻهو کي هوش، عقل ۽ مت جي دائري مان ڪڍيو ڇڏي. ان صورتحال ۾ ماڻهوءَ جي من اندر مان ڦوپٽ جي ڦرن جهڙا خوبصورت انساني احساس ۽ قدر ڀرلوڪ پڌاري ويندا آهن. حسين خيالن وارن عظيم دماغن تي بہ وحشتپڻو قابض ٿي ويندو آهي. ان ذهني ڪشيدگيءَ جي صورتحال ۾ ڌرتيءَ جي گولي تي زمانن کان جهيڙيندڙ عقل وارو مضبوط جيوت "انسان" صفا هيڻو ۽ نازڪ بڻجي پنهنجو انت بہ آڻي ڇڏيندو آهي تہ ٻي انسان کي بہ اک ڇنب ۾ قتل ڪري ڇڏيندو آهي. آڳهات جي خيالن جي گردش ۾ وڪوڙيل انسان جي ذهني ڪيفيت جي صورتحال ڪهڙي هوندي؟ اهو سوال ضرور بحث طلب آهي، هڪ طرف اهو ماڻهو هن سماج سان منهن مقابل ٽيڻ جهڙو قابل ثابت نہ ٿي شڪست قبولي پنهنجو انت آڻيندو. ڇا پاڻ کي قتل جهڙو خطرناڪ عمل ڪو ڪمزور دل ماڻهو بہ ڪري سگهي ٿو؟ سڌو سنئون موت جي منهن ۾ وڃڻ بہ بزدلي نہ پر بهادري وارو عمل سمجهيو وڃي ٿو ۽ جيڪڏهن خودڪشي ڪندڙ فرد بهادر بہ آهي تہ جيءَ لاءِ جوکائتو قدم کڻي ٻي وقتائتي موت کي قبولڻ جي همت بہ رکي ٿو تہ ڇا اهو ماڻهو هن سماج ۾ پاڻ سان لاڳاپيل ننڍن وڏن مسئلن کي منهن ڏيئي حل ڪرڻ جي صلاحيت نٿو رکي؟ ڪائنات ۾ ڪروڙين سالن کان

اجگر مسئلن سان مهاڏو اٽڪائيندڙ انسان صفا ايترو ڪمزور بہ ٿي سگهي ٿو جو مانيءَ ۾ پنج منٽ دير ٿيڻ جي ڪري بہ پاڻ کي قتل ڪري ڇڏيندو؟ اهو فرد پاڻ سان لاڳاپيل محبت ڀرين مقدس رشتن کان خوشي کسي کين کن پل ۾ دردن جي کوري ۾ اڇلائي ڇڏيندو؟ جتي هو سموري حياتي وڇوڙي جي باهہ ۾ ٻرندا رهندا آهن. اهي سمورا سوال هن سماج ۾ آڳهات ڪري حياتي جو ڏيئو اُجهائيندڙ سمورن فردن سان وابسطہ آهن. اهي سوال ڪيترن سوالن کي جنم ڏين ٿا. هڪ قيمتي انساني جان جو ڏکوئيندڙ موت هن مهذب سماج ۽ ترقي جي بلندين تي پهتل تهذيب يافتہ معاشري جي عدل ۽ انصاف تي سواليہ نشان هڻي ٿو. سنڌ ۾ خودڪشين جي شرح روز وڌندي وڃي، اهڙي پريشان ڪندڙ خطرناڪ صورتحال کي دل جي اکين سان پسي رڳو ڳوڙها ڪونہ ڳاربا. پر انهن حالاتن کي بدلائڻ لاءِ عملي قدم کڻي انسانن جون حياتيون بچائڻيون پونديون.

❖

# جڏهن خيال "خودڪشي" ڪن

ڪائنات ۾ ايڏي جاکوڙ جفاڪشي، جدوجهد ۾ رت ولوڙڻ بعد اشرف المخلوقات جو درجو حاصل ڪندڙ عظيم جيوت "انسان" جي ڌرتيءَ جي گولي تي باقي سجاٽپ، ڪارج ۾ ڪردار وچي ڪهڙو رهيو آهي؟ انسان امن جي ڌرتيءَ تي امن قائم ڪيو يا امن تباهہ ڪيو؟ ماڻهو انساني نسل جي بقا جي جنگ ڪيتري لڙي ۾ پنهنجي نسل ڪشي ڪيتري ڪئي؟ مقدس مذهبن جي آڙ ۾ خودڪش بمبار (بم سان آپگهاتي حملا ڪندڙ) معصوم انسانن کي قتل ڪري ڇا حاصل ڪيو ۾ ڇا وڃايو؟ يا پنهنجي سِر وڃائڻ سان گڏ بي گناهہ معصوم انسانن جون قيمتي جانيون ضايع ڪري ڪهڙو ثواب ماڻيو؟ ان غيرفطري عمل جا ابتا اثر ڪروڙين سالن تائين انساني تاريخ ۾ سماجن جي بيهڪ ئي بدلائي ڇڏيندا آهن. ميڊيائي خبرن موجب هيستائين بم ڌماڪن ۾ پاڻ کي اڏائيندڙ آپگهاتي بمبار گهڻو ڪري ڪچڙي دماغ جا نوجوان ئي هوندا آهن. سنڌ سميت دنيا ۾ هر هند خودڪشي ڪندڙ ماڻهن ۾ وڏو انگ نوجوانن جو ڏنو ويو آهي.

## هاڪاري شين جو ناڪاري استعمال

اهو هن ڪائنات جو پيانڪ الميو چئبو جڏهن هاڪاري شيون ناڪاري ذهنن جي ور چڙهي هن حسين ڪائنات جي هنئين تي ٻارڻ ٻڻجي ٻرن ٿيون. انسانيت جو گس ڏسڻ لاءِ وجود ۾ آيل مذهبن کي ماڻهن پنهنجي مفادن لاءِ استعمال ڪري ڌرتيءَ کي رت سان وهنجاري ڇڏيو آهي. بلڪل ائين ئي هن دنيا جون ڪيترين ئي ڪارآمد شيون جن انسان ۾ انسانيت لاءِ عذاب ٻڻجي هن جنت جهڙي جڳ کي دوزخ ٻڻائڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي آهي. هن حسين ڪائنات ۾ انسان جو بنيادي ڪم اهو آهي تہ انسانيت جي عظمت جو تقدس پائمال ٿيڻ نہ ڏي.

## آپگهاتي بمبار

مذهبي انتهاپسند آپگهات ڪرڻ لاءِ بم ۾ جيڪو متيريل استعمال ڪندا آهن. بنيادي طور اهو ڌماڪيدار متيريل فقط ترقياتي ڪمن لاءِ ڪتب آڻڻ خاطر بم جي شڪل ڏيئي جوڙيو ويو هو جنهن سان سالن جا سال اوچن جبلن کي ٽُڪي رستا ناهڻ يا وڏا بند توڙڻ لاءِ پنهنجيون حياتيون ڳاريندڙ پورهيت مزدورن کي آساني حاصل ٿي، هڪ ڊائنامينٽ بم کي کڏ کوٽي پورڻ بعد ڌماڪي سان اُڏائي ڏکين ۾ مشڪل ڪمن کي سيڪنڊن ۾ مڪمل ڪري قيمتي وقت، پئسو ۾ افرادي قوت جي سيڙپ کي بچايو ويو. جنهن سان دنيا جلد ترقيءَ جي راهہ تي گامزن ٿيڻ لڳي. ڊائنامينٽ بم، ڪلستر بم يا ايٽم بم

ناھڻ واري موجد سائينسدان جو اھو قطئي خيال يا مقصد ڪونہ ھوتہ سندس ايجاد "آپگھاتي حملن" لاءِ استعمال ٿينديءَ جنھن ۾ لکين انسان اجل جو شڪار ٿيندا. بي گناھہ ماڻھن جو رت ڌرتيءَ کي لال لھو سان لت پت ڪندو، انساني جسم جا ٽڪرا ھوائن ۾ اُڏامندا، ماڻھن جا گھر اُجڙي ويندا. آرمي پبلڪ اسڪول پشاور جي سانحي جيئن مستقبل جا معمار معصوم اسڪولي ٻار شھيد ڪري خودڪش بمبارن ھٿان موت جي ننڊ سمھاريا ويندا. آپگھاتي حملي ۾ انھن معصوم پوپٽن جي جي شھادت تي شاعر ايوب کوسي جو قلم ھن طرح رت رُنو

ڪٽي پوپٽن جا جنازا ھتن تي،
اٿي ويا مسافر ڇڏي ياڪرن کي،
ھوائن ۾ آھي شھيدن جي خوشبوءَ
پرين! اڄ اسان جي پُڇا ڪي ڇڏي ڏي.

ڊائناميٽ سميت ٻيا جنگي بارود ايجاد ڪندڙ سائنسدان نوبيل انعام جي خالق الفريڊ نوبيل کي پڻ پنھنجي ايجاد تي ان ڏينھن پڇتاءُ ٿيو، جنھن ڏينھن 1888ع ۾ سندس ڀاءُ لڊوگ نوبيل فرانس جي شھر ڪائزه ۾ گھمندي فرندي اتي گذاري ويو ھو ٻي ڏينھن ھڪ فرانسيسي اخبار غلطي سان لڊوگ نوبيل بجاءِ سندس ڀاءُ سائنسدان ڊاڪٽر الفريڊ نوبيل جي موت جي خبر "ڊائناميٽ" جي سخت مزمت ڪندي ھن طرح ھلائي تہ "ڊاڪٽر الفريڊ نوبيل موت جو سوداگر (The merchant of death dead) جيڪو ماڻھن کي مارڻ جا نوان نوان طريقا ڳولي شاھوڪار ٿي ويو ھو سو ڪالھہ مري ويو!" دنيا جي وڏي سائنسدان ڊاڪٽر الفريڊ نوبيل پنھنجي حياتيءَ ۾ پنھنجيءَ متعلق اھڙا ناڪاري تاثرات پڙھڻ بعد کي احساس ٿيو تہ سندس گذارڻ ڪانپوءِ ماڻھو ڪيس ڪھڙن لفظن ۾ ياد ڪندا؟ اھو منظر فرانسيسي اخبار ڪيس جيئري ئي پسائي ڇڏيو ھو. جنھن بعد خودڪش بم حملن جي مواد ايجاد ڪندڙ ڊاڪٽر الفريڊ نوبيل 27 نومبر 1895ع تي پيرس ۾ وصيت تي صحيح ڪئي،جنھن ۾ ھن ڄاڻايو تہ ھن سندس 250 ملين آمريڪي ڊالرن جيتري ملڪيت "نوبيل انعام" لاءِ وقف ڪئي آھي. نوبيل انعام ھر سال پنج ماڻھن کي بنان ڪنھن ذات پات رنگ نسل ۽ مذھب جي مت ڀيد جي فرق ڪانسواءِ صرف ڪارڪردگيءَ جي بنياد تي ڏنو وڃي. جنھن ۾ ھڪ نوبيل انعام فقط "امن" قائم ڪرڻ لاءِ زبردست ڪوششون ونندڙ شخصيت کي ڏنو ويندو. ڪائنات جي آڳاٽي انسان ھٿيار پنھنجي بچاءَ خاطر جوڙيو، تہ جيئن مٿس جنگ جا خطرناڪ جانور حملو نہ ڪن ۽ ھو پاڻ بچائي سگھي، پر جڏھن انسان جدت ڏانھن وڌيو تہ سندس دشمن بہ تبديل ٿي ويا، ھتي تہ جانورن مان ڦري خود ماڻھوءَ ماڻھوءَ جو ويري ٿي پيو، تڏھن وري آڳاٽن ھٿيارن ڏڦو ڀالو ڪڙيالي لٺ، تير، تلوار ۽ ڪھاڙين سان جانورن بجاءِ انسان جو ڪنڌ ڪپجڻ لڳو جڏھن ھڪڙو ماڻھو ٻي ماڻھو کي مارڻ جي جنون ۾ مبتلا ٿي ويو تڏھن ڪيس آسانيءَ سان خون ريزي

ڪرڻ جو خيال آيو مختصر لمحن ۾ وقت بچائي جلد ڪان جلد گهڻا انسان قتل ڪرڻ جو خيال ڌرتيءَ تان انسانن جا ڪنڌ لڻڻ لڳو اهڙيءَ طرح جرمني، آمريڪا، جاپان ۽ برطانيا لاءِ هٿيارن جي ڪاروبار جي معيشت بڻجي وئي. ڪاروبار کي وڌائڻ لاءِ دنيا ۾ ڏکهي جنگ لازمي ٿي پئي، جديد هٿيارن جي فيڪٽرين ۾ رائفل، بندوق، پسٽل، ڪلاشن، ريپيٽر گن، ڏورون ناهڻ جا آرڊر اچڻ لڳا، دنيا کي دوزخ بڻائڻ جي انتهاپسندانہ سوچ کي فروغ حاصل ٿيو. دهشتگردي نفعي بخش عالمي ڪاروبار (معيشت) بڻجي وئي. ڌرتيءَ جي مقدس وجود تي ڪنڊيدار تارون وڇائي ماڻهن کي "عالميت" مان "محدويت" جي چار ۾ قيد ڪيو ويو. هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ وڃڻ لاءِ "ويزا" جا پروانا وٺڻ لازمي ٿي پيا. ماڻهن جي ورهائجڻ سان سندن سوچ بہ ورهائجي وئي. ڪائنات ۾ جڏهن انسان خطرناڪ گهوٽالي جو شڪار ٿيڻ لڳو تڏهن سموريون سرگرميون ترڪ ڪري "آپگهات" تي لهي آيو. مستقل مزاجي سان مقابلو مضبوط فڪر، سوچ ۽ خيال ڪندا آهن، جڏهن خيال شڪست قبولي وٺندا آهن تہ ماڻهو مان مقابلي جي قوت سماپت ٿي ويندي آهي. انسان جي اندر موجود "قوت مدافيت" بہ خودڪشي جي راهہ وٺندي آهي، اهو فطرت جو پختو پڻ قانون بہ آهي. جنهن کي بدلائڻ انسان جي وس ڳالهہ ناهي، فطرت سان هٿ چراند جا نتيجا يعني هاڪاري شين جي ناڪاري استعمال جا فطري نقصان ايڏا تہ خطرناڪ هوندا آهن، جنهن جو نلهو تصور بہ هڪ اهلِ دل انسان کي لوڏي وجهندو آهي. جڏهن انسان پاڻ سميت پنهنجي ايندڙن نسلن ۽ هن ڪائنات جي هر انسان سميت هر جاندار لاءِ هاڪاري سوچ رکندو تہ انسانيت جي عظمت بُلند ٿي ويندي آهي. "اشرف المخلوقات" وارو اعزاز بہ نهڪي اچي ٿو ۽ انسان هن ڪائنات لاءِ مسيحا بڻجي ويندو آهي. ان ڀلائي واري سوچ سان ماتا جهڙي خطرناڪ وبا، معذوري جهڙو عذاب ڏيندڙ پوليو، سلهہ سميت ڪروڙين انساني حياتيون ڳڙڪائيندڙ ٻين خطرناڪ بيمارين کي هميشہ لاءِ ختم ڪرڻ خاطر رات ڏينهن کوجنا ڪري علاج ايجاد ڪرڻ جي سوچ جي تصور کي حقيقت جو روپ ڏيئي ڪروڙين انسانن کي اجل کان بچائي بہ ٿو پر جڏهن اهوئي انسان "انسانيت" جي دائري مان ٻاهر ٿي ناڪاري سوچڻ شروع ڪندو آهي تہ سندس ذهن ۾ شيطانيت جا ڪائنات ۽ فطرت دشمن خيال پيدا ٿين ٿا. جيڪي ڪيس خودڪش حملن ۽ جنگن ۾ انسانيت جو رت وهائڻ لاءِ اتساهن ٿا. ڪن پل جي کيل ۾ انسان جي ذهن ۾ بهتري ۽ بدتري جا خيال جنم وٺن ٿا، جيڪي هن ڪائنات کي جنت بہ بڻائڻ ٿا تہ دوزخ بہ. دنيا جون ڪيتريون شيون حادثاتي بہ آهن تہ ڪيتريون شيون انسان جي ذهني فتور جو نتيجو بہ آهن.پٿر ڪان مضبوط ماڻهو مکڻ جهڙو نازڪ بہ بڻجي ٿو تہ دل شڪستو ٿي پنهنجو انت بہ آڻي سگهي ٿو. اهڙا مثال هن ڌرتيءَ تي لکين ملندا. انساني ذهن ۾ خودڪشيءَ جا خيال بہ هن ڌرتيءَ جي گولي سان لاڳاپيل اتفاقي توڙي حادثاتي حالات سان منسلڪ آهن. خودڪشيءَ جا واقعا هن زماني جي پيداوار ناهن، بلڪ آڳاٽي انسان کان وٺي هن جديد دؤر جي نئين ماڻهو جڏهن بہ همت هاري ۽ مايوسين جي کُن ۾ غرق ٿيو آهي، تڏهن ڪيس "آپگهات" ڪانسواءِ ٻيو ڪو حل نٿو سُجهي، ماڻهو پاڻ سان لاڳاپيل دنياداري مسئلن جو حل خودڪشي ۾ ڳولي ٿو. پر ڪيس اهو بہ پتو هئڻ گهرجي تہ "مئن ڪهڙا مامرا؟" مسئلا تہ آهن ئي حياتيءَ

سان، موت تہ مسئلن سان گڏ ماڻهو جو بہ انت آهي. سخت ذهني انتشار جو شڪار ماڻهو مسئلن کان خوف کائي ٿو پر موت جهڙيءَ زندگي جي ڀيانڪ پُڄاڻي جي پنڌ تي پلاڻي ٿو. ڪن پل ۾ سڀ ڪجهہ سماپت ٿي ويندو آهي. رهجي ويندا آهن پنهنجن پيارن جا مايوس ۽ پريشان چهرا، روج راڙو، خاموش تڏو وري ڪجهہ ڏينهن جي غم زده ماحول بعد ڀيهر زندگيءَ جو ڪار وهنوار روان دوان هوندو آهي.

❖

# خودڪشي ڪندڙ ماڻهن جي ذهني ۽ نفسياتي ڪيفيت

خودڪشيءَ جو عمل بهادري آهي يا بزدلي؟ اهو نهايت اهم سوال آهي. پر اهو تہ واضح ۽ چٽي حقيقت آهي تہ "آپگهات" ڪندڙ شخص دنياداريءَ جي نظام ۾ نااهل ثابت ٿيو جنهن سبب هُن پنهنجي شڪست جو انتم اقرار تہ پاڻ کي غيرفطري موت ماري ڪيو. "آپگهاتي" ماڻهو خودڪشيءَ جي عمل دوران ڪهڙي ذهني ڪشيدگيءَ جي سوچن جي گهيري ۾ قائل رهيو؟ سندس حياتي سان لاڳاپيل مسئلن کي حل ڪرڻ جي صلاحيتن کي استعمال ڪرڻ بجاءِ موت کي ترجيح ڏيڻ وارين سوچن جي ڪيفيت. انتهاپسندائڻ خيالن جو غلبو ۽ دماغ مان هاڪاري سوچن جو مڪمل ڏڪار ئي حياتي جي حسين احساسن جو انت آڻي ٿو. جڏهن ماڻهو جي من اندر جا خوبصورت احساس پرلوڪ پڌاري وڃن تڏهن زنده ماڻهو بہ لاش بڻجي ويندا آهن. زنده لاش بڻيل جيئرو جاڳندو ماڻهو اهو سوچيندو آهي تہ "سندس وجود هن ڌرتيءَ تي اجايو بار آهي" اهڙن احساسِ محرومي وارن خطرناڪ خيالن ڪيترين ئي حياتين جي ٽڙندڙ گلابن کي وقت کان اڳ مُرجهائي ڇڏيو آهي. خودڪشي ڪري حسين حياتي جو روشن ڏيئو پنهنجن هٿن سان اُجهائيندڙ آپگهاتي انسان جي ذهن ۾ موت کي گلي لاهڻ ڪانسواءِ بيو ڪو بہ خيال جنم نٿو وٺي. سندس ذهن مان "خودڪشي" جو خيال منتشر نٿو ٿئي. اهو خيال جيئن پوءِ تيئن پڪو پختو ۽ مضبوط ٿيندو وڃي ٿو. اهو پڻ ممڪن آهي تہ معاشرتي مسئلن کي عقل،ڌيرج، سوچ، فهم ۽ ويچار سان حل ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام بڻيل ماڻهو توڙي جو پنهنجي من اندر ۾ پچي پور پور ٿيل هوندو بہ آهي. پر اهڙا بہ مثال موجود آهن جڏهن اهو "آپگهاتي" ماڻهو حالتن جي طوفانن ۾ پن پن ٿي وڪرڻ باوجود بہ پاڻ سميٽڻ جي ڪوشش ڪندي ڪندي ٿڪي، ٽُٽي، مايوس ٿي بہ زندگي سان پيار ڪري ٿو. يعني خودڪشي جي خيالن جي ڄار ۾ مڪمل طور قائل هوندي بہ ڪڏهن ڪڏهن هو پيار جي جذبن جو اظهار ڪري زندگي جي حسين هجڻ جو ڪليو اظهار بہ ڪري ٿو. حياتي ۽ موت جي وچ ۾ موجود اڪ چنب جيتري فاصلي تي موجود ماڻهو کي ذهني ڪشمڪش، ڪشيدگي ۽ انتشار جو شڪار ٿيڻ بعد پنهنجن ئي حسين خيالن ۽ خوابن تان دستبردار ٿيڻو پوي ٿو. شاعر معصوم سوندرائي جو هي نثري ٽُڪرو خودڪشي ڪري زندگي جو انت آڻيندڙ آپگهاتي جي لاش بابت سمنڊ جي سوچ جي ترجماني هيئن ڪري ٿو. ان چند سٽن کي سمجهڻ جي ضرورت ان ڪري آهي جو "خودڪشي" ڪندڙ ماڻهوءَ بابت هن سماج جي ماڻهن جي سوچ ڪهڙي هوندي؟

"سمنڊ مونکي
اهو چئي موٽائي ڇڏيو،
خودڪشي زنده ماڻهو ڪندا آهن،
تون مئل آهين،

۽ مان لاش کي گھڻي دير تائين،
برداشت ناهيان ڪندو،
آئون اڄ بہ،
خالي هٿين گھر موٽيو آهيان،
هُن کي چئجو
تہ فاتح پُراڻي ناهي ٿيندي،
لاش پُراڻو ٿي سگھي ٿو”

## انساني سوچ ۾ ڪشيدگي ۽ ڇڪتاڻ

زمانن پُڄاڻان هاڻ اهو بحث بلڪل چٽو، واضح ۽ ثابت ٿي چڪو آهي تہ ڪائنات جو وجود بہ “تضاد” تي ٻڌل آهي، تنهنڪري هر عمل جو ردعمل هجڻ فطري عمل آهي. دنيا جا سمورا مسئلا، واقعا ۽ حادثا بہ ڪنهن نہ ڪنهن تضاد جو نتيجو آهن. انهن معاملن جي تحقيق گهرائيءَ سان ڪري زميني حقيقتن کي باريڪ بينيءَ جي اک سان جانچي جونچيءَ ڳالهين جي ڳر تائين پهچڻ لاءِ عقل ۽ برداشت جي اهم ضرورت هوندي آهي، پر ماڻهو مسئلن جي چار ۾ جڪڙجڻ بعد عقل، هوش، حواس وڃائي خطرناڪ “جذباتيت” جي ڪيفيت ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي، اهو رويو حقيقت ۾ “چريائي” موت جي ديوانگي چئجي ٿو. چريائي يعني ذهني طور مريض ٿيل (ايب نارمل) ماڻهو تہ پنهنجو بہ انت آڻي سگهي ٿو تہ ٻي ماڻهو کي قتل ڪري سگهي ٿو. عام طور تي انسان پنهنجي علم، عقل ۽ شعور سان دنياداري سان نبري معاشرتي مسئلن کي حل ڪرڻ، سماجي ڍانچي ۾ پاڻ کي فٽ ڪرڻ لاءِ آڳاٽي زماني جي ارتقائي دؤر کان پتوڙيندو اچي ان ئي ڪشمڪش سان هن جديد زماني ۾ داخل ٿيو آهي. پر انسان دنياوي ڪاروهنوار ۾ مجموعي طور شديد گهوٽالي جو شڪار ٿيندو وڃي ۽ پنهنجن ئي پيدا ڪيل مسئلن جي خطرناڪ چار ۾ سلجهڻ بجاءِ الجهندو اچي غيرفطري موت جي راڪاس اڳيان پاڻ پيش ڪري ٿو. ذهني ڪشيدگي ۽ نفسياتي ڇڪتاڻ جو رويو هڪ حسين من رکندڙ انسان جي مزاج ۽ روين ۾ داخل ٿيڻ جو سبب ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ سماج جو هڪ ذميوار فرد خوبصورت جيون جو انت آڻي موت کي گلي لڳائي هميشہ لاءِ هن ڪائنات مان پاڻ کي فنا ڪرڻ لاءِ تيار ڪيئن ٿيو؟ هن جنت جهڙي حقيقي ڪائنات کي ڇڏي خيالي جنت خاطر “آپگهات” ڪري پاڻ سان گڏ ٻين لاتعداد ماڻهن کي بہ غيرفطري موت جي ننڊ سمهاري هن ڌرتيءَ کي دوزخ ٺاهڻ جهڙو رهزنيت، سفاڪيت، درندگي، ظلميت جهڙو خطرناڪ خيال سندس نازڪ من ۾ ڪيئن داخل ٿيو؟ دنيا کي پگهر جي پورهئي سان ڪمائي کارائيندڙ نهايت مضبوط ماڻهو ۽ خدا جو دوست پورهيت غربت جي ازلي حالاتن اڳيان همت ڪيئن هاري خودڪشي ڏانهن وڌيو؟ دنيا جا نفسياتي ماهر ۽ مسيحا انهن سوالن جي جڙ تائين پهچي وڃن تہ دنيا ۾ خودڪشيون بہ ختم ٿي وڃن. دنيا تان آپگهات جي طوفان جو عذاب ٽري وڃي، معصوم وقت کان اڳ يتيمي جي عذاب کان بچي

وجن، سهاڳڻين جي سينڌ ڪڏهن بہ ميري نہ ٿئي، مائرن جون جهوليون خودڪشي جهڙن غيرفطري موت سبب ڪڏهن بہ خالي نہ ٿين، وٽن ۾ تنگيل لاشن سبب ڳوٺن جي فضا ۾ سوڳواري هرگز نہ هجي، ڪچن رستن تي ايمبوليـنس جا سائرن هينئون نہ ڦاڙين. فقط انسان پنهنجي انسان ڀاءُ تي رحم ڪري، سندس ڏکن، سورن، عذابن ۽ تڪليفن ڪي گهٽائڻ لاءِ پنهنجو هاڪاري ڪردار انسانيت جي ناتي ايمانداريءَ سان نڀائيندي انسان ڪي گهوٽالي مان ڪڍڻ جي پنهنجي وس آهر ڪوشش ڪري ۽ سندس ذهني چڪتاڻ ۽ ڪشيدگي ڪي گهٽائڻ لاءِ مرهم جهڙن نرم روين جو واهپو وڌائي تہ دنيا جي لکين ذهني مريض بڻيل انسانن جا غيرفطري موت (خودڪشيون)، مڪمل ختم ڪٽي نہ بہ ٿين تڏهن بہ آڳهاتن جي وڌيل شرح ۾ خاطر خواهہ گهٽتائي ضرور ايندي. انسانيت جا عظيم ۽ اعليٰ قدر بچي سگهن ٿا.

## احساسِ ڪمتري جي سوچ

عام طور معاشري ۾ انسان جي سماجي زندگيءَ جو ڪار وهنوار هڪٻئي جي ڏيٺ ويٺ جو نمونو ۽ مثال هوندو آهي. آسپاس جو سماجي ماحول، ريتون، رواج ۽ رسمون انسان جي زندگيءَ تي گهرا اثر ڇڏين ٿيون. اهي سموريون شيون جهڙي بہ رخ ۾ هجن پر سماج جي اڪثريت جو رجحان ان طرف وڌي ويندو آهي. پوءِ انهن حالتن سان واڳيل سموريون شيون وري بہ ٻن رُخن ۾ هونديون آهن. يعني ان معاشري جو سماجي رجحان هاڪاري هجي يا ناڪاري؟ ماڻهن جي سوچ عارضي طور ئي سهي پر اجتماعي خيالن ۾ هڪجهڙائيءَ جو شڪار ضرور ٿيندي آهي. ماڻهوءَ جي توجهہ ۽ خيالن جو مرڪز بڻجي ويندو آهي. اهڙي ريت سماج ۾ سڀ ماڻهو هڪجهڙا امير ترين ۽ مال ملڪيت،سک ۽ آسائيشون رکندڙ نٿا ٿي سگهن، هر ماڻهو جا حالات ٻي ماڻهو کان مختلف آهن.انهن معاشي سببن جي ڪري جڏهن سماج ۾ اٽبرابريءَ جي رجحان کي فروغ ملي ٿو تڏهن وري بہ ماڻهن جي اڪثريت هاڪاري ڪوشش ڪرڻ بجاءِ پنهنجن ذهنن تي ناڪاري خيالن جو غلبو مسلط ڪري احساسِ ڪمتري جهڙي خطرناڪ ذهني ۽ نفسياتي چڪتاڻ جهڙن مرض ۾ مبتلا ٿي ويندي آهي. نتيجي ۾ خواهشن جو قتل عام ٿيندو آهي، هن معاشري ۾ سکن ۽ آسائشن جو متلاشي ماڻهو آسون ۽ اميدون پوريون نہ ٿيڻ ڪري احساس محروميءَ جهڙي ڪيفيت ۾ جڪڙجڻ بعد جيئن پوءِ تيئن نفسياتي بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي سندس سوچ "آتم هتيا" جهڙي انتهائي قدم ڏانهن وڌندي آهي. احساس محرومي جو شڪار ٿيل ماڻهو جي مزاج، طبيعت ۽ خيالن ۾ روز بہ روز چڙ، تنگدلي، بخيلي ۽ جذباتيت جا خطرناڪ رويا غالب ٿيندا ويندا. نتيجو وري بہ "خودڪشيءَ" تي ختم ٿيندو. احساسِ محروميءَ جهڙو خطرناڪ نفسياتي مرض سماج جي مضبوط ماڻهن کي ٽوڙي ريزه ريزه ڪري ڇڏيندو آهي، پٿر جهڙو ماڻهوءَ بہ پنهنجي من اندر ۾ ٽُٽي، ڀڄي، ڀُري، ڪري پوندا آهن. ماڻهو منجهہ موجود مسئلن سان مقابلي جي فطري قوت فنا ٿيندي پنهنجي منطقي انجام طرف وڌندي آهي ۽ ماڻهو "آپگهات" ڏانهن وڌندو آهي. ماڻهو ختم ٿيندو آهي تہ ساڻس لاڳاپيل مسئلا بہ ختم ٿي ويندا آهن. پر فقط هڪڙي ننڍڙي ڳالهہ انسان کي آپگهات کان اڳ ذهن نشين ٿئي تہ

سندس نہ پوري ٿيڻ جهڙين اجائن خواهشن ۾ پنهنجن ئي پيدا ڪيل مسئلن جو حل "خودڪشي" تہ ڪنهن بہ ريت ناهي. يا هن پرٺوي تي ساٿس ڏاڍين ۾ جابر قوتن پاران ٿيل ظلم ۾ زيادتين جو انتقام "خودڪشي" ڪري پاڻ کان وٺڻ ڪهڙي عقلمندي ۾ سنجيدگي چئبي؟ آتم هتيا ڪهڙي بہ ريت مسئلن جو حل ناهي.

## اضافي "احساس برتري" بہ حقيقت ۾ "احساسِ محرومي" آهي.

توڙي جو انسان پنهنجن پنجن حواسن ٻڌڻ، ڏسڻ، چکڻ، سونگهڻ ۾ محسوس ڪرڻ ڇهڻ جهڙين حسن سان فطري طور نوازيل آهي. پر ڪي ڏاها ماڻهو چون ٿا تہ ڪجھ انسانن ۾ ڇهين اضافي حس بہ موجودآهي،(جيئن پکي ۾ جانور، ماڪوڙين جي اها محسوساتي حس ڏاڍي تيز آهي، اهي حيوان زلزلي، طوفان ۾ بارشن سميت ٻين امڪاني قدرتي آفتن، تباهين ۾ ٻين لاحق خطرن کان اڳواٽ باخبر رهڻ، شور مچائي خطري جو سائرن وڄائي ٻين تائين پيغام پهچائڻ جي ڪم اچي ٿي) ان فطرت جي انهن شاهڪار تحفن جهڙن حواسن جي ڪري ۾ سوچڻ جي سگهہ رکڻ سبب ئي هن ڪائنات ۾ انسان "اشرف المخلوقات" جو عظيم درجو ماڻي ويو. ان احساسِ برتري ئي انسان کي احساس ڪمتريءَ جهڙي نفسياتي مرض ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. پکين ۾ جانورن ۾ هيٺا ۾ ڏاڍا آهن. اهي هڪٻئي جو شڪار ٿين ٿا، اهي هڪٻئي جي خوراڪ بہ ٿين ٿا، معنيٰ تہ اهي جيوت بہ مسئلن جو شڪار آهن پر پوءِ بہ پکي ۾ جانور تہ آپگهات نٿا ڪن. اعليٰ دماغ رکندڙ انسان ئي معمولي ڳالهين تي همت هاري موت کي ترجيح ڏي ٿو.

## خودڪشي ڪندي بچي ويل ماڻهن جا احساس

خودڪشي جي موضوع سان منسلڪ ڪيترين ئي ڳالهيون آهن جيڪي اجان بہ وڌيڪ تحقيق جون طلبگار آهن. هي ڪتاب لکندي مونکي انهن ماڻهن سان ملڻ جو موقعو بہ مليو جيڪي پنهنجي حياتي ۾ هڪ کان وڌيڪ دفعا خودڪشي جون ڀرپور ڪوششون ڪري چڪا آهن، پر ڪين وقت سر طبي سهولتون ملڻ ڪري سندن حياتي بچي وئي. انهن ماڻهن مان ڪجھ ماڻهو تہ هاڻ تمام خوش حياتي گهاري رهيا آهن. ڪين پنهنجي ڪنيل قدم تي شديد پڇتاءُ بہ ٿئي ٿو. انهن جو موقف آهي تہ سندن خودڪشي وارو قدم نهايت ئي جذباتي ۾ چريائپ وارو هو. هنن کي پنهنجي حياتي بچي وڃڻ جي خوشي پڻ آهي. انهن کي زندگي سان پيار پڻ آهي. اڳتي هو ٻين ماڻهن کي نصيحت ڪندي چون ٿا تہ "اسان موت کي صفا ويجهڙائي کان ڏٺو آهي، هاڻ موت جو ڀيانڪ تصور ذيل ڏڪائي وجهندو آهي" انهن کي ماڻهن کي حياتي جو حقيقي احساس بہ هاڻ ٿيو آهي تہ زندگي ڪيڏي حسين آهي.

## حياتي بچڻ جي ڪا خوشي ناهي

هن سماج ۾ ڪجھہ ماڻهو اهڙا بہ آهن جن زندگي کان هارجي، مايوس ٿي حياتي کي الوداع ڪرڻ خاطر چار چار دفعا خودڪشي جون ڪوششون پڻ ڪيون پر هر دفعي کين "اتفاقي زندگي" مليو وڃي، پر ان جي باوجود هر دفعي مليل حياتي جي حسين تحفي جي کين ڪا بہ خوشي ناهي، ڪو پڇتاءُ يا احساس بہ ناهي، اهي ماڻهو حياتي وري بہ ائين گهاري رهيا آهن ڄڻ حياتي ڪو بار هجي،جنهن کي لاهڻ جي ڪوشش ۾ هجن. زندگي کان وڌ موت جو ڳولا هجي، هو موت جي پويان پٽڪن ٿا. هو زندهہ رڳو ان ڪري آهن تہ کين غيرفطري موت سان جيون جو روشن ڏيئو اُجهائڻو آهي. بس انت آڻڻو آهي. اهڙي ذهنيت انتهاپسندي جي عروج تي پهتل هئڻ ڪري ڪنهن بہ ريت "عقليت" جي قريب ناهي هوندي.

❖

# سماج جا زهريلا رويا

سمورن جهونن جُڳن جو آڳاٽو ماڻهو، قديم دؤر کي ٽونا هٽي پوئتي ڌڪيندي ڇڏيندي، وجي جدت ۽ مهذبپڻي جون سڀيتائون سرجيائين، ڌرتيءَ تي سندس اڙانگي، مشڪل ۽ ڏکي پنڌ ڪيس ذهني ٿڪاوٽ جو شڪار بڻائي ڇڏيو. جتان سندس ذهن مان ڪارائتيون سوچون پرلوڪ پڌارينديون ويون، سندس عقل ۽ ذهن "گُندذهينت" جو شڪار ٿي سازشي خيالن جو محفوظ مرڪز ۽ اعليٰ آماجگاهہ بڻجي ويو. سندس سازشي ذهني نرسريءَ مان انيڪ خودڪش خيال ڦٽي نڪتا، جن سماج کي زهر آلوده ڪرڻ ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي. ڪائنات جو پُرامن انسان شدت پسند روين سان متعارف ٿيندي، مقدس "ماڻهپي" تي ڪارو داغ بڻجڻ لڳو. فطرت جي ازلي عاشق انسان "مصنوعيت" ۾ پناهہ ڳولي ڪوهہ جو ڏيڏر بڻجندو ويو. سندس عالم گيريت جي شاندار سوچ "آئون" تائين محدوديت جي سوڙهي دائري ۾ داخل ٿي خود انسان لاءِ قاتل، ويري ۽ جلاد بڻجي وئي. تاريخي طور تهذيب يافتہ ۽ ترقي پسند قومون بہ ان "انتهاپسندي" جي ذهني ڇڪتاڻ ۽ ڪشيدگيءَ مان آجيون ٿيڻ بجاءِ، ان سوچ جي لپيٽ ۾ اچي ويون. سطحي سوچڻ وارن تہ سمجهيو پئي تہ انسان وڏي ترقيءَ جي واٽ تي گامزن آهي، پر حقيقت ان جي بلڪل ابتڙ ٿيندي وئي، انسان شديد گهوٽالي جي ور چڙهي ويو. ماڻهو جڏهن ماڻهپي جي دائري مان ٻاهر پير ڪڍي، ٻي ماڻهوءَ کي آڳهات ڪرائي جيون جو روشن ڏيئو اُجهائڻ لاءِ مجبور ڪري، ۽ هڪ انسان جي قيمتي حياتيءَ جي ڏور ٽُٽي پوي، عظيم انسانيت لاءِ اهڙي معاشري جو قيام ئي "امن" ۽ "انسانيت" جو اختتام ڇئبو. جنهن کي انساني تاريخ جو خطرناڪ الميو سمجهڻ گهرجي. ڪائنات ۾ عظيم انسان جو درجو رکندڙ انسان ڏسندي ئي ڏسندي زندگي جي تلاش ۾ ڏڪوئيندڙ ۽ المناڪ موت جي شاهراهہ تي پهچي ويو. جتان سندس واپسي ناممڪن بڻجي وئي، ڌرتيءَ جي گولي تي بم، بندوقن، مارٽر گولن، ڪلاشن، رائفل ۽ ڊورن سميت ايٽمي هٿيارن ذريعي دنيا جي مهذبپڻي جي لباس ۾ لڪل "ماڻهو" پاران، پنهنجي ٻي انسان پاءُ پويان موت جو راڪاس ٻڇيو ويو. پُرامن ڌرتيءَ تي آزاديءَ سان ساهہ کڻڻ جي ڳولاءِ ۾ ڊوڙائي، پڄائي ساڻو ۽ هيڻو ڪري ٿڪايل، ٽُٽل، پڄي پور ٿيل مسافر ماڻهوءَ کي هٿيارن بجاءِ سماج جي روين قتل ڪري ڇڏيو. سندس خودڪشي تہ موت جو هڪ ظاهري سبب آهي پر ان موت جو ڪارڻ تہ هي انڌو سماج ئي تہ آهي جنهن سبب ڪائنات جو معصوم انسان خنجر جي نوڪ ۽ پٿون جي ڏنگ جهڙن روين کان تنگ ٿي "آپگهات" ۾ سڪون ڳوليندي، تتل رڻ ۾ پٽڪي ويو. جتي واٽون ويهہ ٿيون، ڪو ڄاڻان ڪهڙا پرين؟" جتان سندس واپسي دردناڪ خودڪشي جهڙي غير فطري موت سان ٿي، ڌرتيءَ تي هڪ نئين قبر جو اضافو ٿئي ٿو. اوڇنگارن جا دردناڪ آلاپ اڪين کي آلاڻ ارپين ٿا. پاڻ کي هن

ڏرتيءَ جيڏي اجگر گولي تي بار سمجهي خودڪشي ڪندڙ فرد جي معصوم يتيمن جون ڪيهون ۽ ريهون دل ڀوڙي دردن جو نوحو ٻڌجي وڃن. ڏک سڄي ڪائنات ۾ هڪجهڙي عذاب جو ذائقو رکي ٿو.

سماج جي اهڙن "تنگ نظر روين جي ڪري ماڻهو جو مقدس رشتن، پيچن ۾ ناتن تان ارواهہ ئي ڪڇي ويو. چتي ڪُتي جي ڪِگ جهڙا رويا امن جي ڳولائو ماڻهو جي ڀويان پئجي ويا. انهن اُبت ڪنڊٽي جهڙن سماجي روين ماڻهو کي وچڙائي وڌو. انسان ذهني عذاب ۾ سخت مايوسي جو شڪار ٿي پاڻ کي قتل ڪرڻ لاءِ سنپري پيو. شاندار زندگي جي تلاش ۾ ڪائنات جي سمورن ڏکن، تڪليفن، مصيبتن، عذابن سان جهيڙيندڙ مضبوط ماڻهو جي روح کي تير ۾ تلوارون زخمي نہ ڪري سگهيون پر سماجي رويا موت جي ننڊ طرف گهلي ويا. معاشري جي انهن زهريلن روين کان ماڻهو اُڪت مريو پوي ٿو. ماڻهو خودڪشيءَ ڪري پنهنجو انت آڻي ٿو انسان دشمن روين جي ڪري جيڪڏهن ڪو ماڻهو آتم هتيا ڪري ٿو تہ اهو "آپگهات" سان گڏ "قتل" بہ آهي. ان "خودڪشيءَ" جي نالي تي ٿيل قتل جا سبب هن سماج ۾ ڳولبا تہ آڙي پاڙي ۾ آسپاس مان ئي آساني سان ملي ويندا. پر اهي پيرا بہ ڊاهيا ويندا آهن جيڪي خودڪشين جي اصل ذميوارن جي درن تي ڪتن ٿا. نازڪ ۾ نفيس انسان پاران پاڻ مارڻ لاءِ انتهائي قدم کڻندي خود کي گولي سان اڏائڻ، پنهنجو ميڄالو ڪارتوس سان ڪيڏي ڇڏڻ، زهر پيئڻ، گلي ۾ رسو وجهي پاڻ کي ڦاسي ڏيڻ، باهہ ڏيڻ، کوهہ، واهہ، درياهہ ۾ ٽپو ڪري ٻڏي مرڻ، ڪارو پٿر کاهي انت آڻڻ، خود کي جهير ڏيئي مارڻ جهڙا عبرتناڪ عذاب انسان فقط هن سماج مان تنگ ۾ مايوس ٿي قبولي سگهي ٿو! ان ڀويان هن سماج جي نااصافين جي وارتائن جون دل ڏاريندڙ ڪٿائون وابسطا هونديون آهن. پر هن ڪشمڪش جي ڪيشيدگيءَ واري زماني ۾ سندن ڏک، سور، درد، آلاپ ۽ ورلاپ ڪير ٻڌندو؟

درد جو داستانو ڀلا ڪير ٿو ٻڌي؟

مصروف آ زمانو ڀلا ڪير ٿو ٻڌي؟

انتهائي قدم کڻي، موت جهڙي انتها جي درجي تي پهچڻ جو آپگهاتي فرد رڳو پاڻ تہ ذميوار ناهي ؟ ان ۾ هن سماج جي روين بہ ڪيس بدترين موت جي ويجهو آڻي سوگهو ڪيو. ان دَلدَل ۾ نينهن کان چوٽيءَ تائين جڪڙجي ويو. جتي حياتي ڪائنس ڏور ٿي بيني، موت ئي ڪيس گلي لڳايو. اهڙي ريت انسان اجل جي جڪڙ ۾ چوڪنيو ٻڌجي ويو. پاڻ فنا ٿي جيون ساگر جي مسئلن کي منهن ڏيڻ بجاءِ، موت جي منهن ۾ هليو ويو. ڪائنات ۾ هڪ غير ذميوار ۽ فطرت جو انڪاري انسان ئي زندگيءَ جي حقيقت کي تسليم نہ ڪندو. جيئڻ سک، آسائشون ۽ موت حياتيءَ جون حقيقتون آهن بلڪل ائين ڏک، سور، تڪليفون ۽ حادثا زندگي جون ڇتيون حقيقتون آهن.

## فراريت

ماڻهو مايوسين جي ڪُن ۾ گوتا کائي هٿ نوڪين. زوري ۽ زبردستي مڙهيل سماجي ريتن، رسمن، رواجن جي هٿان بہ "آپگهات" جي نالي "قتل" بہ ٿيو آهي. پر زندگيءَ جي مُندّل مسئلن کي پنهنجي

گوناگون، شاهڪار ۾ دنيا جي زليل سماجي ڍانچن کي ڊاهي پٽ ڪري نئون سماج اڏڻ جهڙين مايہ ناز صلاحيتن سان سلجهائڻ بجاءِ "آتم هتيا" ڪري پويان ڪائنات ۾ هڪ منفي پيغام ڇڏي ويو. دنيا جي ڪابہ شئي ناممڪن ناهي، فقط مري وري ٻيهر زندهہ ٿيڻ ئي ناممڪن عمل آهي. جيڪو انسان روز دهرائي پيو ٻيهر زندهہ ٿيڻ جي آس ۾ ڪيترن ئي وقت جي بادشاهن پنهنجا جسد خاڪ محفوظ بڻائي ڇڏيا. پر سندن اهي مميون هاڻ فقط عجوبن ۾ انسان جي ايندڙ نسلن لاءِ ٽڪيٽ تي ڏسڻ خاطر ۽ حيرت ڪائڻ لاءِ ميسر آهن. انهن آڳاٽن انسانن جا ڪِل جهڙا خيال ضرور رحم لائق تہ هئا، پر مرڻ بعد وري زندهہ ٿيڻ جي اميد زندگي سان پيار جو اعليٰ مثال آهي. جنهن کي قطعي طور نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. تنهنڪري سماج جا حل طلب مسئلا زميني حقيتن جي آڌار تي حل ڪرڻ جي سگهہ انسان ۾ تمام گهٽي آهي، پر ماڻهو ان لاءِ پتوڙڻ ۽ جاکوڙڻ بجاءِ فراريت ۾ حل ڳولي ٿو. "فراريت" جو رستو بہ موت جي ويجهو گذري ٿو. فرد لاءِ "فراريت" مايوس حياتيءَ جو مثال آهي. فراريت پسند ذهن جي خيالن جي اُڏار بہ ڪنهن حد تائين "آپگهات" جهڙي غيرفطري موت تي کُٽي ٿي. سماج جو نهايت ئي ذميوار فرد بہ حياتي جي مسئلن کان منهن ٽار ڪري گوشانشيني اختيار ڪري، فراريت حاصل ڪندو آهي. هڪ فراريت پسند فرد جي ذهني حالتن جي عڪاسي روحل ڪالرو جي هن نظم جي سٽن ۾ پسي سگهجي ٿي:

اک صُبُح نہ جانچيندي، ايئن ڀَري ڀَري ڇڏبي!
هر اُمنگ مُڱ ٿي پئي، دل ڪٽي ڏَري ڇڏبي!
ڪائنات جي خالي، جاءِ ڪجهہ ڀَري ڇڏبي!
رات آخري آهي، خود ڪشي ڪَري ڇڏبي!

"فراريت" زندگيءَ جي حسين رنگن کي طلاق ڏيئي ڇڏيندي آهي. ٻُسي حياتي تعميري سوچن جو ڏيٿ وارنٽ آهي. جيڪا زندهہ انسان کي هن سماج ۾ زندهہ لاش بڻجي گهلجڻ تي مجبور ڪري وجهندي آهي. فراريت جي جيوڙن ۾ مذهبي جنونيت، انتهاپسندي ۽ عقيدي پرستيءَ جا گس بہ نڪرن ٿا. جيڪي معاشرتي ڇوواٽي تي سماج جي هڪ سالم فرد کي روڳي بڻائي پاڻ ڏانهن ڇڪن ٿا. سڪون جي ڳولا ۾ زندگيءَ جي راهہ جو ٿڪل مسافر ڪهڙو بہ رستو اختيار ڪري سگهي ٿو؟

## تنهائي ۽ ويڳاڙپ

زمانن کان وقت ۽ حالتن سان جهِڙيندڙ انتهائي مضبوط ماڻهو بہ سماجي روين جي تيرن، مقدس رشتن جي ڏوکين ۽ دولابن، پنهنجتن جي ويساهہ گهاتين جي ڪاتين هٿان ڪُسجي، تنگدليءَ سان مايوسيءَ جي درياهہ ۾ لڙهي زهر جهڙي تنهائي، اڪيلائي ۽ ويڳاڙپ جو شڪار بڻجي ويندا آهن. "ويڳاڙپ" هن ڪائنات جو وڏو عذاب آهي. اها پڻ انسان جي قاتل آهي. محبتن جي ڏاڳي سان پريت جا

پرويل مقدس رشتا، دوست، احباب، محبوب، محسن، پاڪ پويتر ناتا زندگي ۾ بي معنيٰ ٿي وڃن تہ ان ذهني ويڳاڙپ جو شڪار بڻيل فرد وٽ هڪ حسين حياتي بہ بلڪل بي معنيٰ بڻجي ويندي آهي. حسين ڪائنات ۾ جيون ساگر جا سمورا حسين رنگ ڦڪا ٿي ويندا آهن. جنهن جو نتيجو "آپگهات" تي انتم ٿئي ٿو. هن پرٿوي تي ويڳاڙپ جهڙي عذاب هٿان "آتم هتيا" ڪري قتل ٿيل ماڻهن جو تعداد ڪروڙن ۾ هوندو. جتي رشتا ۽ ناتا پرجهلا بڻجي آڏتون آڇين ٿا اُتي اهي ئي رشتا ڪڏهن ڪڏهن رت جي رشتن جو بہ تقدس پائمال ڪري رشتن جي مقدس اعتماد کي ٽوڙي ماڻهو جي من کي ٻاري وجهندا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ ماڻهو جي اچي کير جهڙي من اندر ۾ نفرت جا جذبا پلٽي ويندا آهن. جيڪي ويڳاڙپ جي بنواس ۾ ڀٽڪائين ٿا. اها ويڳاڙپ ڪنهن حد تائين خودڪشي جو پهريون ڏاڪو بہ چئي سگهجي ٿي. جيئن سلو پوائزن بہ آخر ۾ فطري موت جا آثار پيدا ڪري ٿو پر حقيقت جي اک سان ڏسبو تہ اهو بہ "آپگهات" ئي آهي. "ويڳاڙپ" ماڻهو مان ذهني صلاحيتون کسي ڪيس اڌ چريو تہ اڳ ئي ڪري ڇڏيندي آهي، رهيل کسر وري "ويڳاڙپ" جي آڙ ۾ ڪيل منشيات جو بي انتها استعمال بہ آهستي آهستي خودڪشيءَ جي سفر تي پلاٽي آڻي ٿو بيهاري. مسئلن جا سائنسي مڪمل حل ڳولڻ بجاءِ پاڻ کي خطرناڪ منشياتي نشن جي حوالي ڪندڙ فرد شراب، چرس، ڀنگ، ڏوڏي، آفيم، ڪوڪين، سگريٽ ۽ نشي آور انجيڪشن تائين پاڻ کي ويڳاڙپ کان بچائيندي بچائيندي موت جي ويجهو آڻين ٿا. اهڙي قسم جي تنهائي ۽ ويڳاڙپ جي شڪار ٿيل فرد جي حياتي موت جي پنڌ ڏانهن روان دوان هوندي آهي، جنهن کي پڻ "آپگهات" ڏانهن وڌڻ جو شروعاتي قدم ۽ عمل چئي سگهجي ٿو.

❖

# انساني قدرن جو انت

ڪائنات مان محبت، پنهجائپ، همدردي، ٻاجهہ ۽ قربتن جي ڏڪار انساني قدرن کي پاڙان پٽڻ ۾ ڪابہ ڪسر باقي نہ ڇڏي آهي. محبوب احساسن جي قتل، انسان کي آپگهات ذريعي ماري ڇڏيو. ماڻهو هن وسيع ڪائنات ۾ پنهنجي من جي ڌرتيءَ تي اجائي ۽ بي مقصد سوڙهہ محسوس ڪرڻ لڳو آهي.انسان مان برداش جي قوت سڪڙجي پنهنجي منطقي انجام کي ويجهي ٿيندي وڃي. پيار، امن، ٻاپوهہ، سک ۽ اڪير جا احساس بہ انسان جي ذهن سان گڏ بدلجندا وڃن، ڪائنات جي عقل واري جيوت، عظيم انسان جو اضافي شاهڪار فطري تحفو "احساسن جي محسوساتي حس" ڪڏهن ڪان ناڪاره بڻجي چُڪي آهي. "انسانيت جا قدر" موڪلائيندا وڃن. ماڻهوءَ کي حسين زندگيءَ بجاءِ موت ڏانهن وڌڻ جي ايمرجنسي گهٽي نظر اچي ٿي.

هر شخص کهاڻي آ،
احساس بنا ماڻهو
اخبار پُراڻي آ.

ڪائناتي حسناڪين جي سمورن شاهڪار فطري رنگن جي خوبصورتين کي پسڻ لاءِ انساني دلين جون اکيون ئي تہ گهربل هونديون آهن، پر جڏهن خود انسان جي من اندر جي فطري اک تي ڪارو موتيو ڦري وڃي، ۽ ڪيس فنا ڪري ڇڏي تہ وٽس ڪائنات جي حُسن و محبت جو احساس تہ مري ويندو آهي پر سندس اندر مان عظيم انسانيت جا سمورا هاڪاري جذبا ۽ قدر پڻ موڪلائي ويندا آهن. انسان احساسِ محرومي جي رڻ پٽ ۾ رُلي پنهنجي حسين زندگي جا انسانيت ڀريا احساس ترڪ ڪري اڻ ڄاتل منزل تي ڀٽڪندي ڀٽڪندي نيٺ بہ خودڪشيءَ جهڙي ڪريناڪ موت ڏانهن ڇڪجي ويندو آهي.

## نازڪ مزاجي ۽ معصوميت

انسان جو جيون ساگر هن ڪائناتي نظام سان منسلڪ آهي. تنهنڪري ساڻس لاڳاپيل حالتون بہ سماج جي محور ۾ گردش ڪن ٿيون. چند آڱرين تي ڳڻڻ جيترن ماڻهن ڪانسواءِ ماڻهن جي اڪثريت چاهي ڪيترا بہ وس ڪري پر هن سماج جي ڄار ۾ سڏيءَ يا اڻ سڏي طرح سوگهي ضرور هوندي آهي. تنهنڪري حياتي جي ڏکن، ڏولاون، گرمين، سردين، خوشين، غمين، وسڪارن ۽ ڏڪارن لاءِ انسان کي

ذهني طور اڳواٽ تيار رهڻ گهرجي. زندگي جي گاڏي کي "گهلڻ" انتهائي ڪريل ۽ نيچ سوچ کي ختم ڪري حياتي کي ڀرپور گذارڻ جي هرممڪن ۽ منفرد ڪوشش ڪرڻ لاءِ پنهنجي مزاج کي وچٿرو ۽ درميانو رکڻ گهرجي. هن دنيا ۾ جتي پٿر جهڙا جذبا، زهر جهڙا احساس ۽ تلوار جي ڌار جهڙا رويا رکندڙ ماڻهو موجود آهن، تہ اتي شرم ٻوٽڙي جهڙا نازڪ، نفيس مزاج ۽ معصوم ماڻهو بہ موجود آهن. دل جي سچاين سان محبتون ارپيندڙ ماڻهو سازشن جو فلسفو ناهن سمجهندا. گلابي من جي احساسن سان دنيا کي محسوس ڪندڙ ماڻهو ۽ مُرڪن جا مشڪور ماڻهو هن ڪائنات کي ڪبوتر جي اک سان ڏسن ٿا. پر افسوس معاشري جون سازشي ۽ شڪاري رت ڀريل اکيون سندن ڪيڏ لڳي انسانيت جي معصوميت جو قتل ڪن ٿيون. نازڪ ماڻهن جي من اندر جي فطري معصوميت جو گلو گُهٽيو ويو. ذليل حالتون پيدا ڪري کين "آپگهات" لاءِ مجبور ڪيو ويو. حسين ڳچين ۾ رسا پيا. مقدس رشتن خودڪشين ۾ پناهہ ڳولي، جيون جا حسين سپنا وٽن ۾ تنگجي ويا. خودڪشي نازڪ ماڻهن جي دلين ۾ گهر ڪري ويهي رهي. دنيا جي نازڪ مزاج نفسياتي مريض ٻٽيل معصوم ماڻهن کي تہ سهارن جي ضرورت هوندي آهي پر هتي هن پٿر جهڙي سماج ۾ سمورا ڀرجهلا عظيم رشتن کي ڀُلجي وڃن تہ پوءِ انهن نازڪ ۽ معصوم ماڻهن وٽ هن انڌي، گونگي ۽ ٻوڙي سماج سان مهاڏو اٽڪائڻ، پنهنجو وجود رت ڪرڻ، ذهني تارچر سهڻ، حياتيءَ ۾ زلالتن جا عذاب برداشت ڪرڻ بعد کين "آتم هتيا" ئي آخري حل سُجهي ٿو

## "مايوسي" بہ خودڪشيءَ جو شروعاتي ڏاڪو آهي

اسلام ۾ مايوسي "ڪفر" ۽ خودڪشي "حرام" قرار ڏنل آهي، جڏهن تہ ٻين مذهبن ۾ "مايوسي ۽ خودڪشي" بابت اهڙو مضبوط دليل ۽ ذڪر ورلي ملي ٿو. اسلام ۾ مايوسيءَ کي ڪفر قرار ڏيڻ ۽ مايوسي کي رد ڪرڻ سان گڏ زندگيءَ جي خوشين جي اهميت جي حوصلا افزائي جو درس آهي. ماڻهو جي من اندر مان مايوسين جو اختتام حسين زندگي جي انقلاب جي نويد آهي. حالتن سان مقابلي ڪان اڳ سمورا هٿيار ڦٽا ڪرڻ، همت هارڻ ۽ مايوس ٿيڻ سان گڏ ٻين لاءِ پڻ مايوسي جهڙو خطرناڪ ماحول جوڙڻ جهڙو عمل نهايت ئي بزدلاڻي حرڪت آهي. مايوسي جي ماحول جا خطرناڪ نفسياتي پوڳنائن جا اثر ايندڙ نسلن کي صدين تائين ڀوڳڻا پون ٿا. اهڙي مايوسي جي نفسيات قومي شعور کي بہ ذهني غلامي جي اونڌاهي کڏ ۾ اڇلائي ڇڏيندي آهي. مايوسي جهڙي نفسياتي ۽ ذهني دٻاءُ جو شڪار انسان هن معاشري ۾ ڪهڙو تعميري ڪردار ادا ڪري سگهندو؟ اهڙي ڪشيدگي ۽ رحم جوڳي صورتحال ۾ ظالم سماج هٿان مايوس ڪيل ماڻهو پاڻ کي ڪيئن موافق ۽ ڪارائتو سمجهي جيئڻ جا جتن ڪندو؟ اُن ڳنڀيرتا ۾ ڪيس وسيع قلب، محبت ڀريا رويا ۽ رشتا، علم، شعور، عقل، گهري سوچ ۽ مطالعو ئي مايوسيءَ جي ڳُن مان ڪيڍي هڪ نئين ۽ آزاد حياتيءَ لاءِ اتساهہ پيدا ڪري سگهي ٿو. ٻي صورت ۾ "مايوسي" جو ذهني ۽ نفسياتي مرض ڪائنات جي هڪ اهم ۽ قيمتي حياتي کي "خودڪشي" ڏانهن مائل ڪري سگهي ٿو.

## ذهني انتها پسندي ۽ خودسوزي جا خيال

معاشري جي پيڙهيل انسان جي سماجي زندگيءَ سان لاڳاپيل اڻ ڳڻيا مسئلا بک، بيروزگاري، بدحالي، ننڍڙڪائپ، لاوارثي، اڻبرابري، مسئلن جا انبار، روين جا تير، ماڻهو منجهه موجود خودساخته مقابلي جي فطري صلاحيتن جو غيرفطري ۽ زميني حقيقتن جي بلڪل اُبتڙ استعمال، يا وري انهن صلاحيتن جو ناڪاري انداز ۾ ڪتب، سياسي، سماجي، ذاتي، عقيدائي ۽ مذهبي طور بہ ذهني انتهاپسنديءَ جو شڪار ماڻهو مڪمل طور نارمل قطعي طور نٿو چئي سگهجي، سندس انتهاپسندي ۽ جنونيت جو نفسياتي دٻاءُ هڪ ڏينهن ڪيس حياتي جي حسين وادي ۾ ڪوهين ڏور ڪٽي وڃي موت جي ڪاري اونڌاهي ٻاٽ ۾ اڇلائيندو جتان واپسي جي راهہ نٽي نڪري. "انتهاپسندي" جي باهہ ۾ سڙندڙ ماڻهو مايوسين جي اونهين کاٽين ۾ غرق ٿي پاڻ فنا ڪري ڇڏيندا آهن. هن سماج ۾ مسڪين طبقي سان تعلق رکندڙ "ذهني انتهاپسندي" قبولڻ وارو اهو فرد بہ ايترو ئي ذميوار آهي جيترو هي جذبن جو ڪاروباري سرمائيدار سماج بہ آهي. جنهن سماج هڪ ڪائنات جي مڪمل آزاد انسان کي غلامي جو ڳاٽ ڳچي ۾ وڌو، جنهن جابر سماج ڌرتيءَ جي هڪ پُرامن ماڻهو کي انتهاپسندي جو عذاب اربيو جنهن پورهيت دشمن سماج سندس سمورا انساني آزادي جا بنيادي ۽ جمهوري حق غصب ڪيا، جنهن سفاڪ معاشري ساڻس درندگي جا هزارين غضب ڪيا، جنهن وڏيراشاهي سندس پگهر جي پورهئي جي ڪمائي تي پلجي پنهنجا تہ ٻيپ ٻريا پرهڪ مسڪين جي گرهہ ڪسيو، حوسي معاشري جي ظالم بگهڙن هٿان سندن اڪين اڳيان عزتون تين وال ڪيون ويون، سماج پاران آچيل انهن ظلمتن، ناانصافين، دردن، وحشتن جي وارتائن، ڏکن، انيائن، ظلمتن ۽ المين جو شڪار ماڻهو وٽ ٽوٽل ٽي رستا بچن ٿا. هڪ تہ ظالم سماج ۾ پاڻ سان ٿيل بي واجبين خلاف شعور، برداش، فهم ۽ فڪر سان هٿياربند ٿي پُرامن جمهوري جدوجهد ذريعي قانوني جنگ جوٽي پوءِ ڪيس جڏهن بہ عدل ۽ انصاف ملي! ٻيو رستو يا تہ پلاند ۽ انتقام جي آگ ۾ بغاوت ڪري ڏوهن جي دنيا ۾ پير پائڻ آهي. اهڙا مثال هن سماج ۾ هزارن جي تعداد ۾ ملندا. جنهن ۾ ڊاڙيل محب شيدي، رامجي ڪولهي، ڪرنل شيخ عرف صالو ڀيل، پارتي ڊاڙيل ويرپن، ڦولن ديوي سرفهرست آهن. جن پاڻ سان ٿيل جبر جي انتقام لاءِ پڻ دهشتگردي جو خطرناڪ درياهہ پار ڪري وري بہ گوليءَ جي "آپگهات" جهڙي موت کي چونڊيو. انهن وارتائن جو تفصيلي ذڪر ٻي پيري ڪبو. هتي "ذهني انتهاپسندي" جو شڪار ماڻهوءَ وٽ ٽيو رستو فقط "خودڪشي" جو ئي بچي ٿو. هن سماج جو فرد پاڻ سان ٿيل انيائن جو حساب چڪتو ڪرڻ خاطرهن سماج سان قانوني ۽ جمهوري جنگ جوٽڻ، يا انتقام جي باهہ ۾ خود کي رهزن ڏوهاري بڻائي پلاند ڪري گوليءَ جي موت سان مرندي بہ سڪون محسوس ڪرڻ ۽ آخري رستو آهي خاموشيءَ سان پنهنجو سِر وڃائي "آپگهات" ڪرڻ. پر هتي گهڻو ڪري آخري رستو اختيار ڪرڻ جو رجحان تمام وڏي پئماني تي موجود آهي. جنهن سبب هتي "خودڪشين" جي شرح روز بہ روز وڌندي وڃي. لاتعداد ماڻهو موت جي هن غيرفطري، غيرانساني، غيرشرعي، غيرمهذبي، غيرمذهبي رستي کي اپنائي پاڻ کي تيزي سان فنا ڪري رهيا آهن. هر عمر جي

ماڻهوءَ جو سوچون محدوديت جو شڪار بڻجي، صرف موت تي ڪتن ٿيون. انساني زندگين جو بي دردي سان زيان ٿيڻ هن ڪائنات جو وڏو سانحو آهي.

## ذهنيءَ صلاحيتن جو ذڪار

حسين حياتي جا سوين خواب ڪٽي معاشري جي سوڙهي گهٽيءَ ۾ ڦاسي پيل انسان، زمانن کان مسئلن سان لڙندو، جهڳڙندو، ٽڙندو، ٿاپڙندو پنهنجي منطقي انجام ڏانهن وڌي پيو ان پنڌ ۾ سندس سوچون بہ وڌڻ ويجهڻ بجاءِ سُسي ۽ سڪڙجي ويون. جتان زندگيءَ جو فڪر ۽ فلسفو سندس هٿن مان ڇڏائجي ويو. سندس ڳچي ۾ آپگهات جو ڦاهو پئجي ويو. انساني دماغ جون شاهڪار ذهني صلاحيتون هن سماج کي انقلابي نموني سان بدلائڻ، هڪ نئون سماج اڏي، انساني قدرن جي عظيم معاشري جي جوڙجڪ ڪرڻ، هڪ نئون آدم دوست نظام ناهڻ، رت جي خطرناڪ راند کي سماپت ڪري، عالمي انساني ڀائيچاري جو محبتن ڀريو ماندڻ اڏڻ، محبتون ونڊڻ بجاءِ نفرتن جو ٻج ڇٽيو ويو! ڪائنات ۾ انسانيت جي عدم موجودگي هنن سانحن سان سروڪار رکي ٿي. جتي انساني دماغ جون هاڪاري سوچون ۽ صلاحيتون، پڻ حياتيءَ ۾ ڪاري ذڪار جي ور چڙهي ويندڙيون آهن. انساني ذهن جون شاندار هاڪاري صلاحيتون پل ڪن جي سوچ ۾ هن حسين دنيا کي اجان بہ وڌيڪ جنت بڻائي سگهن ٿيون، پر جڏهن اهي ئي سوچون شيطانيت (نيگيٽو) جو اثر ونڻ شروع ڪن تہ دنيا کي دوزخ بڻائڻ ۾ چند لمحا لڳن ٿا. هيروشيما ۽ ناگاساڪي، پهرين ۽ ٻي عالمي جنگ ان جو واضح مثال آهن. بلڪل اهڙيءَ ريت سماج جو هڪ عام فرد بہ ذهني صلاحيتن جي ذڪار جي ور چڙهڻ بعد ائين ئي سوچي ٿو. هو آپگهاتي بڻجي خودڪش حملي سان هزارين قيمتي انساني جانيون بہ ضايع ڪري سگهي ٿو، ڇو تہ وٽس زندگيءَ جي اهميت ۽ افاديت ذهني صلاحيتن جي ذڪار سبب سوچون محدوديت جي ور چڙهيل آهن.

❖

# ذهني، نفسياتي دٻاءَ ۽ پريشانيون

خطرناڪ ذهني ۽ نفسياتي بيمارين ۾ مبتلا ماڻهو هن معاشري کان مڪمل طور لاتعلق ٿيڻجي پنهنجو پاڻ کان بہ منهن موڙي ويندا آهن. اهي ماڻهوءَ هن دنيا ۾ پاڻ کي زنده هوندي بہ فنا سمجهن ٿا. نفسياتي بيمارين ۾ خودڪشيءَ ڪرڻ جا ڪيترائي واقعا ميڊيا تي اچڻ ڪري منظرعام تي اچي ظاهر ٿيندا آهن. پر گهڻا اهڙا واقعا دفن ڪيا ويندا آهن. جنهنڪري ان قسم جا مسئلا عام خلق جي اک کان بچڻ سان گڏ قانون کان بہ بچي ويندا آهن. ان سان گڏ سماج جي ذميوار فرد جي پنهنجي معاشري کان لاتعلقي بہ اهڙن واقعن کي جنم ڏي ٿي.

سماجي روين جي بيحسي ۽ انساني قدرن جي ڏڪار سبب "خودڪشي" جهڙي اهم مسئلي تي ماڻهن جو ڌيان گهٽجي وڃڻ ڪري سماج جي ذميوار ماڻهن بہ ان معاشرتي عذاب تي سوچڻ ڇڏي ڏنو آهي. ڌرتيءَ جي امن کي ڏنل تيلي ٻيڙ ٻڏجي پڙڪي پئي آهي، وڻن ۾ لوڏ بجاءِ لاش ٽنگجن ٿا. ڌرتيءَ ماتا غيرفطري موت جو شڪار ٿيل معصوم ماڻهن جا لاش پاڻ ۾ سمائيندي رهي ٿي، ڌرتيءَ جي گولي تي رڳو ماڻهو وڃي رهيو آهي باقي ماڻهپي خودڪشي ڪري ڇڏي آهي، ڪائنات ۾ انسانيت کي جتي فقط ماکي جهڙن منڙن روين جي گهرج هئي اتي انسان آپي مان ٻاهر نڪري ويو ۽ سندس آواز زهر ٿي ويا. انسان پنهنجي شاندار ذهني صلاحيتن سان ڪاري اصيل نانگ جي زهر جي ويڪسين سان گڏ ڇتي ڪتي جي چڪ جي ويڪسين تہ ايجاد ڪري ماڻهو کي خطرناڪ زهر ۽ ڇتي ڪتي جي جراثيمن کان تہ بچائي ورتو پر افسوس انسان هٿان انسان جي ڏنگجڻ جي ويڪسين ناهڻ جو خيال سندس ذهن ۾ نہ آيو. ڪائنات جو هڪ نازڪ ۽ حسين من رکندڙ ماڻهوءَ ٻي ماڻهوءَ جي زباني زهر ۾ سموري حياتي تڙپندو رهيو جيئندو رهيو بي موت مرندو رهيو پر ڪيس ڪير بہ انسان جي ڏنل ذهني ۽ نفسياتي عذاب مان بچائي نہ سگهيو. انسان پاران انسان کي عطا ڪيل عذاب، معاشري کي شاندار شعوري سگهہ ارپڻ بجاءِ ذهني مريض بڻائي ڇڏيو. سماج ۾ محبت ۽ ماڻهپي جي ڏڪار ڪر ڪنيو نفسياتي مرضن ۾ مبتلا ماڻهن جو تعداد آخري حد کي پار ڪري ويو چرين جون اسپتالون انسانن سان سٽجي ويون. نفسياتي اسپتالن ۾ ذهني مريضن جي گنجائش ختم ٿي وئي، نفسياتي ماهر ڊاڪٽرن جو تعداد بہ فيس سان گڏ ٻيڻو ٿيندو ويو. اسٽورن تي مصنوعي ننڊ (غشي) جون گوريون بليڪ تي وڪامڻ لڳيون. رشتن تان اعتمادن جو سج لهي ويو رشتن ۽ روين جا "اڌ مئا ڪيل" ماڻهو گورين، دوائن، نفسياتي ماهر ڊاڪٽرن،ٽوڻن، ڦيڻن، فقيرن، پوپن، درگاهن ۾ زندگيءَ جي سڪون جي ڳولا ۾ ڀٽڪن ٿا. سڪون جي ڳولا جا اهي پنڌ جڏهن بي لاڀ ٿيا آهن تڏهن جيون سان نفرت ۽ موت ڏانهن وڌڻ وارو انتها پسنداڻو خيال بار بار حسين حياتيءَ جي ٻر ڏيئي پيو گذرندو آهي، نيٺ ڪسي جهپي ويندو آهي. خودڪشيون ڪندڙ ماڻهو جيون ساگر جي مسئلن جو حل "خودڪشي" ۾ سمجهي، هميشہ لاءِ حياتيءَ جو خوبصورت ۽ روشن ڏيئو اُجهائي، پنهنجن پيارن

ڪي دردن جي انڌيرن ۾ ڏِڪي ڇڏيندا آهن. پر دنيا جي هڪڙي حقيقت هي بہ آهي تہ سماجي روين هٿان زخمي ٿيل نفسياتي ۽ ذهني مريض ماڻهن کي علاج سان گڏ قرب, محبت, پيار ۽ پنهنجائپ جي حسين روين جي ضرورت هوندي آهي. جيڪي رويا ڪشمڪش ۽ ذهني ڪشيدگيءَ جي حياتيءَ ۾ آٿتون ارپين ٿا, محبتن جا جذبا جاڳائين ٿا ۽ زندگي سان پيار سيکارين ٿا. محبتن جو عظيم ۽ نازڪ جذبو زندگي جي اهميت سمجهائي ٿو. ڇو تہ خودڪشين کان فقط محبت ڪندڙ رويا ئي انسان کي بچائي سگهن ٿا. جيڪي مايوسين ۾ بہ من مهڪائن ٿا.

## خودڪشي : مقدس رشتن جي لاتعلقي

دنياداريءَ ۾ انسان جو پاڻ ۾ رشتن جي ڌور ۾ ڳنڍجي وڃڻ, هڪڙو فطري عمل بہ آهي, تہ معاشري جا ٻيا ڪيترائي لڳ, لڳاپا, ناتا, رشتا ۽ واسطا ماڻهو خود بہ جوڙيندو آهي, انفراديت ۾ جوڙيل رشتا اجتماعيت ۾ بدلجي ويندا آهن. يعني ڪنهن هڪ فرد سان رشتي ۾ لاڳاپجي وڃڻ بعد ان جو ٻين خانداني ۽ قبيلي جي رشتيدارن سان ناتو ٿي ويندو آهي. ائين اهو رشتو ٻن فردن جي وچ مان نڪري سماج جي گهٽن ماڻهن تائين پکڙجي ويندو آهي. پر ان کان علاوه هن ڪائنات ۾ رت جو رشتو وڏي اهميت رکي ٿو. جنهن رشتي کي مهذب دنيا جا ماڻهو مقدس ڪوٺين ٿا. ان ڳالهہ ۾ ڪنهن بہ شڪ جي ڪا ذري بہ گنجائش ناهي, واقعي دنيا ۾ ماءُ, پيءُ, ڀيڻ ڀاءُ, ڏاڏو ڏاڏي, زال, مڙس, نانو ناني وغيره جا رشتا عظيم ۽ مقدس آهن. پر ڪل جڳ جو زمانو نهايت ئي ڇڪتاڻ ۽ ڪشيدگيءَ جي صورتحال کي پيدا ڪندڙ آهي. جيون ساگر جا سُک ۽ آسائشون حاصل ڪرڻ جو جنون, مايا جو موهہ, لوڀ ۽ لالچ مقدس رشتن جي عظمت کي ناس ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي, رشتا بازار جو "واپار" بڻجي ويا. دنيا جي عالمي هٽ تي مقدس رشتن جو اگهہ ڪري ويو, محبوب رشتا سماج جي ساهميءَ ۾ تورجي, تڪجي ۽ وڪجي پڌرا ٿي پيا, هٽ ٺوڪيي مهذبپٽي جي عالمي منڊي ۾ انسانيت جو قدر مسلسل منڊي جو شڪار آهي. ڪائنات جي هڪ معصوم انسان جو مقدس رشتن تان اعتماد کڄي وڃڻ هن ڪائنات جو عظيم سانحو آهي. رت جي رشتن کان لاتعلقي جو عمل بہ ماڻهو جي ذهن ۾ ويڳاڻپ جا خيال برپا ڪندو رهي ٿو. مسلسل مقدس رشتن جي بيوفائي, نظرانداز ڪرڻ, ڏوڪيبازي ۽ دولاب, اٽبرابري, اهميت نہ ملڻ, حق تلفي ٿيڻ, شفقت ۽ رهنمائيءَ جي روين جي کوٽ ماڻهو جي مزاج ۾ تنگدلي, جذباتيت, ذهني ۽ نفسياتي ڇڪتاڻ کي جنم ڏي ٿي. جتان من اندر ۾ نفرتن جا زهريلا ٻج ڦٽجي ويندا آهن ۽ نفرتن جا ٿوهر حساس دلين جي ڌرتيءَ تي وڏي ويندا آهن تہ ماڻهپي جا پاڪ ۽ پويتر گُل سُرخ گلابن جي موسم ۾ ڪارائجي ويندا آهن ۽ ماڻهو جي نازڪ من ۾ احساس محرومي جا خيال مقدس ناتن لاءِ لاتعلقي جو اشتعار بڻجي ويندا آهن. "مقدس رشتن جي لاتعلقي" جو عمل خودڪشين جي شرح وڌائڻ ۾ بہ اهم سبب سمجهڻ گهرجي.هن ڪائنات ۾ ڪيترن ئي اهم انسانن جي "آتم هتيا" ذريعي ٿيل دردناڪ غيرفطري موت جا

سبب رشتن جي بي قدرائي، ويڳاڻپ ۽ محبوب سپنڊن جا آلوده رويا آهن, جيڪي ساهن ۾ زهر ڦوڪيو وجن.

## محبت ۾ ناڪامي سبب ٿيندڙ خودڪشيون

محبت جو جذبو دنيا جي ڪنهن بہ خول ۾ نٿو لڪائي سگهجي, اهو حسين جذبو "نانگن" ۾ بہ پڌرو ٿيو پوي، انسان تہ وري بہ اشرف المخلوقات آهي. تنهنڪري ماڻهو لکن سالن بعد وحشت ۽ درندگيءَ جي ڪيفيت مان نڪري جڏهن ماڻهپي جي دائري ۾ داخل ٿي پنهنجي ناهيل معاشرتي معذبپڻي ڏانهن وکون کڻڻ لڳو ۽ جڏهن ڪائنات ڪي انسانيت جي اک سان ڏٺس تڏهن ماڻهو هن دنيا جون ڪروڙين حُسناڪيون پسيون. انسان پنهنجي ماحول ۾ شڪار, قتل و غارت, رت وهائڻ جي راند ڪانسواءِ روح کي راحت ڏيندڙ رشتا, دل ڌوڏيندڙ اکيون, انتظار جي آگ ۾ ساڙيندڙ بيقراريءَ جي باهہ جهڙا لمحا, ڏک,سور, درد جي اڙانگن پيچرن تي "مرد ۽ عورت" هڪبئي لاءِ آئت ٻڻجي ويا. عورت ماءُ جي روپ ۾ ڪيس جنم ڏنو عورت ڀيڻ جي روپ ۾ مقدس پيار ڏنو عورت محبوبہ جي روپ ۾ محبتون ڏنائين, عورت زال جي روپ ۾ دنيا جي گرمين سردين ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي ٻيني ۽ پاڻ ارپيائين. بلڪل "مرد" بہ عورت لاءِ پاءُ ٻڻجي پرجهلو ٿيو، پيءَ ٻڻجي شفقت ارپيائين ۽ محبوب ٻڻجي پيار ڏنائين.

انسان وحشياڻي وارتائن مان فرست ملندي ئي پيار, محبت ۽ قرب جي احساساتي جذبن جي شديد ڪوٺ محسوس ڪئي، جنهن لاءِ ڪيس خالص ۽ نج محبت ڀرين احساسن سان ٽمٽار ٻي انسان جي ضرورت پئي. انهي عمل عورت ۽ مرد کي هڪبئي جي ويجهو آندو. محبت ۽ عشق ۾ هڪبئي کي ماڻڻ جي آرزو انتها جون حدون پار ڪري وئي. محبت ۾ "حاصلات" ئي سندس منزل هوندي آهي. برابر دنيا ۾ "ناممڪن" بہ ڪا شئي ناهي پر سڀ شيون انسان جي وس ۾ بہ ناهن. تنهنڪري "حاصلات" جي "جنون" ۾ مبتلا "انسان" کي جڏهن "ناڪامي" جو تصور اکين اڳيان آيو تڏهن سندس هوش خطا ٿي ويا. محبت جي ڪمال جو اهو زوال وارو منظر سندس اکين قبولڻ کان "انڪار" ڪيو. ان انڪار ئي ڪيس جيئڻ بجاءِ "آتم هتيا" لاءِ اتساهيو. عشق ۾ ناڪام ٿي خودڪشي ڪرڻ جا هتي ڪيترائي مثال موجود آهن.ڪيترين ئي خبرون ميڊيا جي زينت ٻڻجن ٿيون. ان واقعن سان لاڳاپيل ڪيترين خبرون بہ ميڊيائي منظر عام تي اچڻ کان اڳ ئي قتل ڪيون ويندڙيون آهن.خودڪشي ڪندڙ ماڻهوءَ جي ذهن ۾ اهي خيال گردش ڪندا آهن تہ "هتي سندس قدر ناهي هن جي مرڻ بعد لاڳاپيل رشتيدارن کي سندس وڏو قدر ٿيندو، سندس وڇوڙي بعد انهن جو گذارو ممڪن نہ ٿيندو" ٻي طرف وري هي خيال بہ سندس ذهن ۾ ايندا آهن تہ "خودڪشيءَ جي رڳو ڪوشش ڪيان ٿو رت جا رشتيدار گهرياتي پاڻهي بچائي وٺندا، اهڙي ڪوشش بعد سندن وڏو قدر ڪيو ويندو" پر ڪڏهن ڪڏهن اهڙي احتجاجي چتاءَ ڏيڻ لاءِ ڪيل خودڪشيءَ جي آزمائشي ڪوشش، جڏهن حقيقت ڏانهن وڌندي محسوس ٿيندي آهي، (مون خود بہ

ڪافي دفعا اهڙا منظر پنهنجي اکين سان ڏٺا آهن) جنهن دوران خودڪشي ڪندڙ ماڻهن کي زندگي بچائڻ لاءِ رڙيون ڪندي، ٻاڏائيندي ۽ ٻاڪاريندي ۽ منٿون ڪندي پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي.

## بيمارين مان مايوس ماڻهو بہ جيون جو انت آڻين ٿا

انسان پنهنجي قوت برداشت ۾ هڪ پاسي پٿر کان بہ ڏاڍو آهي تہ ٻي پاسي گلابي گلن جي پنکڙين کان بہ نازڪ آهي. سمنڊ جهاڳڻ، پهاڙ پرزا ڪرڻ، دنيا جا سمورا مشڪل ڪم پنهنجي همت، عقل ۽ پورهئي سان ڪاميابيءَ سان سرانجام ڏيندڙ رُڪ جهڙو مضبوط ماڻهو بہ جڏهن همت هاريندو آهي ۽ سندس حوصلو خطا ٿي ويندا آهن. ان لمحي ۾ ننڍين ۽ معمولي مسئلن تي مايوسي ڪيس گهيري ويندي آهي. هن معاشري ۾ خوڪشين جا اهڙا ڪيترائي ڪيس ظاهر ٿيا آهن. جنهن ۾ بيمارين ۾ گهڻي علاج باوجود صحتياب نہ ٿيڻ، يا وري جنسي ۽ جسماني معذوريءَ جي سبب بہ خودڪشين جا لاتعداد واقعا ٿيا آهن. پر ان سان گڏ بيماريءَ دوران مايوس ٿي خودڪشي ڪرڻ جو هڪ ٻيو اهم سبب "غربت" ۽ "بدحالي" پڻ آهي. مسلسل بيمارين ۾ ڀوڳڻ ڪري ماڻهو دل شڪستو پڻ ٿي پوندو آهي. همت، حوصلو ۽ جرئت سندس ساٿ ڇڏي ويندي آهي. وقت جو مضبوط ماڻهو مايوسين جي کُن ۾ غوطا کائي زندگي جو انت پنهنجي هٿن سان آڻيندو آهي. پرسڪون حياتي لاءِ ۽ "صحت" جي بحالي خاطر پاڻ پتوڙڻ، علاج تي ڳرا خرچ ڪرڻ، علاج جا ڏکيا ۽ مشڪل مرحلا طئي ڪندڙ انسان بہ جڏهن ان سفر ۾ ڪاميابي بجاءِ ناڪامي پلئہ پوڻ جا آثار محسوس ڪندو آهي تہ حسين حياتي جي روشن ڏيئي کي اُجهائڻ لاءِ اهڙي تہ تڪڙ ڪندو چڻ خودڪشي بعد بہ ڪيس ڪي گهڻا ڪم نبيرڻا آهن. پرانهن کي ڪهڙو پتو تہ "خودڪشي" سان سڀ "ڪم" تمام ٿيو وڃن ٿا. خودڪشي ڪري هڪ قيمتي انساني زندگيءَ جو انت آڻڻ، فطرت سان هٿ چراند آهي، اهڙي هٿ چراند انسان کي نٿي جڳائي.

❖

# ڪاروباري نقصان ۽ قرض جو بار

دنيا ۾ ”ڪيڙي ڪي ڪڻ، هاٿي ڪي مڻ“ واري ڳالهہ واري حقيقت بہ بنيادي طور جفاڪشيءَ سان لاڳاپيل آهي، يعني ڪيڙي ڪي ڪڻ لاءِ هاٿيءَ ڪي مڻ لاءِ بہ پتڪڙو ۽ پتوڙڻو تہ هر حال ۾ پوندو. ”جيڏا اُٺ تيڏا لوڏا“ آهن. وڏن ماڻهن جا وڏا ڪاروبار فيڪٽريون، ملز، ڪارخانا، جاگيرون، ٽرانسپورٽ، پاڻيءَ جا ٻيڙا ۽ هوائي جهاز، وڏن ترقياتي پروجيڪٽن جون ٺيڪيداريون وغيره آهن جڏهن تہ ننڍن ماڻهن جي پيٽ گُذر جا ننڍڙا ذريعا هوندا آهن، جنهن ۾ خاص طور پگهر جو پورهيو ۽ جسماني محنت جي سيڙپ ئي اهم آهي. پر وري بہ ڪيترائي لوئر ڪلاس جا ماڻهو سخت پورهيا ڪري مڊل ڪلاس ۾ پير پائيندا آهن، ننڍا ننڍا ڪاروبار شروع ڪندا آهن. وچولي طبقي جا ڪيترائي ماڻهو اهي ڪاروبار نهايت ئي ڪاميابيءَ سان هلائي تمام گهڻو ناڻو ڪمائي سگهندا آهن، تہ ڪي وري مڪمل طور ڪاروبار ۾ نقصانن جي ور چڙهي تباهہ ۽ برباد ٿي ويندا آهن. توڙي جو ڪاروبار ننڍو هجي يا وڏو هجي پر ان ۾ نفعو ۽ نقصان بہ ضروري جز آهن. واپاري ماڻهن جي وڏن توڙي ننڍن طبقن ۾ ڪاروباري نقصان ۽ قرض ٿيڻ بعد مسلسل ناڪاميءَ ڪين سخت مايوسيءَ ۾ غرطان ڪري ڇڏيندي آهي، ڪاروباري نقصان ۽ قرض سميت وياج تي ڪنيل گردشي قرض جو دٻاءُ انهن ماڻهن کي ذهني ۽ نفسياتيءَ مريض بڻائي ڇڏيندو آهي. وڏن سرمائيدار سيٺن جا وڏا ڪاروبار تہ انشورنس ٿيل هوندا آهن تنهنڪري اهي ڪاروباري نقصان جو پورائو ان قسم جي مختلف طريقن سان ڪري ويندا آهن، پر ننڍا واپاري ڪاروباري نقصان کان بچڻ ۾ گهڻو ڪامياب نہ ٿيندا آهن. نتيجي ۾ ڪاروبار ۾ ٿيل نقصان ڪين ئي پرڻو پوي ٿو. جيڪو سندن وس کان مٿي هوندو آهي. ڪاروباري نقصان سان گڏ قرض جو دٻاءُ ڪين سخت ذهني پريشاني ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي. جنهنڪري ڪيترائي ڪاروبار ۾ ٽُٽل ماڻهو نقصان ۽ قرض جي دٻاءُ کي منهن ڏيڻ بجاءِ ”خودڪشي“ ڪري ڇڏيندا آهن. ننڍن واپارين جي انهن خودڪشين پويان ظالم سرمائيدار واپارين جون انيڪ سازشون شامل هونديون آهن. جيڪي ڪين ڪنهن بہ ريت ڪاروباري ڪاميابيون حاصل ڪرڻ جي حق ۾ نہ هوندا آهن. وڏيون مڇيون ننڍين مڇين جو شڪار ڪنديون آهن. بلڪل ائين وڏا سرمائيدار ننڍن واپارين جو ڪاروبار ۾ معاشي شڪار ڪري ڪين ڪنگال بڻائي ڇڏيندا آهن.

## ملڪيتن جي ورهاست ۾ اڻبرابري، انتقام ۾ آنڌل انت

انساني زندگيءَ ۾ سُک ۽ آسائشن جي حاصلات جي پورائي لاءِ خواهشون جنم وٺن ٿيون، سڀ خواهشون پوريون ٿيڻ بادشاهن جي وس جي ڳالهہ بہ نہ هوندي آهي، تنهنڪري جيون ساگر ۾ اضافي

“خواهشون” انسان کي “حوسي” بڻائي ڇڏينديون آهن ۽ حوس انسان کي حيوان بڻائي ڇڏيندي آهي. برابر سرمايو قانوني هجي يا غيرقانوني پر اها “ملڪيت” آسائشون بہ فراهم ڪري ٿي تہ گڏوگڏ اها ملڪيت انسان جي ويري بہ بڻجي ويندي آهي. دنيا ۾ گهڻا قتل “ڏن” تان ٿيا آهن. مال، ملڪيت، ڏن، دولت، سون، ٻني، جاگيرون بئنڪ بيلنس، گاڏيون تہ وڏن ماڻهن وٽ رهيون آهن. تنهنڪري اهڙي ملڪيت جي ورهاست تان تڪرار بہ سرمائيدار خاندانن ۾ ئي ٿين ٿا. انهن خاندانن ۾ ڪي شاتر ماڻهو پنهنجي حصي سان گڏ خاندان جي ڪنهن اڻجهہ ۽ نازڪ ماڻهو سان ورهاست ۾ دوکيبازي، دولاب ۽ ٺڳي سان پنهنجي ملڪيت تہ وڌائي ويندا آهن. پر نتيجي ۾ رشتن جو ڀرم ٽُٽي ويندو آهي. هڪٻئي تان اعتماد کڄي ويندو آهي. انهن خاندانن جا گهڻا متاثر ماڻهو راڄوٽي توڙي قانوني جنگ جوٽي پنهنجو حق وٺي ويندا آهن. پر اهڙا بہ انسان آهن جيڪي پنهنجن مان ٿيل ناانصافي تي خاموشي سان گوشانشيني اختيار ڪري سڀ ڪجهہ برداشت ڪندا آهن. توڙي جو ان ناانصافي جو سور سندن اندر کي اڌ ڀيو ڪندو آهي. ڪيترائي ماڻهو ملڪيت جي ورهاست ۾ ٿيل بي واجبي جو انتقام پاڻ کان وٺندا آهن. سندن سوچون “خودڪشي” ڏانهن مائل ٿي وينديون آهن. حقيقت ۾ اهڙي خودڪشي ناانصافي جي خلاف “احتجاج” هوندو آهي. ملڪيت جي ورهاست ۾ اڻبرابري ۽ حق تلفي ٿيڻ سبب سرندي وارن خاندانن ۾ اڪثر خودڪشي جا ڪيس ظاهر ٿيندا رهندا آهن. انهن تي پردو وجهڻ جي ڪوشش بہ ٿيندي آهي. خانداني عزت، وقار ۽ ڪوڙي انا جي تسڪين خاطر ان موت کي “حادثاتي موت” قرار ڏيئي، يا وري ذهني مريض ۽ چريو قرار ڏيئي، معاملي کي اُتي ئي سماپت ڪري دٻايو ويندو آهي. بعد ۾ آتم هتيا ڪندڙ فرد جي ملڪيت تي وري بہ سماج جا اهي فرد ڀيا عياشيون ڪندا آهن جن ڪان تنگ ٿي متاثر ماڻهو پنهنجو انت آندو. ان سڄي وارتا ۾ “مايا” منش جي ويري ثابت ٿئي ٿي، جنهن سندن جيون ساگر کي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جي ور چاڙهي، ڪيس مرت لوڪ ۾ پهچائي ڇڏيو.

## عشق جو راز کلي پوڻ جي ڊپ ۾ بہ خودڪشيون ٿين ٿيون

محبت جو حسين جذبو زندگيءَ سان چاهت وڌائي ٿو ان جذبي کان خلق جي اڪثريت خالي ناهي، پر جذبي جي اظهار ۽ حاصلات لاءِ “سماج” پاران پرمپرائن جا اڏيل بند رڪاوٽون بڻجي محبتن کي مات ڏين ٿا. لاتعداد مشڪلاتن باوجود هن معاشري ۾ ڪي محبت ڪندڙ جوڙا بغاوت ڪري وڃي عشق جون شاديون رچائيندا آهن. پر ڪيترائي جوڙا اهڙي جُرئت نہ ڪري سگهندا آهن. نتيجي طور سندن ازدواجي زندگيءَ جا فيصلا سندن هٿ ۾ نہ رهندا آهن. محبت جي ڪٽوري جهڙي جذبي کي لڪائڻ ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ناهي، پر ڪنهن سماجي ناتي ۽ رشتي ڪانسواءِ “ملڻ” جو اهو عمل “شڪ” کي جنم ڏي ٿو ۽ شڪ موت کي دعوت ڏيندو رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ اسان جو معاشرو خود ساختہ طور “ڪاروڪاري” کي پنهنجي پنهنجين پرامن، حسين ريتن، رواجن ۽ رسمن تي ٿاڦڻ لاءِ سرگرم عمل هوندو آهي. پر “ڪاري” ٿيڻ کان اڳ اڪثر ڇوڪريون جڏهن سمجهنديون آهن تہ سندس محبت جو راز کُلي

پيو آهي، لڪي ڇپي ملڻ جي خبر سندن گھرڀاتين کي پئجي وئي آهي، ۽ ڪھاڙي سندس ڪڍ لڳل آهي. ان ڊپ، خوف، حراس ۽ شرمساري ۾ بہ ڪيترين ڇوڪرين "خودڪشي" ڪري ڇڏيندين آهن. ان خودڪشي جو سماج ۾ ظاهري سبب "ذهني توازن خراب هجڻ" بيان ڪيو ويندو آهي. پر ان "آتم هتيا"پويان حقيقي سبب فقط محبت جي راز کُلڻ جو خوف هوندو آهي. توڙي جو اهڙن حالاتن تحت ٿيل خودڪشيون هن سماج ۾ ٿينديون رهنديون آهن. پر هن سماج ۾ اڪثر ائين ٿيندو آهي تہ اهڙي قِسم جون خودڪشيون رازداري ۾ رکيون وينديون آهن.

## زندگيءَ جون مجموعي ناڪاميون ۽ خودڪشي جا خيال

امتحان ۾ فيل ٿيڻ، ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ ٽيسٽ ۾ چند مارڪن تان رهجي وڃڻ، غربت سبب فيس نہ ڀري سگھڻ، پسند جو شعبو نہ ملڻ، پسند جي شادي نہ ٿيڻ، محبت جي ناڪامي، حادثي ۾ ذهني ۽ جسماني معذوري، ڪا ننڍي وڏي خواهش پوري نہ ٿيڻ، زندگي ۾ ڪيل گناھ جو پڇتاءُ، غربت، بک، بيروزگاري، بيوسي، لاچاري، اٻرابري، احساس ڪمتري ۽ مايوسي جهڙين حالتن ۾ دل شڪستو ٿي حياتي جي بازي ۾ اڻ اعلانيل طور هارجي وڃڻ بعد ڊرتيءَ جو اُتم جيو (اعليٰ ساھ وارو)منش "آتم هتيا" لاءِ انتهائي قدم کڻي پنهنجو انت آڻي ٿو.

"حياتي" جي فلسفي کي سمجهندي "موت" ڏانهن وڌيل ماڻهو فقط زندگي جي ڪاميابين سان پيار ڪن ٿا، پر ڪين اهو بہ پتو هئڻ گھرجي، ڪاميابين جا گس ناڪامين جي نگري مان گُذرن ٿا. هزارين ناڪاميون حياتي ۾ ڪاميابين جو سبق ڏين ٿيون. حياتيءَ ۾ لاتعداد ناڪامين بعد ڪاميابين جو سرور ڪيڏو وڻندڙ ۽ پيارو هوندو آهي. پر انسان پنهنجي مزاج ۾ "سڪونت پسندي" جو عادي ٿيڻ بعد تِري تي بهشت ملڻ جي اميد سان جيون کي سڦل ڪرڻ جي ڊوڙ ۾ شامل هوندو آهي. تنهنڪري حياتيءَ ۾ "ناڪامي" جو لفظ ڪيس ڏڪائي وجهندو آهي. اها ئي ڪيفيت ماڻهو جي مزاج ۾ مايوسي، بي وسي، هيٺائي، تنگدلي، تنهائي پسندي، جذباتيت، ناڪاري سوچن جو گھيرو، احساسِ محرومي جهڙي خطرناڪ نفسياتي بيماري ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندي آهي. انساني سوچن جو انتهاپسندي جي حدن کي پار ڪرڻ بعد "زندگي" سان تعلق اڌورو رهجي ويندو آهي. ماڻهو جي دماغ جي اهڙي صورتحال پڻ پاڻ مارڻ جهڙن خطرناڪ خيالن کي جنم ڏي ٿي. انساني زندگي ۾عدم دلچسپي جهڙو رويو ظاهر ٿيڻ جي شروعات ئي حقيقت ۾ حياتي جي نفي آهي. انساني سماج ۾ اهڙي گھٽ ۽ ٻوسٽ واري صورتحال ۾ قاتل ماڻهو پاڻ سان منسلڪ مسئلن جو آخري حل "خودڪشي" ۾ سمجھي ٿو. اهڙين ناڪاري سوچن جي جار ۾ جڪڙيل ماڻهو هڪ پل بہ پنهنجو منصفاڻو احتساب نہ ڪيو تہ سندس "جيون" ۾ پيدا ٿيل مسئلن جو هو خود ڪيترو ذميوار هو؟ ناممڪن کي ممڪن بڻائيندڙ ماڻهو انهن مسئلن جي حل لاءِ زميني حقيقتن کي مدنظر رکي ڪهڙا اپاءُ ورتا؟ ان فرد پنهنجي شاندار ذهني ۽ جسماني صلاحيتن جو ڪيتري ايمانداري سان هاڪاري استعمال ڪيو؟ اهو فرد پنهنجي حياتي ۾ پاڻ ڪيترو انصاف پسند ۽ حقيقت پسند رهيو؟

معاشري جو ماڻهو زندگي ۾ پيش آيل اتفاقي توڙي حادثاتي مسئلن ۽ ٻين پاران ٿيل ناانصافين خلاف ورتل "خودڪشي" واري وات ڪي ٿي درست سمجهيو هو پر ڇا دنيا ۾ مسئلن جو حل فقط "آپگهات" ئي آهي؟ اهو ضروري ناهي تہ خودڪشي ڪندڙ فرد "مظلوم" بہ هجي يا خودڪشي ڪرڻ جي ڪري بہ ڪيس مظلوم سمجهيو وڃي، ڇو تہ آپگهات تہ هٽلر بہ ڪيو هو جنهن کي دنيا جي ظالم ترين ماڻهو هجڻ جو خطاب حاصل آهي. ڪيترائي اهڙا واقعا آهن جنهن ۾ ماڻهو ٻين سان ظلم ۽ زيادتيون ڪري بعد ۾ قانون جي پڪڙ يا پلاند جي خوف کان خودڪشيون ڪري ڇڏيندا آهن. تنهنڪري هر خودڪشي ڪندڙ فرد بي ڏوهي ۽ مظلوم نٿو ٿي سگهي. هن سماج اندر زندگي جي ناڪامين ۽ مايوسين جي بُلندين تي پهتل فرد پاڻ سان پيش آيل مسئلا يا ٻين پاران اربيل مسئلا حل نہ ڪرڻ جي صورت ۾ خود کي تہ بي وقتائتي ۽ غير فطري موت جي حوالي ڪري پاڻ سان گڏ مسئلن جو انت آڻي ٿو پر گڏوگڏ ان فرد سان لاڳاپيل رت جا رشتا بہ تہ سندس پاران ڪيل ناانصافي جهڙو عذاب ڀوڳين ٿا. سندس معصوم يتيمي جو ڪرب، زال بيواهي جو عذاب ۽ ماءُ، پيءُ، ڀائر ۽ ڀيڻون سموري حياتي وڇوڙي جا درد ڀوڳي پنهنجا ڏينهن پورا ڪن ٿا.

## "زوري زنا" جو شڪار ٿيل فرد بہ دل شڪستہ ٿي "آتم هتيا" ڪن ٿا.

هن دنيا ۾ جتي امن پسند، حسين من ۽ خيال رکندڙ عظيم انساني قدرن جا علمبردار ماڻهو موجود آهن تہ اُتي دنيا جي امن کي تيلي ڏيندڙ انسانيت جا ازلي ويري، وحشي، درنده ۽ جنسي بگهڙ بہ موجود آهن، جيڪي پنهنجي حوس جي آگ اُجهائڻ خاطر معصوم انسانن جو جيون تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيندا آهن. دنيا جي ٻين ڪيترن ئي ملڪن سان گڏ خاص طور ايشين ملڪن ۾ زوري زنا (ريپ ڪيس) جا واقعا تمام گهڻا وڌي ويا آهن. جيڪي روز بہ روز ميڊيا تي پڌرا ٿيندا رهن ٿا. ان وحشت جو شڪار ڪيترائي معصوم ٻار پڻ ٿين ٿا. زنا بعد ٻارڙن کي قتل ڪرڻ جون وارداتون ۽ لڱ ڪانڊاريندڙ سانحا دنيا جي نازڪ مزاج ۽ ڀوپٽ جي پرن جهڙو حسين من رکندڙ ماڻهن جي اکين کي روئاڙين ٿا ۽ دلين کي ڏارين ٿا.اهڙن سانحن بعد ماحول تي سوڳواري فضا ڇانئجي ويندي آهي. جيئن ڏک ڏکن ۽ مسئلا مسئلن کي جڻين ٿا، تيئن هتي هڪڙا سانحا ٻين سانحن کي جنم ڏين ٿا. هن معاشري ۾ ذاتي دشمنيون پاريندي جنسي بگهڙن جي حوس جي ور چڙهيل معصوم انسانن سان زوري زنا جا واقعا رڳو اهو درد اربي انتم نٿا ٿين پر وڌي وڃ ٿيڻ سان گڏ زمانن تائين انسانيت جي اُجري وجود تي ڪاراٺ بڻيل هوندا آهن. وحشتن جو نشانو بڻيل متاثر ماڻهن جي اڪثريت هن سماج ۾ پاڻ کي جيئڻ لائق نہ سمجهندي "آپگهات" کي ترجيح ڏي ٿي. ان وارتائن ۾ "عدم انصاف" پڻ اهم حقيقت آهي.

## سماجي ناانصافين جا ستايل ماڻهو بہ خودڪشيون ڪن ٿا.

سماج جو سرجڻهار توڙي جو انسان آهي پر ان ئي سماج ۾ جڏهن ساڻس ناانصافيون ٿين ٿيون تہ سندس حوصلا ۽ همتون جواب ڏيئي وينديون آهن، ڪائنات ۾ پرامن طريقي سان ڪاميابيءَ ڏانهن وڌڻ

جي خواهشمند ماڻهو مهذبپڻي ڏانهن وکون وڌائي سيپيتائون ۾ سماج جوڙيا، انهن سماجن کي هلائڻ خاطر سماجي قانون ٺاهيائين. جڏهن سماجن تي ڏاڍن ماڻهن جو قبضو ٿي ويو تہ انهن پنهنجي مفاد خاطر پنهنجي پسند جا سماجي مول متا ۽ قانون جوڙي ماڻهن کي پنهنجي وس ڪرڻ لاءِ انساني قدرن جي بہ ڪُلي لتاڙ ڪئي. سموري تاريخ انساني قدرن جي لتاڙ سان ڀري پئي آهي. سماجي اٿبرابري ۽ جبر خلاف وقت بہ وقت بغاوتون بہ ٿيون، پر ان سڄي افسوسناڪ ۽ ڏکوئيندڙ وارتائن ۾ سماج جي پرامن انسان تمام گهڻو ڀوڳيو آهي. لکين سالن کان سماجي نااانصافين جا عذاب ڀوڳيندڙ انسان زندگي جي ڊوڙ ۾ ٿڪي، ٿڪي ساٿو ٿي ڪري پيو ذهني ۽ نفسياتي ڇڪتاڻ ۽ ڪشيدگيءَ جي لاوارثي ۽ مايوسيءَ واري عالم ۾ زندگي مان بيزار ٿيل ماڻهوءَ کي سنڌ جي محبوب شاعر استاد بخاري جي شاعري هيئن حوصلو اربي ٿي،

او اٿل آدمي!
ڪن جڳن کان وٺي،
انڌ سان، ڏند سان، پنڌ سان،
مُنهن ڏيئي تون پيو آن ٿڪي،
دل شڪستو نہ ٿي! دل شڪستو نہ ٿي!
ٺورڙو دم پٽي،،سگهہ ساري گڏي،،پير پختا ڪري،
ڏند ڪُرتي اٿي.
عاشقيءَ ۾ اچي دل شڪستو نہ ٿي!
ڏانگ ڦيري تہ ڏس،
نانگ نوڙي اٿئي،
پير ٻوڙي تہ ڏس،
باهہ پاڻي اٿئي،
ڪنڌ پڪڙي تہ ڏس!
شينهن ٻڪري اٿئي،
ڳالهہ چوري تہ ڏس!
سات جاڳيو اٿئي،
ڳات موڙي تہ ڏس!
سنڌ ساري اٿئي.
او اٿل آدمي!
دل شڪستو نہ ٿي! دل شڪستو نہ ٿي!

❖

# خودڪشيءَ جهڙيون ريتون ۽ رسمون

ڌرتيءَ جو گولو ڪائنات جي ٻين گرهن کان تمام گهڻو ننڍڙو آهي، وري ان ئي ڳوٺ جيڏي ننڍڙي ڌرتيءَ تي انسانن جا ڪيترا نسل ۽ پيڙهيون پُري ختم ٿي ويون ۽ ڪيترن ئي ماڻهن جا نسل وڌڻ ويجهڻ سان گڏ زندهہ ۽ سلامت آهن. لاتعداد انساني نسل هن وقت بہ ڌرتيءَ تي قابض قوت بڻيل آهن تہ ڪيترائي انساني نسل تہ اڄ بہ خطرناڪ غلامي جا عذاب ڀوڳي رهيا آهن ۽ ڪجهہ انساني نسل فقط پنهنجي وجود جي بقاءَ جي جنگ لڙي رهيا آهن. ننڍڙي سمجهي ويندڙ ڌرتيءَ جا سڏ پنڌ تي ئي رنگ، موسمون، فصل، ذائقا، تهذيبون، ٻوليون، لهجا، مزاج بدلجيو وڃن ٿا. پرٿوي جا مختلف انساني نسل گرم ريگستاني علائقن، برفاني علائقن، آباد سرزمينن سميت سخت سوڪڙي ۽ ڏڪار ستيل علائقن جا واسي هئڻ ڪري انهن علائقن جون موسمون ۽ زميني حالتن جا اثر سندن رنگ، نسل، قد، بُت، ذهني ۽ جسماني صلاحيتن، وقت کان اڳ جنسي بالغپڻو ۽ ذهني نابالغي، ڪاهلي ۽ چُستي، امن پسند ۽ ويڙهاڪ هجڻ، جسم، جذبن، خيالن، عادتن ۽ ڪيفيتن تي اثرانداز ٿيڻ فطري عمل آهي. اهي سموريون جدا جدا فطري حالتون انهن انسانن جي رڳ رڳ ۾ رچي وينديون آهن. انساني زندگي جي انهن سمورين بدليل، الڳ ٿلڳ ۽ منفرد حالتن جي باوجود دنيا جي عظيم انساني قدرن موجب هر انسان هن دنيا ۾ هر لحاظ کان هڪجهڙا انساني حق رکي ٿو ڪين جيئڻ جا برابر حق حاصل آهن. مستقبل ۾ باشعور ۽ سگهارن سماجن ۾ عورت ۽ مرد جو صنفي فرق انساني حقن ۽ قدرن کي شايد متاثر نہ بہ ڪري سگهي! ۽ سڌريل ملڪن جي ترقي يافتہ معاشرن ۾ اهڙا نظام ممڪن بڻجي ٻين لاءِ مثال بڻيل آهن. توڙي جو هن وقت سڄي دنيا ۾ مضبوط مرداڻو سماج جُڙيل آهي پر ماضي ۾ دنيا جي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ عورتاڻو سماج (مڏرشاهي نظام) رهيو آهي. هن وقت بہ شايد دنيا جي چند ملڪن جي ڏور علائقن، ٻيٽن، مشڪل جابلو علائقن ۾ ٿورڙي تعداد ۾ عورتن گڏجي خود ساختہ طور عورتاڻي حق حاڪميت جو نظام روان دوان رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهڙيون خبرون ميڊيا ۾ پڙهڻ تي آيل آهن. عورتن سان مرداڻو سماج (پڏرشاهي نظام) ڪيترو عدل ۽ انصاف ڪري سگهيو آهي؟ اها تاريخ هاڻ ڳجهي ناهي رهي. دنيا اندر آپگهات ڪري زندگي جو ڏيئو اجهائيندڙ انسانن ۾ اڪثريت عورتن جي آهي. عورتن جي انهن خودڪشين پويان ڪهڙا ڪارڻ آهن؟ دنيا جي گولي تي ارتقا کان وٺي اڄ ڏينهن تائين سمورن ڏکن، تڪليفن، جنگي حالتن، قدرتي آفتن، طوفانن، ٻوڏن، ٻکن ۽ ڏڪارن ۾ عورت مرد سان ٻانهن ٻيلي بڻجي سندس ساٿ ڏنو آهي. ان جي باوجود بہ مرد زمانن کان مٿس نلهو اعتماد بہ بحال نہ ڪري سگهيو آهي. فطري طور هڪٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم رشتن ۾ صنفي اڻبرابري جو غيرانساني رويو ئي اهڙي عدم اعتمادي جي ڪشمڪش ۽ ڪشيدگيءَ جي صورتحال کي جنمي ٿو. اهڙي عذاب کي عورت صدين کان ڀوڳيو آهي. دنيا جون

سموريون پيڙاهون ۽ تڪليفون عورت جي پانڌ ۾ گهٽيريون آيون آهن. جنهن جو عورتن نهايت ئي بهادريءَ سان مقابلو بہ ڪيو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن همت هاري ”آپگهات“ کي بہ گلي لڳايو آهي.

## ماضي ۾ هندو سماج اندر عورتن کي خودڪشي لاءِ اتساهيندڙ ”ستي“ رسم

هنڌو سماج ۾ عورت سمورو جيون پنهنجي پتي پرميشور جي پيار ۽ اعتماد جي حاصلات لاءِ ”شيواداري“ بڻيل رهي ٿي. پر اڄ ڏينهن تائين فقط ويد، پراڻ، ڌارمڪ ڪتابن جي پنن ۽ ڳالهين جي حد تائين تہ ڪيس ”مهان“ سمهجيو ويو آهي، پر حقيقت جي نگاهن سان ڏسبو تہ اکين ۾ دردن جا طوفان اٿي پوندا، جيڪي ڪائنات جي نازڪ مزاج انسان دوست فردن کي ڪک پن ڪري ڇڏيندا. سماج جون ڪيتريون ناسور ريتون رسمون ۽ رواج جيڪي فقط ”عورت“ کي پنهنجي قيد ۾ قابو رکڻ خاطر ئي رچيل آهن. انهن ريتن جو نچوڙ فقط عورت کي مرد جي ازلي داسي، غلام ۽ نيچ ڏيکارڻ جو فلسفو آهي. زمانا اڳ عورت جي ”پاڪ دامني“ جون پرڪشائون ”چرپيلي“ جهڙي رسمن تحت بہ ورتيون وينديون رهيون آهن پر ساڳي ريت ان ئي سماج ۾ ”مرد“ جو ”ستوجتو“ (پاڪ پوبتر صاف دامن) هجڻ لاءِ ڪهڙو قانون رهيو آهي؟ پتنيءَ جي پرلوڪ پڌارڻ بعد يا سندس حياتي ۾ پتي پرميشور تہ ڪيترائي دفعا شپ لگن وهان رچائڻ جي ڌرمي آگيا رکي ٿو. پر پتي جي سرڳواسي ٿيڻ بعد عورت لاءِ ”ستي“ جي عذابي رسم بہ سماجي ريتن ۽ رسمن جو حصو رهي آهي. مڙس جي جنگ ۾ سرڳواسي ٿيڻ بعد وني لاءِ ”آپگهات“ جهڙي انسان دشمن رسم جا آثار تاريخ ۾ ملن ٿا. پتي جي مرڻ بعد پتني وٽ ستي بڻجي آتم هتيا ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نہ هوندو هو. ان کي سرڳ جي آسري تي ”ستي“ ٿيڻ لاءِ وقت جا ويدوياسي ٺيڪيدار عورتن کي رٽيل سلوڪن سان اتساهي ”خودڪشيون“ ڪرائيندا هئا. ستي ٿيندڙ عورت کي ڪنوار جو وڳو سون ۽ چاندي جي زيورن سميت سورنهن سينگار ڪرائي باهہ جي مچ ۾ ساڙيو ويندو هو. سڙڻ جي سور ۽ عذاب کان بچڻ يا مزاحمت ڪندڙ عورت کي نشو ڏيڻ ۽ بانس جي ڪاٺين ۾ ٻڌي سوگهو ڪيو ويندو هو. جيئن سڙڻ وقت ستي ڇڏائي ڀڄڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهي. ستي کي ساڙڻ کانسواءِ مري ويل مڙس سان گڏ جيئري ئي قبر ۾ دفن پڻ ڪيو ويندو هو. پر جيڪڏهن مڙس ڪٿي ڏور پرديس ۾ پرلوڪ پڌاريو ۽ سندس لاش گهر پهچڻ جا امڪان نہ هوندا هئا تہ سندن پتني باهہ جو وڏو مچ ٻارائي، آگ ۾ ”ستي“ ٿيڻ لاءِ ٽپي ”خودڪشي“ ڪندي هئي. اهو لڱ ڏڪائيندڙ ۽ دل ڏاريندڙ منظر اُتي موجود هزارين ماڻهو پنهنجي اکين سان اُپي ڏسندا هئا. ٻيون عورتون وري ان ”ستي“ تي آتم هتيا ڪندڙ عورت لاءِ رخصتيءَ جا گيت ڳائينديون هيون. ”ستي“ جي رسم پويان اهو تصور هو تہ مرڻ بعد ٻئي پتي پتني ٻيهر گڏجي ويندا. بنگال ان رسم جي ضد ۾ رهيو آهي. سِک مذهب ۾ ”ستي“ جي رسم تي شروع کان ئي پابندي رهي آهي. پر هن رسم پويان عورت تي ”بي اعتمادي“ جي گهٽيا سوچ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ ڪارڻ نظر نٿو اچي. وڏي ڄمار جا بادشاهہ ۽ سرندي وارا پوڙها منش پنهنجي ڏاڍمڙسي ۽ ملڪيت جي آڌار تي ڪيترين ئي نوجوان حسين نارين سان شپ لگن وهان ڪرڻ ۾ سڦل ويندا هئا. شاديءَ بعد سندن ذهن تي هر وقت اهو خوف

چانيل هوندو هو تہ "سندس سُندر ۽ جوان ڌرم پتني متان ڪنهن ڌارئين جوان آدمي کي پسند ڪري وڃي يا ڪيس مارڻ خاطر زهر ڏيڻ جو انديشو بہ سندن سوچن تي قابض هوندو هو" ان کان علاوه ڪين اهو بہ ڊپ هوندو هو تہ "ملڪيت جي حاصلات، ڌن ۽ دولت جي وارثي ماڻڻ خاطر سندن پتني زهر ڏيئي ماري سگهي ٿي" ان خدشي کي ختم ڪرڻ لاءِ "ستي" جي رسم رواج وڌو ويو جنهن بعد زالن تي بي اعتمادي ڪندڙ مردن جو ڊپ ختم ٿي ويو ڇو تہ "جيڪڏهن سندس زال زهر ڏيئي ماريندي تہ ڪيس بہ "ستي" جي رسم ذريعي ماريو ويندو" هندو سماج ۾ هيملاڪ جهڙي ذهنيت رکندڙ ماڻهن اهڙي عورت دشمن ريت ۽ رسم کي قانون جي شڪل ڏئي لاڳو ڪيو. جنهن سان هيستائين لکين عورتون "ستيون" ٿي خودڪشي ڪري موت جو شڪار ٿي ويون. راجائي حاصل ڪرڻ خاطر 1806ع ۾ نيپال جي راجا کي سندس ڀاءُ قتل ڪري ڇڏيو. سندس بيواه مهاراڻي راجيشوري ديوي کي 5 مئي 1806 ع تي سندس مرضيءَ جي خلاف زبردستي "ستي" ڪري ساڙي ماريو ويو. عورت کي "آپگهات" لاءِ اتسائيندڙ "ستي" جي رسم، هندستان جي راجپوتن ۾ بہ موجود رهي آهي. جنگ ۾ امڪاني هار يا گرفتار ٿيڻ جي خوف کان عورتون پنهنجن معصوم ٻارن ٻچن سميت خودڪشيون ڪري ڇڏينديون هيون. خودڪشي لاءِ باھ ۾ سڙڻ کان سواءِ زهر کائڻ يا کوھ ۾ ٽپو ڏيئي بہ انت آندو ويندو هو. سڪندر اعظم جڏهن هندستان ۾ پير پاتو تہ مقامي هندن کي بہ پنهنجي فوج ۾ڀرتي ڪيائين هڪ جنگ ۾ سڪندراعظم جي فوج جو هندو ڪمانڊر ششي گپت مارجي ويو تہ ششي گپت جون بہ ڌرم پتنيون پاڻ ۾ ان ڳالھ تان اٽڪي پيون ۽ هرهڪ ان ڳالھ تي بضد هُئي تہ "ششي گپت جي چتا سان گڏ ڪيس ستي ٿي سڙي مرڻ ڏنو وڃي" يوناني فوجي اڪين سان اهڙو لقاءَ ڏسي حيران ٿي ويا. ان وقت جي "انصاف پسند منصفن" سڙي خودڪشي ڪري مرڻ جو حق سندس هڪ پتني کي ڏنو ٻي پتني کي "ستي" ٿي خودڪشي ڪرڻ کان ان ڪري روڪيو ويو تہ هو پيٽ حمل سان هئي.

## اجتماعي خودڪشي جهڙي "جوهر ۽ ساڪا" جي رسم

هندستان جي ماضيءَ ۾ عورتن کي سماجي رتين رسمن جي آڙ ۾ "خودڪشي" ڪرائي "ستي" جي نالي تي قتل ڪرڻ جي وحشيانا رسم سان گڏ هڪ ٻي بہ عورتن ۽ ٻارڙن جي اجتماعي خودڪشي جهڙي رسم "جوهر" بہ تاريخ جي ورقن ۾ ڏٺي وئي آهي. "جوهر" جي رسم جنگي گهيري جي صورت ۾ ادا ڪئي ويندي هئي، گهيري هيٺ آيل بادشاهي گهراڻي جون راڻيون ۽ مهاراڻيون لاڏين وارا ويس وڳا ۽ سون پائي برهمڻي منترن جي ورڌن هيٺ پاڻ کي پنهنجن ٻارڙن سميت رات جي اونداهي ۾"چتا" چاڙهي "خودڪشي" ڪري ڇڏينديون هيون، صبح جو "ستين" ۽ مري ويل ڀين گهرياتين جي راک کي سندن گهر جا مرد مٿي تي مَلي شاهي قلعي جي مُک دروازي مان ٻاهر نڪري دشمنن سان جنگ ڪندا هئا. اهڙي ريت مرڻنڌڙن کي "ساڪا" جي رسم سان پڪاريو ويندو هو. تاريخ ۾ اهڙو مضبوط حوالو ۽ دليل تہ نٿو ملي پر اها روايت سينا بہ سينا سفر ڪندي اڄي هيستائين پهتي آهي تہ علاؤ الدين خلجي جڏهن

جيسلمير جو گھيرو سخت ڪيو هو تہ ان وقت 24 هزار عورتن "جوهر" جي رسم ادا ڪندي "آتم هتيا" ڪئي هئي.

## انگريز سرڪار پاران "ستي" جي رسم تي پابندي وڌي وئي.

"ستي" جي عورت دشمن رسم خلاف هندستان ۾ ڪيترين ئي تحريڪون هليون. مغل حڪمرانن همايون، اڪبر ۽ شاهجهان بہ ان رسم جي خاتمي لاءِ ڪوشضون ورتيون پر بادشاهہ اورنگزيب سختيءَ سان عمل ڪرايو پر هي رسم مذهب جو حصو بڻجڻ ڪري ختم نہ ٿي سگهي، بنگال جي اسڪالر راجا موهن راءِ "ستي" جي رسم خلاف ڪامياب تحريڪ هلائي. انگريز گورنر جنرل لارڊ بنٽنگ پاران "ستي" ذريعي عورتن کي خودڪشيون ڪرائي قتل ڪرڻ جي خطرناڪ رسم تي 1832ع ۾ پابندي هنئي. پر لڪ ڇپ ۾ ڀارت اندر شايد ڪٿي اها رسم اڄ مختلف طريقن سان ادا ٿيندي هوندي.

## اجتماعي خودڪشيون

حياتيءَ کان بيزار ماڻهو پنهنجي جان وڃائڻ سان گڏ ٻين جو سِر ڪٽڻدي بہ دير نہ ڪندا آهن. ڪنهن بہ سبب جي ڪري گهر جي ٻين ڀاتين کي مارڻ بعد قاتل پاران ڪيل خودڪشي کي اجتماعي خودڪشي نہ سمجهڻ گهرجي، ان ۾ فقط قاتل خودڪشي ڪري ٿو باقي ٻيا بي گناهہ ماڻهو قتل ڪيا وڃن ٿا. "اجتماعي خودڪشي" ان کي چئبو آهي جنهن ۾ اهي ماڻهو ڪنهن سبب جي ڪري خودڪشي ڪندي بہ هڪٻئي سان "خودڪشي" تي متفق آهن. اجتماعي خودڪشي جا واقعا عشقيا مامرن سان منسلڪ هوندا آهن. جهڙي ۽ اسلام ڪوٽ ۾ پڻ ٻن پريمي جوڙن رسا ٻڌڻ ۾ وجهي اجتماعي خودڪشي ڪري ڇڏي هئي. اهڙيون خودڪشيون ميڊيا تي اينديون رهنديون آهن.

❖

# عقيدائي آتم هتيائون

ڪائنات جي پُرامن انسان لاءِ "جياپو" وڏو مسئلو بڻيل رهيو آهي، انسان جيئڻ ڪارڻ وڏا ڪشالا ڪٽيا آهن. پنهنجي سلامتي ۽ نسل وڌائڻ خاطر ٻين جنگن سان گڏ ڪيس اصل تہ "جياپي جي جنگ" جوٽڻي پئي، توڙي جو دنيا جون سموريون جنگون جيڪي ڌرتيءَ جي ڏٽيائپ، قومي وسيلن جي تحفظ، مال، ملڪيت، ڌن دولت، جاگيرن تي قبضن خاطر وڙهيون ويون، اهي سموريون جنگون انساني رت جي ريج کان خالي هرگز ناهن. جنگين جي تاريخ رهي آهي تہ ڌرتيءَ تي هڪڙيون حملي آور ۽ قبضاگير قوتون ٻين امن پسند انسانن جي امن ۾ خلل وجهڻ خاطر جنگ لاءِ جواز ڳولي هلان ڪنديون رهيون ۽ انسانيت ڦٽڪندي رهي. توڙي جو جنگين پويان جابر ڌرين جا مخصوص "مفاد" رهيا آهن پر ڌرتيءَ جو امن پسند انسان فقط "جياپي" لاءِ پٽڪندو رهيو. يعني دنيا ۾ "جياپي جي جدل" جي فلسفي ۽ فن کان سواءِ حياتي گذارڻ تمام مشڪل ٿي پئي. دنيا جي امن کي بندوق جي نال مان ڏسندڙ ظالم ماڻهو موت جا سوداگر بڻجي خونريزي ڦهلائي بي سبب اڻ اعلانيل "جنگ" ٿاڦي ڇڏي. تڏهن تہ جنگي فن جي ماهر سن زو کي ٻہ هزار سال اڳ امن ۽ شانتي جو پيغام ڏيڻ بجاءِ "جنگ جو فن" ڪتاب لکڻو پيو. ڪائنات ۾ زندهہ رهي پنهنجي وجود جي بقاءَ رکڻ لاءِ "جياپي جي جنگ" جو فن سکندي سکندي انسان هڪٻئي جو قاتل ويري ٿي پيو. پنهنجي حياتي جو ڏيئو ٻارڻ لاءِ ٻئي جي حياتي جو ڏيئو اجُهائڻ لازمي سمجهندي ڌرتيءَ جو پُرامن ماڻهو خطرناڪ جنگ ۾ ڦاسي پيو. جتان آجپو حاصل ڪرڻ سندس وس ۾ ناهي رهيو. جيون ساگر جي "ڀُڏ" لڪين سالن کان وڙهندڙ منش ايترو تہ ٿڪي پيو جو "جياپي جي جنگ" مان بيزار ٿي "خودڪشي" جهڙي غيرفطري موت لاءِ ذهني طور گهڻو اڳتي نڪرندي نظر اچي ٿو. دنيا ۾ خودڪشين جي انتهائي درجي تائين وڌي ويل شرح کي مدنظر رکي اهو اندازو آساني سان لڳائي سگهجي ٿو تہ جديد زماني جي باشعور ماڻهو وٽ حسين جيون جو ڪهڙو قدر ۽ اهميت باقي وڃي رهي آهي؟

## وهم، وسوسا مفلوج ذهنن ۾ "آتم هتيا" جي خيالن جي آبياري ڪن ٿا.

ڌاڳا، ٽوڻا، ڦيڻا، وهم ۽ وسوسا بنيادي طور معاشري ۾ شاطر پوڻن جو ڪارو ڪاروبار آهن. ان ڪُڌي ڌندي کي برقرار رکڻ لاءِ نفسياتي مرضن ۾ مبتلا ماڻهن جي ذهنن تي قابض رهڻ خاطر جهالت جي ڄار ۾ ڦاٿل اڻڄاڻ انسانن جي ذهني صلاحيتن کي وهم ذريعي مفلوج ڪري سندن حياتي کي تباهين جي اوڙاهہ ۾ ساڙيو وڃي ٿو. سماج ۾ وهم پرستيءَ جي وڪڙ ۾ نفسياتي مريض بڻيل معصوم ماڻهن جا زهر جهڙين سوچن، ويچارن ۽ خيالن مان آجپي جا سمورا گس ۽ اميدون ڀسم ٿي وينديون آهن. نفسياتي مريضن کي پوڻن پاران ڏنل وهم ۽ وسوسن جي عذاب ۾ هر وقت ذهني خوف ۾ مبتلا رهڻ ڪري خطرناڪ ذهني ڇڪتاڻ ۽ ڪشيدگي حياتي جي حُسناڪين تان اروڙاهہ ڪٽائي ڇڏينديون آهي. وهم ۽ وسوسن جي

ور چڙهيل معاشري جي مايوس ماڻهن جي مزاج ۾ انتهاپسنداڻا رويا ۽ احساسِ محرومي، اجايو خوف ۽ حراس "خودڪشي" کي ويجهو آڻيندو آهي. سوچن تي هر وقت ڪارو علم، جادو، ڪامڻ، ويرمٽ جي دٻ جي خيالن جو غلبو ذهنن تي قابض ٿيڻ سان تعميري سوچن جو انت اچي ويندو آهي. سماج جو هڪ ڪارائتو انسان مڪمل طور ناڪاره بڻجي هر وقت ٻين ماڻهن کي پنهنجو "دشمن" پيو سمجهندو آهي.

اهو فرد ڪاروبار ۾ ناڪامي، ڏکهي بيماري يا پيش آيل اتفاقي حادثن سميت هر نقصان ڏيندڙ عمل کي پنهنجي خلاف "سازش" سمجهڻ جي ذهنيت جو شڪار ٿي ويندو آهي. وهم پرستي جي اهڙي خطرناڪ "ذهينيت" تنگدلي جي ڪيفيت کي جنم ڏي ٿي ۽ خودڪشي جي خيالن جي آبياري ڪري ٿي. جنهن جو انت آخر "آپگهات" ئي آهي. خودڪشي جا اهڙا ڪيترائي واقعا روز رڪارڊ ٿين ٿا. جن کي قانون ۾ "اتفاقي موت" جو نالو ڏيئي فقط روزنامچي ۾ شامل ڪري هميشہ لاءِ دفن ڪيو ويندو آهي. چار ڏينهن جي سوڳ بعد گهر ڀاتين ۽ رت جي رشتن کان سواءِ ڪين ڪير بہ ياد ناهي ڪندو.

هن معاشري ۾ تہ زر، زمين ۽ زن جهڙن ذاتي مفادن جي حاصلات لاءِ چڱن ڀلن ۽ ڪارائتن ماڻهن کي "چريو" قرار ڏيئي ذهني مريض هجڻ جا سرٽيفڪيٽ جاري ڪرائي مٿن ظلمتن جا پهاڙ ڪيريا ويندا آهن. محبوب رشتن جو تقدس پائمال ڪندڙ رويا هن معاشري ۾ محبتن بجاءِ "آپگهاتن" جي شرح وڌائي سگهن ٿا. معاشري ۾ وهم ۽ وسوسن جو ڪاروبار ڪري امن پسند تخليقڪار ذهنن کي نفسياتي مريض بڻائي "خودڪشين" لاءِ سنبرائيندڙ ماڻهن خلاف قانون ڪيترو سرگرم عمل آهي؟ وهم پرستي جي ور چڙهيل اهڙن ذهني مريضن جي سهائتا لاءِ اسان جي تهذيب يافتہ، مهذب ۽ باشعور معاشري ۾ ڪهڙا حل موجود آهن؟ نفسياتي مريضن جي علاج لاءِ وڏن شهرن کان علاوه ننڍن شهرن ۾ ڪيترين نفسياتي اسپتالون ۽ نفسياتي ماهر ڊاڪٽر مقرر ٿيل آهن؟ "خودڪشي" جي وڌندڙ شرح کي روڪڻ لاءِ سماج جا باشعور انسان، انساني حقن جا علمبردار بڻيل عالمي ادارا، سول سوسائٽي يا خود سرڪار ڪيترو سنجيده ڪردار ادا ڪيو آهي؟

## "سماڌي" جي رسم تي پارت ۾ هن وقت بہ پابندي عائد ٿيل آهي.

"ماڻهو" حيوانيت جي دائري مان نڪرڻ لاءِ لکين سالن جو پيچيده، مشڪل ۽ ورن، وڪڙن، تجربن ۽ مشاهدن جو ڏکهو سفر طئي ڪندو اچي تهذيب يافتہ ۽ مهذب بڻيو. جنهن جي شروعات تهذيبن جي سرجڻ ۽ مذهبن جي وجود ۾ اچڻ سان ٿئي ٿي. سناتن ڌرم ڪائنات جو جهونو ڌرم آهي، ان ڌرم جون ڪيترين ئي آڳاٽيون ڌرمي رسمون فطرت سان لاڳاپيل آهن، پر آرين جي آمد بعد هڪ فطرت پسند ڌرم جي حقيقي شڪل کي ڦيري برهمڻ پنهنجي مفادن وٽان جوڙيو. ڌرم جا آئين ۽ قانون پنهنجي مفادن وٽان جوڙيا، عجيب رسمن کي ٿاڦيو ويو. "سماڌي" جهڙيون ڪيتريون رسمون مقبول ٿيون. جن تي هن وقت ڀارتيءَ سرڪار پاران پابندي عائد ٿيل آهي.

## "سماڌيءَ" ڇا آهي؟

ڌرمي عبادت ۽ روحانيت جي رمزن ۾ پاڻ ارپڻ لاءِ انيڪ پوڄائون، پاٺ، چلا ڪاٽڻ ۽ عبادت ۾ انترڌيان (مُراقبو Meditation) ڪرڻ تائين ڌرم ۾ عبادتن جا انيڪ عجيب طريقا موجود آهن، جيڪي اپنائبا رهيا آهن. پاڻ تياڳڻ جي رسم بہ آهي، جنهن ۾ دنياداريءَ جي سمورين خواهشن ۽ تمنائن کي تياڳي، ذاتي جيون کي ترڪ ڪري فقط برهمچاري بڻجي جيون گهاريو وڃي ٿو. پر هتي جنهن رسم جو ذڪر ڪرڻ ٿا چاهيون اها رسم "سماڌي" جي نالي سان پڪاري وڃي ٿي. ڪو پوڄاري سموري حياتي ڌرمي ڪيرتن ۾ گذاري بعد ۾ جيئري ئي پاڻ کي هڪ چورس کڏ ۾ دفن ڪرائيندو آهي. سندس چيلا وڏي اهتمام سان ڌرمي سلوڪ ۽ ڀڄنن جي سنگيت جي ارپنا ۽ گُلن جي ورکا سان جيئري ئي کوٽيل کڏ ۾ ويهاري مٿان ڪاٺين جو ڇپرو آڏي مٿي ڍڪي ڇڏيندا آهن. ان کي "سماڌي" چئبو آهي. پر هن وقت ان رسم تي هندستان ۾ سخت پابندي پيل آهي. تازو راجستان جي ڀيلواڙا ضلعي ۾ هڪ پوڄاري پاڻ کي "سماڌي" وٺڻ لاءِ وڏي اهتمام سان جيئري دفن ڪرائي چڪو هو پر سماڌي جي رسم ادا ڪرڻ دوران وڊيو انٽرنيٽ تي وائرل ٿيڻ ڪري پوليس کي پتو پئجي ويو. جنهن فوري طور تي ڪاروائي ڪندي سماڌي کي کوٽائي مهاتما کي بي هوشي جي حالت ۾ اسپتال پهچائي، طِبي امداد ڏيڻ بعد ملوث ماڻهن خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيو. هن دؤر ۾ جيئري "سماڌي" ذريعي غيرفطري موت تي سرڪار پاران پابندي هجڻ ڪري جيئري "سماڌي" جي رسم ختم ٿي چڪي آهي.

جيئري سماڌي وٺڻ تي پابندي ڪانپوءِ ڪيترائي پوڄاري اڄ بہ مرڻ بعد وصيت ڪري ويندا آهن تہ کين قبر ۾ دفن ڪرڻ يا اگني سنڪار ڪرڻ بجاءِ "سماڌي" واري طريقي سان دفن ڪيو وڃي. مرڻ بعد "سماڌي" ذريعي دفن ٿيڻ جو طريقو تہ ڪنهن حد تائين بهتر آهي پر فقط عقيدي تحت وقت کان اڳ هڪ قيمتي انساني زندگي غيرفطري موت جي ور چاڙهي ساهہ جو سڳو ٽوڙڻ جي عمل کي دنيا جي باشعور سماجن ۾ ڪهڙي نظر سان ڏٺو وڃي ٿو؟

## عقيدي ۽ وهم پرستي ۾ پاڻ کي "ٻَلي چاڙهڻ" بہ آتم هتيا آهي.

ڌرتيءَ تي انسانن جي اڪثريت قديم زمانن کان هيستائين جديد سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ترقي جا قراقرم پار ڪندي بہ هڪ عجيب ذهني ۽ نفسياتي ٻڌتر جو شڪار رهي آهي. عقيدا، وهم ۽ وسوسا آزاد انسان کي گهيريو اچن. ان ٻڌتر جي نتيجي ۾ انسان ڪجهہ اهڙا عمل پڻ اپنائي ٿو جيڪي خود فطرت جي نفي ڪن ٿا. ڪائنات ۾ عقل وارو جيو "اشرف المخلوقات" پنهنجي وجود جي بقاءَ سان گڏ وس آهر فطرت جي تحفظ جي ڳچ جهڙي ذميواري بہ سندس حصي ۾ اچي ٿي. پر ان اهم ذميواري بجاءِ انسان تہ حسين حياتي جي اهميت جو انڪاري بڻجي، انڌن عقيدن جي ڄار ۾ جڪڙجي پنهنجي "ٻلي" ڏيئي، جيون جو انت آڻي رهيو آهي. "ٻلي" جي رسم پنهنجن ديوتائن کي راضي ڪرڻ جي عقيدي سان ادا ڪئي ويندي آهي. "ٻلي" چاڙهڻ جي رسم لاءِ گهيٽا، ڇيلا، پاڏا "جهاتڪن" جي ور چاڙهيا ويندا آهن.

ڀر ڀارت جي گهڻين پسمانده رياستن اندر لڪ ڇپ ۾ ان رسم ۾ انسان ڪي "ٻلي" چاڙهيو وڃي ٿو عالمي انساني قانونن تحت عقيدي جي رسم خاطر ٻي معصوم انسان کي "ٻلي" چاڙهي مارڻ قتل جي زمري ۾ اچي ٿو. يا اهو فرد خود بہ پنهنجي "ٻلي" ڏيڻ لاءِ راضي ٿئي ٿو ڪلي، ڪُڏي، نچي، ڳائي، وڄائي ڪاتي هيٺان ڪنڌ رکي "ٻلي" چڙهي "آتم هتيا" ڪري ٿو تہ اهو بہ غيرقانوني عمل سمجهيو وڃي ٿو. قانون ۾ پابندي باوجود اڄ بہ "ٻلي" جي رسم ڀارت مان مڪمل طور ختم نہ ٿي سگهي آهي. اسان جي ملڪ ۾ ڪجهہ اهڙا واقعا رڪارڊ ٿيا آهن. سال 2010ع ۾ ميرواهہ گورچاڻي ۾ "ٻلي" جو هڪ لڱ ڪانڊاريندڙ واقعو پيش آيو هو جنهن ۾ هڪ همراهہ ڪالي ماتا کي "ٻلي" ڏيڻ لاءِ پنهنجي ٽن معصوم نياڻين کي ڪاتي سان ڪُهڻ بعد پاڻ بہ پنهنجي گلي تان ڪاتي ڦيري "ٻلي" جي رسم ادا ڪندي خودڪشي ڪري ڇڏي. پنهنجي ٽن معصوم نياڻين سميت پنهنجي سِر جي ٻَلي ڏئي آپگهات ڪندڙ همراهہ کي پختو يقين هو تہ "ڪالي ماتا ڪيس ٻيهر زندهہ ڪندي!" سندس اهڙي انڌي عقيدي جي نتيجي ۾ چار قيمتي انساني جانيون موت جي ور چڙهي ويون. جولاءِ 2011ع ۾ ميرپورخاص ۾ بہ اهڙو سانحو ٿيڻ کان ذري گهٽ بچي ويو هڪ پوپي ڀاران پُٽ ڏيڻ واسطي ٽن معصوم نياڻين کي ذبح ڪري ٻلي چاڙهڻ جو پروانو جاري ڪيو ويو هو پر اهڙيون خبرون ميڊيا ۾ اچڻ بعد قانون حرڪت ۾ اچي ويو. پوپي کي ٽُرم ياترا ڪرڻي پئي ۽ جنهن ڪري ٽي معصوم نياڻيون "ٻلي" چڙهڻ کان بچي ويون. انڊيا جي ڏڪاريل رياستن مان برسات جي ديوتا کي راضي ڪرڻ خاطر پڻ اهڙيون رسمون ادا ڪيون وينديون آهن، جنهن ۾ انساني زندگيءَ جو ٻرندڙ ڏيئو اجهي ويندو آهي. ڀارت ۾ "ٻلي" چڙهڻ جهڙي غيرفطري موت جو شڪار ٿيندڙن ۾ عورتن جي گهڻائي آهي.

❖

# چڪيا چڙهي ڪيل خودڪشيون

## "مومل ۽ راڻي" بہ چڪيا چڙهي خودڪشي ڪئي.

جڳ مشهور عشقيہ داستان جنهن کي شاعرن جي سرتاج مرشد لطيف پورو سُر ارپيو آهي. توڙي جو مومل ۽ راڻي جي عشقيہ داستان ۾ گهڻيون ڳالهيون ڏندڪٿائون بہ لڳن ٿيون، پر انهن جي عشق جي پڄاڻي "خودڪشي" تي ٿي. پندرهين صديءَ ۾ راجا نند گُجر ميرپور ماٿيلي جو راجا هو راجا نند کي 9 نياڻين جو اولاد هو. هڪ ڏينهن سندس ملڪيت جي لڪيل خزاني جو راز مومل ڪنهن فقير جي حوالي ڪري ڇڏيو اهو فقير راجا نند جو سنڌو درياهہ جي پيٽ ۾ لڪايل خزانو ٻهاري ويو. ڪنهن ڏينهن راجا نند خزاني جي سار لهڻ جي خيال سان مومل کان حال احوال ورتو پر مومل تہ اڻ ڄاڻائي ۾ خزاني جو راز فقير کي ڏيئي ڇڏيو هو جنهن تي راجا نند مومل تي ڏمرجي پيو ۽ مارڻ لڳو پر سومل پنهنجي پيءَ کي خزاني کان وڌيڪ دولت آڻي ڏيڻ جي ضمانت تي مومل جي جان ڇڏائي. جنهن بعد سومل پنهنجين ڀيڻن ۽ ٻانهين کي وٺي اچي جيسلمير وٽ لڌاڻي ۾ ڪاڪ محل جوڙايو اتي شهزادن کي نازنين جي اکين ۾ قيد ڪرڻ خاطر طلسمي تڪسات ۾ ڪيترائي اڻڄاڻ ماڻهو پنهنجي جان وڃائي ويٺا.

گُجر کي گجميل جون تارن ۾ تبرون،
هٽي حاڪمين کي، زور پريون زبرون،
ڪاڪ ڪنڌيءَ قبرون، پسو پرڏيهين جون.

پر راڻي ميندري پنهنجي ڏاهپ ۽ عقل سان سومل پاران مومل کي ماڻڻ لاءِ رکيل شرط پورا ڪيا، طلسمي آزمائشن جا ڪُڻ پار ڪري وڃي مومل ماڻيائين. سندس ملاقاتن جو سلسلو شروع ٿي ويو. ڍگهو پنڌ ڪري راڻو مومل سان ملڻ ڪاڪ محل (لنداڻو) ويندو هو. روزانہ ڪاڪ ڪاهڻ ڪري راڻو همير ڪاوڙجي پنهنجي ساليءَ راڻي ميندري کي قيد ڪري ڇڏيو جنهن ڪري راڻو مومل سان ملڻ کان رهجي ويو.

ڪتنِ ڪر موڙيا، تيڙو اُيا تيئي،
راڻو رات نہ آئيو ويل تري ويئي،
ڪوءِ سا ڪاڻي راتڙيا پرين ري پيئي،
مون کي ڏن ڏيئي، وڃي ڍولو ڍٽ قراريو.

پويان مومل راڻي جي وڇوڙي ۽ درد فراق ۾ پنهنجي ڀيڻ سومل کي راڻي ميندري جو ويس پهرائي پاڻ سان گڏ سمهاريندي هئي، جڏهن راڻو ميندرو هميرسومري جي قيد مان ڇُٽي مومل سان ملڻ آيو تہ مومل سان گڏ ٻيو مرد سُتل ڏسي ڪاوڙجي ويو، نشاني طور پنهنجو لڪڻ کٽ تي ڇڏي ويو، بعد ۾ مومل

ڪئين نياپا اُماڻيا، آزيون نيازيون، معافيون، طلاقيون ۽ وضاحتون ڪيون پر راڻي ميندري اڳيان هڪ بہ نہ هليس. مومل جو من عشق جي آگ ۾ تپي، سڙي، ٻري ويو سو نيٺ مجبور ٿي باهہ جو اوڙاهہ ٻارائي اُن ۾ ٽپو ڏئي ”آپگهات“ ڪري ڇڏيائين. جيئن ئي راڻي ميندري تائين اُها خبر پهتي سو بہ مينهن واهہ ڪندو اچي پهتو پر تيستائين سندس محبوبا مومل باهہ ۾ جلي ڀسم ٿي چُڪي هُئي، اهو خطرناڪ منظر ڏسي راڻو بہ باهہ ۾ ٽپي پيو ۽ خودڪشي ڪري انت آندائين. ڪن پل ۾ ٻئي راک بڻجي ويا.

هتي ”مومل راڻو“ داستان لکڻ جو حاصل مقصد اهو آهي تہ دنيا ۾ گهڻين خودڪشين جا سبب پيار، محبت ۽ عشق ۾ ناڪامي ئي معلوم ٿين ٿا. انتها درجي جي محبت جو جذبو ماڻهو ۾ جنونيت جي روين کي ظاهر ڪري ٿو. عشق جو انڌپڻ دنياداري جي بينائي وڃائي ٿو. نتيجي ۾ فقط ”حاصلات“ ئي اهم مقصد وڃي بچي ٿو. عشق جي جنون ۾ ورتل ماڻهو ٻي انسان جي جان وٺڻ ۽ پنهنجي جان ڏيڻ جي نفعي ۽ نقصان جي پرواهہ ڪرڻ بنان قدم کڻندا آهن. اهو قدم ڇو نہ خودڪشي جو هجي! پر ڪنهن بہ ريت ان عمل تان پوئتي هٽڻ جي سوچ سندن ذهن تي اچڻ جو ڪو سوال پيدا نہ ٿيندو آهي. ڪيترائي عاشق پنهنجين محبوبائن کي قتل ڪرڻ بعد پاڻ بہ ”خودڪشي“ ڪري ڇڏيندا آهن. مقامي توڙي قومي ميڊيا ۾ اهڙا ڪيس رڪارڊ ٿيندا رهيا آهن. هن معامري ۾ هڪ طرفي خودڪشي سان گڏ عشق جي جنون ۾ مبتلا عورت توڙي مرد ٻئي گڏجي بہ خودڪشي ڪن ٿا. حياتي تان هٿ ڌوئڻ جهڙو انتهاپسنداڻو قدم فقط ان وقت کنيو ويندو آهي، جڏهن هڪٻئي کي حاصل ڪرڻ جون سموريون اميدون نراس بڻجي وڃن. گڏجي جيئڻ جو ڪو بہ آسرو باقي نہ بچندو آهي. ان صورتحال ۾ اڪثر هڪ طرفي خودڪشي جا واقعا تہ تمام گهڻا رڪارڊ ٿيندا آهن. جنهن ۾ ڇوڪرن جي ڀيٽ ۾ ڇوڪرين جو تعداد گهٽيرو هوندو آهي. پر ٻنهي ڄڻن مان ڪو بہ هڪ بچي ويو تہ ٿورن گهڻن ڏينهن ۾ پاڻ سنڀالي وري جيئڻ جو حوصلو حاصل ٿيڻ سان پٽر جهڙي ڳري بڻجي ويل زندگي جو گاڏو گهلجي گهلجي نيٺ وڃي پٽڙي تي چڙهندو آهي.

عشق جي چوٽ لڳڻ بعد حاصلات جي پنڌ ۾ نراس بڻيل فرد ذهني طور جنونيت جي ڪيفيت ۾ مبتلا ٿيڻ سبب پنهنجن حواسن کي وس ۾ رکڻ کان گهڻي حد تائين بيوس بڻجي ويندا آهن. جنهن بعد مايوسي جي کُن ۾ ٻڏندڙ ماڻهو جي عشق جي پُڄاڻي گهڻو ڪري ”خودڪشي“ تي ئي ٿئي ٿي. پر جي سندس هارجي ويل حياتي ”آپگهات“ کان بچي بہ وئي تہ ان فرد جا پاڻ سنڀالڻ جهڙا آثار تمام گهٽ رهجي وڃن ٿا. محبت جي ميدان جا شڪست يافتہ فرد فراريت جي رڻ ۾ وڃائجي ويندا آهن. جتي سندن من تنهائي پسند بڻجي هن سماج کان ڏور پڃندو آهي، ان صورتحال ۾ ڪيترن ئي قيمتي ماڻهن کي خطرناڪ منشيات ۾ سهارو ڳوليندي نشي جو علتي عادي بڻجندي ڏٺو ويو آهي. فراريت ڪين هن معاشري کان جدا ڪري سندس مزاج ۾ چڙ ۽ جذباتيت تنگدليءَ جو زهر ڀري خوبصورت ۽ حسين زندگي کان باغي بڻائي ڇڏيندي آهي. ٻي طرف منشيات تہ ان فرد کي ذهني ۽ جسماني طور ناڪاره بڻائڻ سان گڏ اڳتي هلي ڏوهاري پڻ بڻائي ڇڏيندي آهي. اهڙي زندگي جي شروعات (سلو پوائزن) موت ڏانهن سفر آهي. اهڙو عمل اپنائڻ بنيادي طور محبت ۾ ناڪامي جو پاڻ کان انتقام وٺڻ آهي. محبت ۾ هارجڻ بعد

"خودڪشي" ڪان بچي ويل اهڙا ناڪاره بڻيل فرد هن سماج ۾ توهان کي آفيمي، چرسي، هيروئني جي روپ ۾ نظر ايندا. انهن عادي موالين جي اڪثريت جواني ۾ عشق جي ناڪامي جي صدمي کي برداش ڪرڻ لاءِ منشيات کي اپنايو پر نتيجو اهو نڪتو جو اهو ماڻهو عشق جي جذباتيت مان تہ آجو ٿي ويو پر منشيات جي جڪڙ مان نڪري نہ سگهيو. سندس حياتي جو مقصد مري ويو خود بہ زنده لاش بڻجي هن سماج تي بار ثابت ٿيو. سندس اهڙي حياتي کي نيم موت جو نالو ڏيئي سگهجي ٿو. موت تہ هر جيو کي اچڻو آهي، فطري عمل جي ان اهم مرحلي مان زندگي کي اوس گذرڻو آهي. پر پنهنجي حياتي جي ناڪامين جو انتقام فطرت کان وٺي "آپگهات" ڪرڻ جو عمل هن حسين ڪائنات جو خطرناڪ الميو آهي. انهن الميي جو ذميوار هيءَ سماج بہ آهي تہ خود "فرد" پاڻ بہ آهي.

## ٻيجل ۽ سورٺ بہ چڪيا چڙهي آتم هتيا ڪئي.

ڪائنات جي عظيم شاعر ڀٽائي سرڪار هن داستان تي مڪمل سُر "سورٺَ"سرجيو آهي. جهوناڳڙهہ جي سخي راجا راءِ ڏياچ جي ڀيڻ کي پُٽ ڄائو جنهن بابت پنڊتن پوٿيون پٽي اڳڪٿي ڪئي تہ "اهو ٻار وڏو ٿي پنهنجي مامي راجا راءِ ڏياچ جو سِر ڪٽيندو" جنهن بعد ان ٻار کي ڄمڻ وقت سسئي جيئن صندوق ۾ بند ڪري درياهہ ۾ لوڙهيو ويو. اها صندوق لُڙهندي لُڙهندي وڃي راجا اُنيراءِ جي رياست مان نڪتي جتي ٻار جي اها صندوق هڪ چارڻ جي هٿ چڙهي جنهن صندوق مان ٻار ڪڍي نپايو سندس نالو "ٻيجل" رکيائين. اهو ٻار وڏو ٿي جهنگ ۾ ٻڪريون چارڻ لڳو. هڪ ڏينهن سندن سماعتن تي هڪ سُريلي آواز جو پڙلاءُ پيو جنهن تي ٻيجل اچرج ۾ پئجي ويو. ان آواز کي ڳوليندي وڃي هڪ وڻ تي نظر پيس، جتي ڪنهن ماڙهو هرڻ کي ماري ان جا آندا وڻ تي اُڇلائي ڇڏيا هئا، هرڻ جي سُڪي نوٽ ٿيل آندن مان هوا تي من موهيندڙ سُر نڪري رهيا هئا، سندس حيرانگي جي حد نہ رهي، هن هرڻ جا آندا ڪٽي ساز تي چاڙهيا، ۽ سُرندو وڄائي مٺا سُر ڪڍڻ لڳو، سندس سرندو ڏيهان ڏيهہ مشهور ٿيڻ لڳو.

ٻيجل جي پيدائش واري سال راجا اُنيراءِ کي بہ ايڪهنين ڏيءَ جو جنم ٿيو. راجا ڪاوڙ مان ان نياڻي کي بہ صندوق ۾ بند ڪرائي درياهہ ۾ لوڙهي ڇڏيو جيڪا اتفاق سان راءِ ڏياچ جي ملڪ مان وڃي نڪتي، جتي رتني ڪنڀر نالي همراهہ کي اها ٻارڙي هٿ آئي، جنهن سندس نالو "سورٺ" رکيو. سورٺ جواني جي حدن کي پهچندي حسن جي پري ٿي پئي، سورٺ جي سونهن جي هاڪ ٻڌي راجا اُنيراءِ سندس سڱ گهريو اُنيراءِ کي پتو ئي نہ هو تہ "سورٺ" سندس ئي لوڙهيل ڏيءَ آهي. اها سڌ جڏهن راءِ ڏياچ کي پئي تہ رتني کي گهرائي ملامت ڪيائين ۽ سورٺ کي پنهنجي حويلي ۾ رکيائين. اُنيراءِ ان ڳالهہ تي ڪاوڙجي جهوناڳڙهہ تي ڪاهہ ڪئي، پر هڪ سال جي جنگ بعد بہ کيس فتح نصيب نہ ٿيس. واپس پنهنجي وطن وڃي پڙهو گهمايائين تہ "جيڪو ڪيس راءِ ڏياچ جو سِر آڻي ڏيندو ان کي امُلهہ هيرن جو ٿالهہ انعام ۾ ڏنو ويندو" ٻيجل جي پٽني هيرن جو ٿالهہ وٺي پاڻ وٽ رکيو ۽ واعدو ڪيائين تہ سندس ور ٻيجل راءِ ڏياچ جو سِر وڍي ايندو. ٻيجل زال جي واعدي کي وفا ڪرڻ خاطر سُرندو سينگاري راءِ ڏياچ جي

دربار تي وجي سُر ڇيڙيائين. سخي راءِ ڏياچ ٻيجل جي سُرن تي موهت ٿي ٻيو ڪيس وڏا وڏا انعام ارپيائين، پر ٻيجل تہ سندس سِر جو گهرجائو هو. تنهن راءِ ڏياچ کي چيو تہ “مونکي انعام ۾ ڪجهہ نہ کپي، فقط توهان جو سِر کپي!”

ٻيا در ڏيئي ٻين کي، آيس تنهنجي در،
سونهارا سورٺ ور ! ڪا منهنجي ڪر،
ٻلارا ! ٻيري ٻر، پالهو پاند پنار جو .

سخي راءِ ڏياچ جي در تان ڪڏهن بہ سوالي خالي نہ ويو هو. سو راءِ ڏياچ پنهنجو سِر ڪوري ڏنو.

ڪي جي ٻيجل ٻوليو، ٻنيءَ ويهي ٻان،
راجا رتولن ۾، سيباڻو سلطان،
آءُ متاهون مڱڻا! مقابل ميدان،
گهوريان لک لطيف چئي، تنهنجي قدمن تان قربان،
متو هي مزمان ! هلي آءُ تہ هت ڏينءِ !

ٻيجل راءِ ڏياچ جو سِر ڪٽي اچي اُنيراءِ کي پيش ڪيو. اُنيراءِ کي هڪ سخيءَ جي اهڙي قرباني جو قدر ٿيو جنهن پڻ پڇتائيندي ٻيجل کي سندس لالچ تي سخت ملامت ڪئي، جنهن ٻيجل کي ملڪ نيڪالي ڏني. جنهن بعد ٻيجل بہ سُرندو ڪٽي جهونا ڳڙهہ روانو ٿيو جتي سورٺ مچ ٻارائي “ستي” ٿيڻ جي سڙي راک ٿي چُڪي هئي، ٻيجل بہ راڻي ميندڙي جيئن باهہ جي اوڙاهہ ۾ ٽپي سڙي ساهہ ڏنو. چڪيا چڙهڻ بہ بنيادي طور “آتم هتيا” جو هڪڙو قسم آهي. هن ٻنهي داستانن ڪانسواءِ ٻيا بہ ڪجهہ داستان آهن جن ۾ “چڪيا چڙهي خودڪشي ڪرڻ جا احوال شامل آهن.”

❖

# دنيا لاءِ دهشت جي علامت بڻيل "هٽلر" جي خودڪشي

"آپگهات" (suicide) ڪري حياتيءَ جو انتم ڪندڙ ماڻهن، يا خودڪشيءَ جي ڪوشش ڪندڙ ۽ ارادو رکندڙ ماڻهن لاءِ عام طور تي اها راءِ بہ جُڙيل هوندي آهي تہ "اهو فرد منشيات جو عادي، شيزوفرينيا، ڊپريشن ۽ نفسياتي مرض ۾ مبتلا يا وري مايوسين جو ماريل ۽ زندگيءَ جي جاکوڙ ۾ هارجي ويل نهايت ئي بزدل، ڊڄڻو ۽ ناڪام ماڻهو آهي يا هو" پر ڪيترائي اهڙا مثال بہ موجود آهن. جنهن ۾ خودڪشيءَ ڪندڙ ماڻهن ڪاميابين جا ڪيترائي قراقرم پار ڪيا. سندن سموري حياتي ۾ ڪاميابين سندن قدم قدم تي آجيان ڪئي، پر آخر ۾ شڪست جي ڊپ ڪين "خودڪشي" تي مجبور ڪيو. حياتيءَ ۾ صرف ڪاميابين جو تصور ڪرڻ ۽ ناڪامين کان پڇڻ هڪ مڪمل حقيقت پسند ماڻهو جي مزاج، سوچن ۽ خيالن جي بلڪل ابتڙ عمل آهي.

مال، ملڪيت، ڌن ۽ مايا جو موهہ ۽ حوس ماڻهوءَ مان "ماڻهپو" ڪڍي انساني قدرن کان مڪمل آجو ۽ کوکلو ڪري ڇڏيندي آهي. دنيا جو اهو ماڻهو "ذاتيات" جي لوڀ، هٺ، وڏائي، تڪبر ۽ انا ۾ نيٺ پاڻ بہ فنا ٿي لُڙهي وڃڻ سان گڏ دنيا جي حوسي ماڻهن لاءِ هڪ عبرتناڪ مثال بڻجي ويندو آهي. دنيا ۾ جرمن جائو ايڊلف هٽلر بہ اهڙو مثال بڻجي ويو. هٽلر جرمن قوم جو هيرو ڪيئن بڻيو؟ هٽلر چيو تہ "جرمن عظيم قوم آهي، تنهنڪري دنيا تي حڪمراني سندن حق آهي" ان ڳالهہ سان هٽلر ڪٽي جرمن قوم جو تہ هيرو بڻجي ويو پر باقي سموري دنيا هٽلر کي جن لفظن ۾ ياد ڪري ٿي اهي "لفظ" باشعور سماجن جي اخلاقياتي دائري جي لکت جي ٻوليءَ ۾ اجا نٿا لکي سگهجن. ڇو تہ اجان بہ "اخلاقيات" تهذيب يافتہ سماجن ۾ هڪ سبجيڪٽ طور پڙهائي وڃي ٿي. ڪائنات جي فطري قانون ۽ جدلي ماديت جي اصول تحت گهڙيو گهاٽ پڇي پور پور ٿيڻ لاءِ نهي ٿو. جيڪڏهن هٽلر غيرفطري موت قبولي "خودڪشي" نہ بہ ڪري ها تڏهن بہ هرحال ۾ ڪيس مرڻو تہ اوس هو. توڙي جو هُن پنهنجي انسان دشمن زهريلي جيون جو انت پاڻ پنهنجي هٿن سان آندو پر اهڙو عمل مجموعي طور دنيا جي پُرامن انسانن لاءِ فائديمند ثابت ٿيو. دنيا تان ڏُرت ٽري پئي. سندس موت بعد جتي جرمن قوم سوڳ ملهايو اُتي دنيا ۾ امن جا اجا پنڇي اڏاريندڙ ماڻهن کي خوشي محسوس ٿي. هڪ جنگي جنون رکندڙ ذهن پنهنجي منتقي انجام تي پهتو پر اجا "هٽلري ذهنيت" جو خاتمو نہ آيو آهي، انسان جي ازلي ويري هٽلري سوچ اجا تائين حسين دنيا جي مقدس وجود کي رت ۾ ٻوڙي ڇڏيو آهي.

## هٽلر جو عروج ۽ زوال

دنيا کي خطرناڪ جنگ سان فتح ڪري "حڪمراني" جا خواب ڏسندڙ هٽلر, 20 اپريل 1889ع تي جرمنيءَ جي هڪ غريب موچي الوئس هٽلر جي گهر ۾ پيدا ٿيو. پندرهن سالن جي عمر ۾ هٽلر جا ماءُ ۽ پيءُ فوت ٿي ويا, هٽلر يتيم ٿي ويو. هٽلر پنهنجي زندگيءَ ۾ هڪ سٺو مصور ته هو پر اها جدا ڳالهه آهي ته آرٽس ڪاليج ۾ ڪيس داخلا جي لائق نہ سمجهيو ويو. پهرين عالمي يُڌ ۾ رضاڪارانہ طور حصو وٺندڙ هٽلر کي جرمن جي اعليٰ فوجي آفيسرن ان ڪري پروموشن نہ ڏنو جو سندس شخصيت ۾ صلاحيتن جي کوٽ هُئي. اهو ناڪام شخص 1919ع ۾ جرمني جي ورڪرز پارٽي ۾ شامل ٿيو. اها پارٽي اڳتي هلي سموري دنيا ۾ نفرت جي نگاهہ سان ڏٺي ويندڙ "نازي" جي نالي سان مشهور ٿي, هٽلر سال کن ۾ ان پارٽي جي اهم عهدي تي نامزد ٿي ويو. ايڊلف هٽلر ان پارٽي کي 1930ع جي چونڊن ۾ ڀرپور ڪاميابي سان همڪنار ڪيو. 1933ع ۾ هٽلر جرمن جو اهم ليڊر بڻجي نروار ٿيو هٽلر پاران 1939ع ۾ پولينڊ تي ڪاهہ ئي ٻي عالمي جنگ جي شروعات هُئي, هٽلر وٽ تقرير سان لکين جرمن ماڻهن کي متاثر ڪرڻ جو ڪمالِ فن هو. جنهن سان هو پنهنجي ڳالهہ سگهاري انداز سان مڃائڻ ۾ ڪامياب ويندو هو.

هٽلر جو جنگي جنون ڏسي برطانيا کي اهي پسڻ پئجي ويا هئا تہ "نازي فوج" کي اڳتي وڌڻ جو موقعو مليو تہ فرانس سان گڏ خود برطانيا ۾ وڏي جنگي تباهي ايندي, ان ڪري ئي برطانيا ۽ فرانس پولينڊ سان گڏ رومانا ۽ بلقان جي تحفظ جي ذميواري کڻڻ جو اعلان تہ ڪيو پر ڪين بہ سِر جي لڳل هئي. هٽلر بہ ان ڳالهہ کي سمجهي ويو هو تہ فرانس ۽ برطانيا جرمني کي نيست ۽ نابود ڪرڻ خاطر روس سان ڳجها ناهہ ڪرڻ لاءِ پيش قدمي ڪري رهيا آهن. روس وري فرانس ۽ برطانيا سان ان ڪري اتحاد ڪرڻ لاءِ سوچي رهيو هو تہ "لٽيا اسونيا, پولينڊ ۾ روسي فوج کي موڪلي هٽلر جي نازي فوج جي رستا روڪ ڪري سگهجي." پر هٽلر جي فوج پولينڊ تي قبضي بعد 1940ع ۾ ناروي تي قبضو ڪري ورتو 25 جون 1940ع تائين هٽلر هالينڊ, بيلجم, لڪس برگ ۽ فرانس جي سلطنتن کي پنهنجي وس ڪري چڪو هو. برطانوي فوج کي پٺتي پيو. 1940ع جي پڇاڙي ۾ برطانوي فوج اطالوي طرابلس تي چڙهائي شروع ڪئي, 1941ع ۾ هٽلر جي نازي فوج اطولين جي مدد لاءِ پهچي وئي, انهي سال هٽلر هنگري, رومانيا, يوگوسلاويا, بلغاريا ۽ يونان کي فتح ڪرڻ بعد روس تي حملو ڪيو. هٽلر جي فوج تمام ڦڙتي سان لينن گراڊ, ماسڪو يوڪرين ۽ ڪريميا تائين پهچي وئي. 1943ع ۾ روسي ريڊ آرمي جوابي حملو ڪيو. 1944ع ۾ جرمني فوج کي بار بار شڪستن ڪمزور ڪري ڇڏيو هاڻ هٽلر جو بدترين زوال شروع ٿي چڪو هو. مسلسل شڪستن بعد هڪ دفعو هٽلر جي فوج پنهنجي سموري قوت کي ڪٺو ڪري سيگفريڊ لائن تي مخالف اتحادي فوج تي اهڙو تہ منهن توڙ جوابي حملو ڪيو جو مجبور ٿي ڪين سٺر ميل پوئتي هٽڻو پيو. پر هاڻ سازشي نازي فوج جي طاقت اجهامندڙ ڏيئي جيئن آخري ڀڙڪو کائي پنهنجي انت ڏانهن وڌي رهي هئي, تهہ خاني ۾ لڪل هٽلر کي روسين گهيري ۾ آڻي ڇڏيو هو. ڪيس پتو پئجي ويو هو تہ هو جلد بدترين شڪست جي ويجهو پهچي چڪو آهي,اهو ٻي عالمي جنگ جو آخري

ڏينهن هو. 20 اپريل 1945ع تي دنيا جي ظالم شخص هٽلر پنهنجي هڪ ڏينهن اڳ پرڻيل ڪنوار ايوا براڻون کي پنهنجي پستول سان مارڻ بعد پاڻ بہ "خودڪشي" ڪري ڇڏي. دنيا اندر جنگي دهشت جي علامت بڻيل هٽلر پنهنجي آخري انجام تي وڃي پهتو. پُرامن ۽ حسين دنيا اندر جنگي جنون ۾ مبتلا ٻين ڊڪٽيٽر، معصوم انسانن جي قاتل، جابر ۽ ظالم ماڻهن لاءِ بہ هٽلر جو موت هڪ مثال بڻجي ويو. خوف ۽ حراس ۾ ورتل ماڻهن سک ۽ شانتي جو ساهہ کنيو.

ڪنهن جي وهم گمان ۾ هو تہ لاتعداد بي گناهہ انسانن کي قتل ڪري سموري دنيا تي پنهنجي جنگي جنون خاطر غيرقانوني قبضو ڪري حڪمرانيءَ جو خواب ڏسندڙ هٽلر "خودڪشي" ڪندو؟ ڇا سندس ڏاڍ مڙسي هميشہ لاءِ برقرار رهي سگهي؟ دنيا جا پُرامن ماڻهو ۽ تاريخ ڪيس ڪهڙن لفظن ۾ ياد ڪندي؟ تاريخ ۾ هڪ ڇٽ اسڪولي شاگرد، ناڪام ۽ نااهل فوجي جوان پنهنجي ملڪ جو ڪامياب سياستدان بڻجي جرمني جو حڪمران بڻيو تہ ڇا اها ڪاميابي گهٽ هئي؟ جو ڪيس دهشت ذريعي ۽ جنگي جنون سان دنيا کي پنهنجي لٺ هيٺ هلائڻ ۽ مٿس قبضو ڪرڻ جو جنون جاڳيو هو؟ ڏنڊي جي زور تي دنيا تي حڪمراني جي حوس ذريعي ڌاڪو ڄمائڻ جي سوچ ڪيس بُري شڪست سان گڏ "آپگهات" جهڙي خطرناڪ غيرفطري موت جي ور چاڙهي ڇڏيو. هٽلر جي ذهن ۾ خودڪشي جو خيال جنگي جنون جي شڪست جو اعلان هو. جنهن جو اظهار هو فقط "آپگهات" جي ذريعي ئي ڪري سگهيو ٿي.

## جاسوسن جي خودڪشي

تاريخ اهو ثابت ڪري چُڪي آهي تہ "ستي" جي رسم پويان تُوڙي جو مردن جا مفاد آهن پر جيئن تہ قديم هندستان ۾ جنگي شڪست جي صورت ۾ هارجي ويل راجائن جون راڻيون باهہ جا مچ ٻارائي "ستيون" بڻجي "آپگهات" ڪري دشمنن جي هٿ چڙهڻ کان بچڻ جي ڪوشش ڪنديون هيون. کين پتو هو تہ جيڪڏهن هو دشمنن جي قيد ۾ قابو ٿي ويون تہ ساڻن ڪهڙو حشر ڪيو ويندو ۽ باقي حياتي جا عذاب سندن زندگي کان ڪيترا ڳرا هوندا؟ فاتح دشمنن جو ورتاءُ ۽ عذابن جو تصور انهن "ڪنيائن" کي "ستي" جي رسم جي نالي تي "خودڪشي" ڪرائيندو هو. بلڪل جاسوسي ۾ فن جي مهارت ۽ ڪمال اهو ئي ڇٽبو جنهن ۾ ڪنهن بہ ريت دشمن جي ور نہ چڙهجي، پڪڙجڻ جي صورت ۾ موت ئي سندن خواهش هوندو آهي. "جاسوسي" دنيا جو اهم جو ڪائنٽو فن رهيو آهي، دنيا جون سموريون جنگيون جاسوسي کان سواءِ وڙهڻ ممڪن نہ آهن. "جاسوسي" جي "فن ۽ ڪمال" تي ٺهيل فلمون، ڊراما، ناول ۽ ڪهاڻين جي تجسس کان ٿورو ٻاهر نڪري حقيقت جي دنيا ۾ جهاتي پائبي تڏهن پتو پوندو تہ پنهنجي ملڪ جي بقاءَ خاطر جاسوسي جي محاذ تي ڊيوٽي سرانجام ڏيندي دشمن ملڪن ۾ پڪڙجي پوڻ بعد کين ڪهڙن عذابن مان گذرڻو پوي ٿو؟ جاسوسي ۾ مخبري ۽ جاسوسي سميت اهم جنگي محاذن تي ويل سپاهي جڏهن دشمنن هٿان پڪڙجي پوندا آهن تہ پنهنجي ملڪ جا راز ڏيڻ جهڙي قومي غداري جي

خواري جو داغ پنهنجي وطن ۽ پنهنجي سِر تي کڻڻ کان موت کي ترجيح ڏيندي پنهنجي ڪيسي ۾ پيل زهر جو ڪيپسول ڳڙڪائي "خودڪشي" ڪرڻ کي اهميت ڏين ٿا. توڙي جو اهو عمل بہ "خودڪشي" جي ڪاتي ۾ تہ اچي ٿو پر پنهنجي وطن جي وجود جي سلامتي سان واڳيل اهڙي "خودڪشي" جي موت کي "شهادت" جو اعزاز بہ ارپيل آهي. زندهہ پڪڙجي پيل جاسوس کي ڪيترن عذابن مان گذرڻو آهي؟ يعني پڪڙجي پيل هڪ جاسوس کي موت جو سامان بہ ميسر نہ هوندو آهي، تہ جيئن هو دشمن ملڪ جي ڏنل عذابن مان پنهنجي جند آجي ڪرائي آساني سان "خودڪشي" ڪري سگهي، دشمنن جي ورتاءُ جو اندازو ڪيس چڱي ريت هئڻ ڪري گرفتار ٿيڻ وقت زندگي کان وڌ ڪيس ڪيسي ۾ پيل زهر جو ڪيپسول وڻندو آهي. هن موضوع تي تاريخ کي هڪ ئي وقت بہ طرفو موقف لکڻو پوندو آهي، "هڪ ئي وقت هڪڙي ملڪ جو غدار جاسوس تہ ٻي ملڪ جو هيرو لکيو ويندو آهي" بلڪل اهڙي ريت هٽلر بہ جرمن قوم جو عظيم "هيرو" هجڻ جو خطاب کٽي "خودڪشي" ڪئي پر گڏوگڏ لکين ماڻهن جو قاتل بہ هو. جنهن کي ڊڪٽيٽر جو خطاب مليل آهي.

❖

# عظيم آدرشن لاءِ احتجاجي آپگهات

"جمهوريت" تي قابض غير جمهوري ماڻهو جمهوريت کي ڪٽي کهڙي بہ معنيٰ ڏين پر جمهوريت جي بنيادي معنيٰ اهو آهي تہ ملڪ تي نج عوامي راڄ هجي, جيڪو عوام جي مرضي سان عوام لاءِ منتخب ڪيل هجي, جنهن ۾ انساني حق آزاد هجن, هر ماڻهو پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ قانوني جنگ سان گڏ جمهوري جدوجهد بہ جمهوريت جي دائري ۾ ڪري سگهي. دنيا جي تاريخ ۾ پنهنجا حق وٺڻ لاءِ اعليٰ اختيارين آڏو ڏيان ڇڪائڻ خاطر "احتجاج" ڪري بہ پنهنجا مطالبا مڃايا ويندا آهن. پر ڪڏهن ڪڏهن اعليٰ اختيار اقتدار جي نشي ۾ ڏت ٿيڻ ڪري احتجاج تي ڌيان ئي ڪونہ ڏيندا آهن يا وري پنهنجي طاقت ۽ دهشت جي زور تي احتجاج کي دٻائڻ ۽ اپريل احتجاجي تحريڪن کي ڇڙوڇڙ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي پُرامن احتجاج کي پُرتشدد بڻايو ويندو آهي. جيئن بدمست حڪمرانن پاران شڪاگو جي مزدورن تي سڌيون گوليون هلائي کين شهيد ڪيو ويو هو. اهڙن واقعن جي تمام ڏکهي, ڏکوئيندڙ ۽ رتهاڻي تاريخ آهي. پنهنجا جائز ۽ جمهوري حق وٺڻ لاءِ ڪيل احتجاج فقط دٻاءُ وجهڻ ۽ متوجہ ڪرڻ جو اهم ذريعو آهي, احتجاج جا ڪيترائي طريقا پڻ آهن. جنهن ۾ بک هڙتال, مظاهرو, ريلي, جلوس, ڪم ڇڏ هڙتال ۽ جيل ڀريو تحريڪ وغيره آهن. پر انهن احتجاجن ۾ "بک هڙتال" احتجاج جو خاموش طريقيڪار آهي. پنهنجا مطالبا مڃائڻ لاءِ بک هڙتال تي ويٺل احتجاجي ماڻهو پنهنجو ڪاڏو ڀيتو بند ڪري "بک" تي ويهندا آهن. جيستائين سندن مطالبا نٿا مڃيا وڃن تيستائين احتجاجي ماڻهو بغير کائڻ پيئڻ جي بک هڙتال تي ويهي احتجاج ڪندا آهن. بک هڙتال ڪندي مرڻ يا پريس ڪلب اڳيان احتجاجي طور پاڻ ساڙي مارڻ جا ڪيترائي واقعا تاريخ ۾ موجود آهن.

## ڇا عظيم آدرشن لاءِ بک هڙتال تي مرڻ "خودڪشي" آهي؟

عام طور "خودڪشي" جذباتي ڪيفيت جي خطرناڪ خيال جو نتيجو آهي. پر احتجاجن دوران بک هڙتال ڪري پنهنجو ڪاڏو ڀيتو بند ڪري مرڻ يا پاڻ ساڙي مرڻ جو عمل اپنائيندڙ هڪ عام ماڻهو تہ جذباتيت جي وهڪري ۾ وهي ڪندو آهي, پر هڪ سياسي ورڪر تہ اهڙو عمل غور, فڪر, سوچ ۽ ويچار بعد ئي ڪندو. پر بنيادي طور بيوسي جي انتها سان گڏ ذهني انتهاپسندي جي بہ آخري حد تي پهتل لاچار ۽ مايوس انسانن جي دانهن, ڪوڪ ٻڌڻ جا سڀ ذريعا ۽ وسيلا ختم ٿي وڃن تڏهن مسئلن جي گهيري ۾ قاتل ماڻهو "موت" جي چتاءُ ۾ پنهنجو حل سمجهن ٿا. جمهوري معاشرن ۾ احتجاج ڪرڻ تہ هر ماڻهو جو جمهوري حق آهي پر جمهوريت جي قانون ۾ احتجاج ڪندي پاڻ مارڻ جو عمل غير قانوني آهي. دنيا ۾ هيستائين لکين احتجاج ٿيا آهن. جن ۾ ڪيترائي ماڻهو پنهنجن مطالبن جي مڃتا ۾ ڪامياب بہ ويا ۽ تہ ڪيترن جو نصيب ناڪامي پڻ بڻي آهي. پر ان سان گڏ لکين احتجاجي ماڻهو غير جمهوري جابر

قوتن جي ٻڪٽيتري سوچ هٿان گولين جو کاڄ ٻڻ ٻڻجي ويا، تہ ڪيترن ئي انسانن جون دانهون ۽ ڪوڪون انڌي، ٻوڙي، گونگي نظام ۾ دم ٽوڙي ويون. بيوس، لاچار ۽ هيڻن ماڻهن تي عدم انصافي جي رويي ظلمتن جا پهاڙ ڪيرائي ڇڏيا. پر هتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي انسان دشمن ظالم، وحشيت پرست، انتهاپسند دهشتگرد، قبضاگير سرمائيدار سامراج خلاف زندهہ رهي پُرامن جمهوري جدوجهد ڪجي يا احتجاجن پاڻ ماري زندگي جو ڏيئو اُجهائي دشمن قوتن لاءِ ميدان خالي ڇڏجي؟ "مقصد عظيم" جي پنڌ ۾عوام جي قومي، جمهوري ۽ انساني حقن جي حاصلات لاءِ جاکوڙڻ جو طريقو ڪيترو بہ پُرامن ۽ جمهوري ڇو نہ هجي پر اڪثر جابر قوتن پاران هٿ وٺي بہ عوام جي پُرامن احتجاج کي پُرتشدد بڻائڻ جون سازشون سٽيون ويندڀون آهن.

پنهنجن جائز حقن لاءِ احتجاجي طور بک هڙتال تي ڪاڏو پيٽو بند ڪرڻ يا پيٽرول هاري پاڻ ساڙي ماريندڙ ماڻهو ٽوڙي جو پنهنجن عظيم آدرشن خاطر جان جي قرباني ڏيئي موت جو شڪار بڻجي ويندا آهن ۽ تاريخ ۾ ڪين اعليٰ مقام بہ مليو آهي، پر ڇا زندهہ رهي سامراجي قوتن خلاف ڀرپور اندازسان "جاکوڙڻ" بجاءِ وقت کان اڳ احتجاجي طور غيرفطري "موت" جهڙو آپگهاتي عمل قومن ۾ ويڙهہ ۽ مزاحمت جو جذبو پيدا ڪندو يا مايوسي جو ڪارڻ بڻبو؟ ان سوال تي سنجيدگي سان سوچڻ ۽ لوچڻ جي ضرورت آهي.

## آئرلينڊ جي جمهوريت پسند اڳواڻ فرينڪ اسٽينج ۽ بوبي سينڊس جو بک هڙتال تي ٿيل موت.

جڏهن فيل مست برطانيا تي اقتدار جو سج اُبريل ئي رهندو هو تڏهن رڳو برصغير جي عوام برطانيا جي قبضي هيٺ عذاب ڪونہ ڀوڳيا هئا ۽ صرف هتي معصوم ماڻهن جو بي گناهہ رت ڪونہ وهيو هو پر دنيا جا ٻيا بہ پُرامن ملڪ برطانيا سامراج جي غيرقانوني قبضي هيٺ رهي غلامي جا عذاب ڀوڳيا. جنهن جو مثال آئرلينڊ بہ آهي. آئرلينڊ کي سن ارڙهن سئو عيسوي ۾ يونين ايڪٽ تحت زبردستي برطانيا سرڪار ۾ شامل ڪيو ويو هو. آئرلينڊ ۾ برطانيا سامراج جي غيرقانوني مداخلت وڌي وئي، اُتي جي مقامي باشندن کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ لکين ڏاريان ٻاهران آڻي آئرلينڊ ۾ آباد ڪيا ويا. مقامي ماڻهن جي جمهوري ۽ انساني حقن تي ڏاڙو هنيو ويو. آزاد آئرش قوم کي غلام بڻايو ويو. ان ظلم خلاف آئرلينڊ جي آديواسين پاران آئرش ريپبلڪ آرميءَ جو بنياد وڌو ويو. قابض برطانيا سامراج خلاف زبردست بغاوت جي شروعات ٿي هئي، جيلون آئرش ريپبلڪ آرميءَ جي باغين سان ڀرجي ويون هيون، جيل اندر آئريش باغين جو مطالبو هو تہ "برطانيا آئرلينڊ جي ڌرتيءَ تان قبضو ختم ڪري، آئرلينڊ جي عوام کي سياسي حق ڏنا وڃن ۽ جيلن ۾ قيد سياسي ورڪرن کي ڏوهاري بجاءِ "سياسي قيدي" تسليم ڪيو وڃي" 1976ع ۾ انهن مطالبن جي مڃتا ڪارڻ فرينڪ اسٽينج نالي آئرش ريپبلڪ آرمي جي هڪ باندي ميمبر انگلينڊ جي واڪ فيلڊ جيل ۾ 62 ڏينهن جي بک هڙتال ڪندي مسلسل بک ۽ اڄ

سبب فوت ٿي ويو. جنهن بعد بوبي سينڊس بہ ان ئي راهہ جو راهي ٿيو. آئرلينڊ جي سرزمين تي جمهوريت خاطر مسلسل جدوجهد ڪندڙ آئرش ريپبلڪ آرميءَ جي اهم ڪردار بوبي سينڊس جي جدوجهد کي دنيا جي جمهوريت پسند ماڻهن پاران قدر ۽ احترام جي نگاهہ سان ڏٺو ويو. سندس احتجاجي موت ڪيترن ئي جابر قوتن جا عذاب پوڳيندڙ ماڻهن لاءِ جيئندان بڻيو.

آئرلينڊ ۾ ٿيل اليڪشن ۾ مخالف اميدوار کان پنجٽيهہ هزار ووٽن جي برتري سان شڪست ڏيندڙ بوبي سينڊس کي جمهوريت جون ٽلهيون لباڙون هڻندڙ برطانيا سرڪار دهشتگري جي هٿ ٺوڪيي ڪيس ۾ 14 سال سزا ڏياري پارليامينٽ بجاءِ جيل پهچائي ڇڏيو. جيل ۾ برطانوي شهنشاهت جي ظالم انتظاميا ڪيس سياسي قيدي تسليم ڪرڻ ۽ ضمير جو قيدي مڃڻ بجاءِ ساڻس هڪ عام ڏوهاري قيدي وارو سلوڪ رکيو. اهڙي رويي خلاف بوبي سينڊس پنهنجي ساٿين سميت جيل ۾ پهرين مارچ 1981ع کان مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال شروع ڪئي بوبي سينڊس جا مطالبا جائز هوندي بہ برطانيا جي شهنشاهي سامراجي سرڪار سندن مطالبا پنهنجي انا سبب ان ڪري بہ تسليم نہ ڪيا جو اهي مطالبا مڃڻ رڳو بوبي سينڊس ۽ جمهوريت پسندن آئرش عوام اڳيان سندن شڪست نہ هئي پر ان وقت کين سڄي دنيا ۾ خوار ٿيڻ جو خوف هو. آئرش ريپبلڪ آرميءَ جي جيل ۾ بند قيدين کي برطانيا سرڪار سياسي قيدي ڪيئن تسليم ڪندي؟ سامراجي سوچ رکندڙ برطانوي شهنشاهي سامراجيت جي حامي حڪمرانن تہ آئرلينڊ جي ماڻهن کي فقط "انسان" بہ نٿي تسليم ڪيو.برطانيا جي حڪومت کي چڳي ريت پتو هو تہ ڪوڙي ڪيس ۾ جيل پوڳي بک هڙتال تي ويٺل بوبي سينڊس جيل مان نڪري پارليامينٽ پهتو تہ برطانوي سامراج جا ڪُڏا ڪرتوت پڌرا ٿي پوندا. جيل اندر بک هڙتال تي ويٺل بوبي سينڊس کان جبري طور استعفيٰ وٺڻ لاءِ برطانوي سرڪار پاران ڪيترائي حيلا هلايا ويا پر هماليا جيڏا حوصلا رکندڙ بوبي سينڊس انهن اڳيان آڻ نہ مڃيندي چيو تہ"مان ايندڙ بہ ٽي هفتا زندهہ آهيان. مان پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي حق تان هٿ نہ کڻندس. مان ٻن ٽن هفتن لاءِ استعفيٰ نہ ڏيندس، ٿي سگهي ٿو منهنجو موت بہ اوهان کي استعفيٰ نہ ڏئي. منهنجو جيون يا موت پنهنجي حق تان کڏهن بہ هٿ نہ کڻندا" بوبي سينڊس پنهنجي عظيم مقصد خاطر احتجاجي طور "بک هڙتال" تي ويٺل رهيو. ڪيس ڊپ ۽ لالچون هڪ پل بہ لوڏي نہ سگهيون. بنان کائڻ ۽ پيئڻ جي 66 ڏينهن مسلسل بک هڙتال ڪندڙ بوبي سينڊس 5 مئي 1981ع تي هي جهان ڇڏي ويو. جيل انتظاميا پاران جڏهن بوبي سينڊس اڳيان کاڌي جون شيون رکيون وينديون هيون تڏهن بوبي چوندو هو "منهنجي زندگيءَ جو مقصد آزادي آهي، ماني کائي جيئڻ نہ، مان چاهيان ٿو تہ جيڪا ماني منهنجي آڏو رکي ٿي وڃي اها منهنجي قوم جي ڏتڙيل ۽ بکين ماڻهن آڏو رکي وڃي تہ بهتر ٿيندو." بوبي سينڊس جيل ۾ بک هڙتال دوران ڊائري لکڻ سان گڏ مزاحمتي شاعري پڻ ڪئي.

❖

# ٽنڊو بهاول سانحو : مائي جندو جي نياڻين پاران پاڻ ساڙي مرڻ

خودڪشين جا ڪيترائي سبب هجن پر ڪجھ سبب ۽ واقعا ضرور حيران ڪندڙ ۽ نهايت ئي افسوسناڪ آهن. جن کي ساري اکيون آلايون ٿي وڃن ٿيون. اهي واقعا زمانن تائين ذهن ۾ تري اچڻ سان من اندر ۾ سوڳواري وار ڪولي وهندي آهي. ذاتي زندگي جا حل نہ ٿيڻ جوڳا مونجهارا ڪائنات جي مضبوط ماڻهو کي بہ ''آپگهات'' ڪري مرڻ تي مجبور ڪن ٿا. پر اهڙي خودڪشي وري بہ ذاتي زندگي سان لاڳاپو رکي ٿي پر دنيا اندر اجتماعي حقن جي حاصلات لاءِ احتجاج ڪندي ''خودڪشي'' جي موت مرڻ وارن ماڻهن جي ڪردار کي قومي ۽ اجتماعي حقن لاءِ ٿيندڙ جدوجهد ۾ قربان ٿيڻ جو اعزاز حاصل آهي. توڙي جو آپگهاتي موت کي ملڪي، معاشرتي نظام ۾ غيرقانوني ۽ مذهبن ۾ حرام تصور ڪيو ۽ سمجهيو وڃي ٿو. ان هوندي بہ آئرلينڊ جي بوبي سينڊس جيئن پنهنجي قوم ۽ وطن لاءِ بک هڙتال تي ويهي نهايت ئي تڪليف ڏيندڙ ۽ ايذائيندڙ موت قبوليندڙ ماڻهو جي ان عمل کي تاريخ رائگان ڪرڻ جي جرئت نٿي ڪري سگهي. تاريخ تہ ويتنامي ٻڪشو ٻوڌين جون قربانيون بہ ضايع نٿي ڪري سگهي، جيڪي ''آمريڪا ويتنام جي ڌرتيءَ خالي ڪري'' جي مطالبي سان هنوئي جي چوڪ تي ٿي سئو ڏينهن تائين پنهنجي جان جو نذرانو ڏيندا رهيا.

## ٽنڊي بهاول سانحو

هن سانحي کي ڏگهو عرصو گذري چڪو آهي، پر ان جا زخم اڄ بہ تازا آهن. ڪامريڊ ڏامري مل ميگهواڙ سان گڏجي جڏهن ان واقعي جا تفصيل ڳولياسين تہ لڳ ڪاندارجي ويا. نيڻ برسي پيا. اصل ۾ ٽنڊو بهاول واقعو زمين ۽ ملڪيت تي قبضو ڪري ڦٻائڻ لاءِ ڪرايو ويو هو. حيدرآباد ويجهو شيخ ڀرڪيو روڊ تي آباد ڳوٺ ''ٽنڊو بهاول'' تي 5 جون 1992ع جو ڪئپٽن ارشد جميل سانجهي ڏاري هلان ڪئي هئي، ان وقت سمورا پورهيت پورهيو ڪري پنهنجن اجهن ۾ واپس وريا هئا. انهن مسڪين ڏھ پورهيتن کي ڪنيي ڪٽي وڃي درياھ جي بند تي سڌيون گوليون هڻي قتل ڪيو ويو. 10 ڪٽنب تباھ ڪيا ويا. 9 بيواهن سميت 34 معصوم ٻارن کي بہ يتيمي پلئہ پئي. ڪئپٽن پاران ڪيل ڪاھ ۾ 9 بي گناھ انسان ماريا ويا، هڪ ڳوناٺو محمد عثمان پٽ الهچايو خاصخيلي عمر 55 سال سخت زخمي ڪيو ويو. ڪئپٽن جي رهزن ٽولي پاران ماريل ڳوناٺن جا نالا هن ريت آهن. 1.مننار پٽ محمد بخش چانڊيو عمر 22 سال (مائي جندو جو پٽ) 2.بهادر پٽ محمد بخش چانڊيو عمر 30 سال (مائي جندو جو پٽ) 3.حاجي اڪرم پٽ ڪمال چانڊيو عمر 45 سال (مائي جندو جو نائي) 4.ڪنڊو پٽ محمود خاصخيلي عمر 38 سال5.جاويد پٽ محمود خاصخيليءَ عمر 22 سال 6.غلام مصطفيٰ پٽ غلام محمد بروهي عمر

17 سال 7.شفيع محمد پٽ غلام علي پرڳڙي عمر 28 سال 8.هملو پٽ ڏُجهو ڪولهي عمر 38 سال 9.ڏتي بخش پٽ صوف خان ٻير ڳوٺ جاڙا ٻير عمر 40 سال.

ٻن سالن بعد فوتي جاويد خاصخيلي جي بيواه ريحانہ خاصخيلي بہ دل شڪستہ ٿي 5 جون 1994ع تي پستل سان فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي هئي. قاتل ڪئپٽن جي ان ڪاهہ کي قانوني طور درست قرار ڏيڻ خاطر 6 جون 1992ع تي سرڪار پاران ڄامشوري ٿاڻي تي هڪ FIR نمبر 57/92 ڪٽي وئي، جنهن ۾ مارجي ويل پورهيتن کي دشمن ملڪ جا ايجنٽ قرار ڏيئي، مقابلي سان گڏ غيرملڪي هٿيار هٿ اچڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو. 36 دستي بم، 36 ڊيٽونيٽرز، 12 مئگزين سميت 4 ڪلاشنڪوف، 4 گرنيئڊ، 36 ڪلوگرام ڌماڪيدار مواد ۽ هڪ شارٽ گن وغيره ڄاڻائي ميڊيا آڏو ظاهر ڪيا ويا، مسڪين پورهيتن جي خون عيوض ان وقت جي اڪين تي پٽي ٻڌل سرڪار پاران ڪئپٽن ارشد کي ترقي ڏيئي ميجر بڻايو ويو. پر جس لهي سنڌي ميڊيا سميت غيرملڪي ميڊيا جنهن پهرين ڏينهن کان هن معاملي جي اصل مقصد تان پردو چاڪ ڪرڻ شروع ڪيو هو. ان ڦهري ڪاروائي تي سنڌ جا باشعور سياسي، سماجي ماڻهو سڄي سنڌ ۾ احتجاج ڪري آواز بلند ڪرڻ لڳا، ڳالهہ وڌندي وئي. جنهن بعد هڪ ٻي FIR نمبر 92/42، خميسي خان پرڳڙيءَ پاران 8 جون 1992ع رات 10 وڳي هوسڙي ٿاڻي تي داخل ڪئي وئي. ان واقعي جي اصل حقيقتن تان هاڻ پردو هٽي چڪو هو ميجر ارشد جو اصل چهرو سامهو اچي چڪو هو. سڄي سنڌ جا ماڻهو ٽنڊوبهاول ۾ شهيدن جي تڏي تي اچڻ لڳا ۽ ساڻن سات ڏيڻ جو وچن ڪرڻ لڳا. نيٽ ڪيس هاءِ پروفائيل ٿيڻ بعد 15 جون 1992ع تي محترمہ بينظير ڀٽو ٽنڊي ٻهاول پهچي شهيدن جي وارثن سان عذرخواهي ڪندي چيو تہ "جن جا جگر، پائر، خاوند ۽ والد ماريا ويا ٿا انهن جو ڏک آءُ خُوب ڄاڻان ٿي"

جڏهن وزيراعظم نواز شريف تائين معامري جون اصل حقيقتون پهچڻ لڳيون تڏهن هو 24 جون 1992ع تي چيف آف آرمي اسٽاف سان جنرل هيڊڪوارٽر ۾ مليو ويو. ٽنڊوبهاول سانحي جي شهيدن جي وارثن پاران مسلسل احتجاج ٿيندو رهيو. لڳاتار احتجاج جي دٻاءُ تي ملڪي ڳجهن ادارن جي جانچ پڙتال شروع ڪئي وئي جنهن بعد ميجر ارشد جميل ۽ 14 ٻين سپاهين لاءِ چيف آف آرمي اسٽاف آصف نواز جنجوعا جي حڪم تي 24 جون 1992ع تي ڪورٽ مارشل جو فيصلو ڪيو ويو. 8 جولاءِ 1992ع تي آرمي ڪورٽ ۾ ميجر ارشد جميل سميت 14 ساٿين تي ڪيس هليو انهن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

1.ڪئپٽن ارشد جميل اعوان 2.حوالدار محمد اقبال 3.حوالدار محمد اڪرم 4.حوالدار غلام محمد 5.نائڪ رحمان دين 6.نائڪ محمد رزاق 7.لائنس نائڪ پرويزاختر 8.لائنس نائڪ گل محمد9.لائنس نائڪ خضر حيات 10.لائنس نائڪ فلڪ شير 11.لائنس نائڪ نصرالله خان 12.لائنس نائڪ شير سمند خان 13.لائنس نائڪ محمد يونس14.لائنس نائڪ خالد حسين.

هنن 14 جوابدارن تي هيٺين الزامن تحت ڪيس هليو:

* 2 جون 1992ع تي چوريءَ جي پڪ اپ ۾ پرڏيهي ملڪ جا هٿيار رکڻ.

* هٿ نانگ سان اهي هٿيار هٿين خالي ڳوناٽن تي زوري مڙهڻ.
* 5 جون 1992ع تي ٽنڊو بهاول جي 9 بيگناهہ ڳوناٽن کي گهرن ۾ گهڙي زوري اغوا ڪري مارڻ.
اڪين ڏٺن شاهدن جا بيان رڪارڊ ٿيا ۽ هڪ ڳوناٽي زخمي عثمان خاصخيلي ميجر ارشد جميل کي سڃاتو تہ "اهو ماڻهو پناڻ محي الدين ۽ سندس پيٽوئي غلام نبيءَ وٽ ٽنڊو بهاول ۾ ايندو رهندو هو."
30 جولاءِ 1992ع تي ميجر ارشد سميت 14 فوجين تي ڪيس جون شاهديون مڪمل ٿيون.
29 آڪٽوبر 1992ع تي فيلڊ جنرل ڪورٽ مارشل ميجر ارشد جميل کي موت جي سزا ۽ 13 فوجي اهلڪارن کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي جڏهن تہ ٻارهون نمبر ملزم لائنس نائڪ شير سمند خان بري ٿيو.
ان ڪيس جو هڪ جوابدار غلام محي الدين پناڻ انويسٽيگيشن دوران 11 جون 1992ع تي پوليس تحويل ۾ دل بند ٿيڻ سبب مري ويو ۽ ان جوابدار جو ويجهو مائٽ غلام نبي افغاني افغانستان ڀڄي ويو.
جڏهن تہ مشتاق اعوان ۽ غلام نبي پٽ محي الدين کي سيشن ڪورٽ حيدرآباد 1995ع ۾ عمر قيد جي سزا ٻُڌائي جيڪا اپيل ۾ هاءِ ڪورٽ ساڳي سزا بحال رکي، مسلسل جدوجهد ڪري قاتلن کي قانوني طور سزائون ڏيارڻ بعد ان تي عمل نہ ٿيڻ خلاف مائي جندو، فهميده قريشي، زيب النساءَ، صاحبزادي، تيجي ڪولهڻ سميت معصوم ٻار مسلسل احتجاج ڪندا رهيا. جوابدارن کي مليل سزائن تي عمل نہ ٿيڻ خلاف 14 آگسٽ 1996ع تي مائي جندو جي ٻنهي نياڻين حاڪم زادي ۽ زيب النساءَ پاڻ ساڙڻ جو اعلان ڪيو ۽ 11 سيپٽمبر تي دهشتگردي ڪورٽ حيدرآباد اڳيان پاڻ تي پيٽرول هاري باهہ ڏيئي ساڙي ڇڏيو. ان واقعي سان سموري سنڌ ۾ سوڳواري ڇانئجي وئي. مائي جندو پڻ قاتلن کي سزائون نہ ڏيڻ خلاف پاڻ ساڙڻ جو اعلان ڪري رياست کي ٿرٿلي ۾ آڻي ڇڏيو. نياڻين کي "خودڪشي" لاءِ اُڪسائڻ جي گناهہ ۾ ۾ نياڻين جي امڙ مائي جندو يارهن مهينا جيل ڀوڳيو. سندس پٽ ممتاز چانڊيو، ڏوهٽو سجاد چانڊيو، نياڻي حاڪم زادي جو مڙس فيروز ڀٽي ۽ حيدر ڪڇي کي نارا جيل ۾ قيد ڪيو ويو. سنڌ قومي ساٿ جي سرواڻ محترمہ فهميده قريشي بہ مائي جندو سان ڀرپور ساٿ نڀائيندي نہ رڳو ڏڪ جيل جا عذاب ڀوڳيا، پر سندس ڀاءُ حفيظ قريشي بہ عتاب هيٺ رهيو سندن عزيزن سميت تقريبن 250 هاري ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو ۽ سندن آفيس پُڻ بلڊوز ڪئي وئي، پر هو ٻئي ڀيڻ ڀاءُ متاثرين سان ٻانهن ٻيلي ٻڌل رهيا.
مائي جندو جي اندر ۾ اٿيل انتقام جي ٻرندڙ مچ کي ٿڌي ڪرڻ جون ڪيترييون ئي ڪوششون ڪيون ويون، پر مائي جندو جي اندر ۾ انتقام چٽنگ مان ڀيڙ ٻڄي ويو هو. اهڙي ريت پنج گهرياتين سميت ڳوٺ جي ٻين بي گناهہ شهيد ٿيل ماڻهن جي قاتلن خلاف ڊگهي جدوجهد رنگ لاتو، 28 آڪٽوبر 1996ع تي مُک جوابدار ميجر ارشد کي ڦاهيءَ تي لٽڪايو ويو. ان خوشي ۾ مائي جندو جهومڻ ۽ نچڻ لاءِ هٿ مٿي ڪٽندي ئي بيهوش ٿي ڪري پئي. ڪيس جا ٻيا جوابدار 2009ع ۾ جنرم ٽيپ ڀوڳي آجا ٿيا.
هن ڏکوئيندڙ وارتا ۾ مائي جندو چوڏهن سالن جو بنواس ڪاٽيو ٽنڊي بهاول کان سڄي ملڪ جا مشڪل پنڌ ڪرڻا پيس، ان جاکوڙ دوران ڏک، سور، تڪليفون، وڇوڙي جا وڍ، غربت، تنگدستيءَ، بدحاليءَ جي بدترين حالاتن ۾ هڪ پنڌ ڪندڙ ڀيل ديس جي ٻهراڙي جي عورت ڪيئن مقابلو ڪيو هوندو؟ سندس 2

ڪونڌر پٽ ۾ هڪ ناتي شهيد ڪيا ويا. انصاف نہ ملڻ تي ٻن نياڻين ڪورٽ اڳيان احتجاجن پاڻ ساڙي موت قبوليو. پر جهڪڻ ۾ وڪجڻ جي خيال هڪ پل بہ مائي جندو جي ذهن جي ڪينواس کي نہ ڇهيو. هڪ طرف اعليٰ فوجي قوتون ٻي طرف سامهون هڪ مسڪين سنڌياڻي سينو ساهي ثابت قدمي سان بيٺل رهي، ڪيس لالچن نہ لوڏيو داٻن ۾ دڙڪن نہ دٻايو جيلن ۾ ٽاٽن نہ جهڪايو. هن جي حياتي جو بس هڪڙو مقصد هو پنهنجي ٻي گناهہ ٻچڙن جي خون جو انتقام وٺڻ. هن جون اکيون رڳو ان لاءِ ئي ڪليل رهجي ويون هيون تہ جيئن پنهنجي بي گناهہ قتل ٿيل ٻچڙن جي خونين کي ڦاهي چڙهندي ڏسي سگهن. هن جي سيني ۾ دل رڳو ان لاءِ ڌڙڪي رهي هئي تہ جيئن هو دنيا کي ٻڌائي سگهي تہ ٻچڙن جي مارجي وڃڻ کان پوءِ هڪ زخمي شينهڻ ڪيئن ٿي مقابلو ڪري؟ مون جڏهن ڪيس پهريون دفعو ڏٺو هو ڪيتري ئي دير تائين اٿي ٻيهي سندس آجيان ۾ ڪنڌ جهڪائي بيٺل رهيس. سيني ۾ ايڏي قيامت ڪٽي هلندڙ عظيم عورت کي گهڻي دير تائين ڏسڻ جي جرئت نہ ڪري سگهيس.

هن سانحي ۾ انصاف خاطر ٻن ڀيڻن خودڪشي ڪري پاڻ جلائي دنيا کي ظلم، جبر، ڏاڍ، ناانصافي ۽ انياءَ جي دانهن ڏني، جنهن بعد تڪڙو انصاف فراهم ٿيو. پر تباهي جي مچ ۾ مڪمل گهيرجي وڃڻ بعد بہ "اشرف المخلوقات" جو عظيم درجو رکندڙ انسان کي پنهنجا سمورا حواس ۽ هوش خطا ڪرڻ بجاءِ وڏي همت ۽ حوصلي سان حالتن سان نبيرڻ جو سوچڻ گهرجي. ڪائنات ۾ زندهہ رهي بہ جابر قوتن جو مقابلو ڪري سگهجي ٿو. ڪنهن بہ ريت "آپگهات" مسئلن جو آخري حل ناهي.

❖

# ”خودڪشي“ ۾ انساني حقن جي ادارن جو غيرسنجيده رويو

“خودڪشي” جي عمل کي دنيا جا سمورا مهذب مذهب، معاشرا ۽ قانون رد ڪن ٿا ۽ سمورا باشعور سماج ان عمل کي روڪڻ لاءِ ڪوشان آهن. پر ان جي باوجود “خودڪشي” زمانن کي دنيا جو وڏو مسئلو بڻيل رهيو آهي. خوشحال ملڪن جا آزاد سماج جتي قانون ۽ انصاف يقيني بڻيل آهي. جتي انساني قدرن جو تقدس پائمال نٿو ٿئي، جتي ماڻهپي جي احساس سان دليون ڌڙڪن ٿيون، جتي ماڻهو لاءِ ماني مسئلو بڻيل ناهي رهي، جتي پيٽ جي گرهہ لاءِ آدم ذات جون ڊگهيون قطارون نٿيون لڳن، جتي حق تلفي جو تصور ئي ناهي، انهن ملڪن ۾ برابر “آپگهات” جي شرح گهٽ آهي پر شديد غربت جو شڪار ملڪ جتي بک واڪا ڪري ٿي، جتي پيٽ پنن سان لڳل آهن، جتي اَنَ جي خوشبوءَ ناياب بڻائي وئي آهي. جتي ماني جو ملهہ ماڻهپي کان مهانگو آهي. جتي بک سبب ڏرا ڏنل اکيون ماني ملڻ جي اميد سان ٽمڪن ٿيون، جتي ڪاروڪاري رسم بڻيل هجي، جتي معصومن سان زنا ڪري قتل ڪيو وڃي ٿو جتي پورهيتن جا ننگ ڪٽي سندن لڄ ليڙون ليڙون ڪئي وڃي، جتي ڪنهن بہ مسڪين جي عزت محفوظ نہ هجي، جتي چادر ۽ چوديواري تہ ڇا پر رشتن جو تقدس بہ پائمال ٿيڻ روز جو معمول بڻيل هجي، ڏوهاري سرگرميون غريبن جا گهر لُٽي ڀاڙاريدارن جا پيٽ ڀرين. جتي عدل ۽ انصاف سپنو بڻيل هجي. ان ديس جا ماڻهو مسئلن ۽ مايوسين جي ڪُن ۾ ڦاٿل هئڻ ڪري “خودڪشي” ڪري ڏاڍي جي ٻن مٺن واري لٺ بڻيل سماج مان آجپو حاصل ڪن ٿا. ان ڪري ئي “خودڪشي” جي شرح افسوسناڪ حد تائين وڌيل آهي. هن دنيا ۾ هڪ ماڻهو جا مجموعي مسئلا ڪهڙا آهن؟ ملڪ جي پُرامن ماڻهن کي آشيانو تحفظ، خوشحالي، روزگار، ماني، ڪپڙا، امن ۽ انصاف مهيا ڪرڻ ڪنهن جي ذميواري ۾ شامل آهن؟ جيڪڏهن ماڻهو پنهنجن بنيادي ۽ انساني حقن کان محروم هوندو اهو فرد هن سماج جي تعليم ۽ ترقي لاءِ ڪهڙو ڪردار ادا ڪري سگهندو؟ غربت جو شڪار ملڪن ۾ “خودڪشي” جا بنيادي ڪارڻ مٿي ذڪر ڪيل آهن. معاشي طور ڪمزور ملڪن ۾ اهڙي خطرناڪ صورتحال پيدا ٿيڻ بعد انساني حقن جي عالمي ادارن ڪهڙي سنجيدگي جي سوچ اختيار ڪئي آهي؟ خودڪشي جهڙي وڏي وڻ ٽيل مسئلي جي حل لاءِ زميني حقيقتن جي آڌار تي ڪهڙا سائنسي ۽ مفيد حل ڪيا ويا؟ يا هاڻ اهڙن ادارن جو ڪم فقط اهو وڃي بچيو آهي تہ “آپگهات ڪندڙ ماڻهن جا انگ اکر هٿ ڪري ۽ فائيو اسٽار هوٽلن ۾ سيمينار ڪرائڻ ۽ موٽ ۾ فنڊ وٺڻ” ڇا انساني حقن جي عالمي ادارن وٽ انهن سيمينارن، تقريرن ۽ بحث مباحثن ڪانسواءِ ٻيو ڪو حقيقي حل بہ موجود آهي؟ يا ماڻهن جو “آپگهات” ڪري مرڻ جهڙي اهم مسئلي سان سندن تعلق ناهي؟

“خودڪشي”سڄي دنيا سان گڏ خاص طور ايشيائي ملڪن جو خطرناڪ مسئلو بڻيل آهي. انهن ملڪن ۾ وري خودڪشي جو مُک سبب بک، بيروزگاري ۽ بدحالي آهي. انهن مسئلن جو شڪار پورهيت طبقو آهي. جنهن طبقي جي پگهر جي پورهئي سان دنيا جي وڏن ماڻهن جا نسل پلجن ٿا، ماڙيون، محل، بنگلا پورهيت هٿن جي محنتن جو نتيجو آهن. جيڪڏهن اهي مزدور ماڻهو ڪمائڻ ڇڏي ڏين تہ انهن سان گڏ اناج جي زخيراندوزي ڪندڙ وڏا سرمائيدار ماڻهو بہ ويلا ڪٽي سگهن ٿا. تنهنڪري انساني حقن جي عالمي ادارن کي غريب ملڪن جي مسڪين ماڻهن کي رڳو “خودڪشي” ڪري مرڻ جو انتظار ڪرڻ بجاءِ عملي طور اُپاءَ وٺڻ گهرجن. تہ جيئن غريبن تان “آپگهات” جهڙي غيرفطري موت جو راڪاس ٽري وڃي. انسانن جون قيمتي حياتيون بچي وڃن. وٽن ۾ تنگيل انسانن جا لاش “انسانيت” تي چٽر نہ بڻجي سگهن.

## اُتر پرديش: جتي لکين هارين خودڪشيون ڪيون.

هزارين سالن کان ڀارت غريب ۽ مسڪين ماڻهن لاءِ مقتل گاهہ رهيو آهي. اتي مظلوم ماڻهون هون بہ اوچ جاتين جي عتاب هيٺ رهي پنهنجي نسلن جون حياتيون ڳاري ڇڏيون آهن. پر اتي برهمڻ سامراج جي انساني اڻبرابري واري خطرناڪ سوچ ماڻهن لاءِ موت ثابت ٿي آهي. دنيا جي سمورن ظالم جاگيردار جي سوچ هارين لاءِ هڪجهڙي آهي، ڀارت ۾ هارين جي زندگي ڪهڙي آهي؟ ان لاءِ ڀاڻ هتي فقط ڀارتي رياست اُترپرديش جو مثال وٺنداسين. جتي هارين سان ظلم ۽ زيادتين جي انتها آهي. هاري بک ۽ قرضن سبب “خودڪشي” ڪري پنهنجي جيون جو انت آڻي رهيا آهن. هندستان ۾ “خودڪشي” ڪندڙن جي اڪثريت اوچ جاتين پاران اڇوت قرار ڏنل مسڪين دلت ماڻهن جي آهي. جن کي ڀارت ۾ اڃا تائين فقط انسان سمجهڻ جي جُرئت بہ نٿي ڪئي وڃي. انديا جي جمهوريت جو ظاهري ڏيک هڪڙو آهي تہ سندس اندروني روپ ۽ رنگ ٻيو آهي. ڀارت ۾ بک، بيروزگاري، بدحالي، ڀاڻيءَ جي کوٽ، سوڪهڙي جي شڪار رياستن ۾ پورهيت طبقي پاران آپگهات جي شرح بہ تمام گهڻي وڌيل آهي. هيستائين لاتعداد ماڻهن خودڪشيون ڪري زندگيءَ جو انت آندو آهي.

## اميتاڀ بچن 14 سئو هارين جو قرض ڀري ڪين خودڪشيءَ کان بچائي ورتو.

ڀارت ۾ هاري طبقو وڏين مشڪلاتن جو شڪار آهي. سندن حياتي قرضن سبب زهر بڻيل آهي. ڀارتي هارين کي قرض کان ڇوٽڪاري جو حل “خودڪشي” کانسواءِ نظر نٿو اچي. پر انديا ۾ ڪجهہ درد ڀري دل رکندڙ فلمي اداڪار نانا پاٽيڪر جهڙا سرندي وارا ماڻهو بہ آهن جيڪي هارين جو قرض ڀري سندن حياتيون “آتم هتيا” جي ڦاهي کان بچائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. تازو ڀارتي ليجنڊ اداڪار اميتاڀ بچن پڻ اُترپرديش جي 1400 سرڪار جي قرضي هارين جو 4 ڪروڙ کان مٿي قرض ڀري نہ رڳو ڪين قرض جهڙي مرض کان آجپو ڏياريو پر انهن کي خودڪشين کان پڻ روڪي قيمتي انساني حياتيون

بچائڻ ۾ اهم ۽ وقتائتو قدم کنيو. ميڊيائي رپورٽن موجب 1995 کان هيستائين قرضن کان تنگ ٿي خودڪشي ڪندڙ هارين جو تعداد 3 لک کان مٿي آهي. انهن ٿي لک هارين جي خودڪشيءَ سان رڳو اهي ٿي لک فرد متاثر نہ ٿيا پر ٽي لک ڪٽنب بہ هڪ ڪمائي ڪارائيندڙ پورهيت انسان کان محروم ٿي ويا. قرض سبب "آپگهات" ڪندڙ فرد جا ماءُ، پيءُ، ڀائر، ڀيڻن، ونيءَ ۽ ٻچڙن سميت ٻيا بہ ڪيترائي لاڳاپيل انسان ان ڏک جو شڪار بڻجندا آهن. ڇا پورهيتن جا اهي مسئلا انساني حقن جي علمبردار بڻيل ادارن جي ذميواريءَ ۾ شامل ناهن!؟

❖

# اهلِ علم ذهنن جون ”خودڪشيون“

”آپگهات“ جا گهڻا واقعا ڪٿي ٿين ٿا؟ خودسوزيءَ جا خيال پيدا ٿيڻ جا ڪارڻ ڪهڙا آهن؟ حياتي کي بار ڪٿي سمجهيو وڃي ٿو؟ حسين ۽ ڪونج جهڙين ڳڇين ۾ رسا ڪٿي پون ٿا؟ توڙي جو ”خودڪشي“ جا اهي سانحا غربت، بک، بيروزگاري، بدحالي جو شڪار ذهني اپوجهہ، مسڪين، مظلوم، ظلمتن جو شڪار بڪايل انسانن جي جهوپڻ ۾ روز جو معمول بڻيل آهن. پر ان سان گڏ ماڙين ۽ محلن ۾ بہ ذهني سڪون جو ڪال وقتي ڏڪار آيل آهي. ٿوهر جهڙا رويا اُوچين محلاتن جي سِر سِر ۾ محسوس ٿين ٿا. اُتي بہ ڏوڪا ۽ دولاب جديد انداز سان ڏنا وڃن ٿا. اُتي رشتا ڪاروباري نوعيت جا هوندي بہ فطرت سان ٻڪيل تہ آهن. تنهنڪري مقدس رشتن جو تقدس پائمال اُتي بہ بدترين انداز سان ٿيندي پسيو ويو آهي. ڳچين ۾ رسا اتي بہ پون ٿا. پاڻ کي اوچين بلڊنگن تان اتي بہ اڇلايو وڃي ٿو زهر جي گهرج اتي بہ محسوس ڪئي وڃي ٿي. تنهنڪري ائين بہ نہ سمجهڻ گهرجي تہ ”آپگهات“ جا واقعا رڳو غريبن جي گهرن ۾ ٿين ٿا پر اهو عذاب ارب پتي ماڻهن جي ڪٽنبن ۾ موجود آهي. شيون ۽ واقعا آبادي جي حساب سان نظر ايندا آهن. ائين بہ نہ سمجهڻ گهرجي تہ ”خودڪشي“ ڪندڙ ماڻهو سيئي ذهني طور ايبنارمل آهن، اهي چريا ۽ پاگل آهن، اهي سڀ نفسياتي اسپتالن جي علاج هيٺ رهيا آهن، پر زندگي مان خفا تہ دنيا جا عظيم ذهن بہ ٿيندي ڏنا ويا، جن سموري حياتي ”فطرت ۽ زندگي“ جي اهميت ۽ عظمت تي تحريرون لکيون ۽ ليڪچر ڏنا. پر آخر ۾ پاڻ ”آپگهات“ جو موت مري ماڻهن کي منجهائي ويا. اهو واضح بہ نہ ڪري سگهيا تہ سندن حياتيءَ جو پهريون عمل درست هو يا آخري؟

روسي شاعر ماياڪو وسڪي، آمريڪي شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ نقاد ايڊگرايلن، پلوڙ ناول نگار ورجينا وولف، هيمنگوي جهڙن مايناز عالمي سطح جي اديبن سميت دنيا جي ڪجهہ اهم سائنسدانن ۽ سياستدانن پڻ ”خودڪشي“ ڪئي. آتم هتيا ڪندڙ اهي ذهن ڪي عام ذهن تہ نہ هئا؟ انهن يگانن ماڻهن جي خيالن جي وسعت، اُڏار، ذهني قابليت ۽ صلاحيتن جو ماپو ڪهڙو مقرر ڪري سگهجي ٿو؟ ڪائنات جي ارتقا کان ويندي انساني ارتقا تائين دنيا جي سمورن حالاتن ۽ واقعن کي پنهنجي اعليٰ علم، عقل ۽ شعور سان سمجهڻ وارن دماغن جو آخري عمل سندن نظرئي جي نفي نٿو ڪري؟ دنيا اندر نڳي، ڏوڪو، اميري ۽ غريبي، ڏاڍي ۽ هيٺي هجڻ جا سبب ڳوليندڙ ڏاهن ماڻهن پنهنجي هٿن سان پنهنجو گلو ڇو گهٽيو؟ دنيا جي ڏکن سورن ۽ تڪليفن جا سبب ڳولي پنهنجي قلم ذريعي انهن جا حل پيش ڪري ويندڙ انهن باصلاحيت انسانن کي ڪهڙي لمحي شيطاني خيال ”خودڪشي“ ڪرائي؟ ڇا ڪائنات جا اهي عظيم ماڻهو پنهنجي فلسفي، نظريي ۽ فڪر تي پاڻ پورا لٿا؟ يا اجا اهي راز فقط راز ئي بڻيل آهن، جن تان هيستائين پردو چاڪ نہ ٿي سگهيو آهي؟ خودڪشي جهڙي مايوسي سندن ذهنن ۾ ڪيئن جاءِ جوڙي سگهي؟ سندن پاڇي کان ڀڄندڙ مايوسي ڪين ڪيئن گهيريو؟ سند دنيا بدلائڻ جي سوچن ۽ ويچارن تي

”آپگهات“ جهڙا غيرفطري خيال ڪيئن قابض ٿيا؟ بظاهر اهي ننڍڙيون نظر ايندڙ ڳالهيون ۽ واقعا اڻ لکا لڳن ٿا، پر حقيقت جي اک ڏاري باريڪ بيني سان ڏسبو تڏهن ئي پتو پئجي سگهندو تہ ڏرتيءَ جا اٽل آدمي شڪست جي ور ڪيئن چڙهيا؟ وقت ڪان اڳ انهن پاڻ کي موت جي حوالي ڪهڙين اٽتر سببن جي ڪري ڪيو؟ ڪهڙيون مجبوريون سندن حياتي جون دشمن بڻجي ويو هيون؟ سماج جا شاهڪار ذهن بہ شڪست قبولي ڪري غيرفطري طريقي سان موت کي گلي لڳائي سگهن ٿا.

## عظيم ليکڪ هيمنگوي جي خودڪشي

آمريڪا ۾ جنم وٺندڙ دنيا جو عظيم ليکڪ هيمنگوي ارنيسٽ ملر، جنهن جي لکڻين جا ڪروڙين مداح آهن. سندس قلم مان سرجيل ادب دلين کي ڇهي ٿو. هن جيڪي زندگي جون شروعاتي ڪهاڻيون ”اسان جي دؤر ۾“ لکيون، انهن ڪهاڻين سندس سڃاڻپ ڪرائي، جنهن بعد هو مسلسل لکندو رهيو هڪ ڀلوڙ ناول ”سج اڀرندو بہ آهي“ پڻ ادب جي دنيا ۾ ترٿلو مچائڻ جهڙي ناول طور نروار ٿيو هن ناول دنيا جي عظيم قلم ڌڻيءَ ارنيسٽ ملر هيمنگوي کي شهرت جي بُلنديِن تي پهچايو. هڪ ناول ”اسلحي کي الوداع“ ڪهاڻين جو ڪتاب ”عورت کانسواءِ مرد“ ”ڪٽندڙ ڪجهہ بہ نٿا ڪٽن“ ”ڏاند سان ويڙهہ“ ”وڏي شڪار“ ”گهنڊ ڪنهن لاءِ وڄي ٿو“ سندس هن مشهور ناول تي فلم پڻ ٺهي. هڪ وڏيڪ شاهڪار ناول ”پوڙهو ۽ سمنڊ“ ان ناول کي 1954ع ۾ ادب جو نوبل انعام مليو.

ڪائنات جي حسين رنگن جو عاشق هيمنگوي جنهن کي هن دنيا ۾ ڪهڙي ڪمي محسوس ٿي؟ ڪهڙن سببن جي ڪري مايوسي ڪيس گهيري وئي؟ پنهنجين لکڻين ۾ حياتي جي اهميت ۽ ان جا عظيم مقصد پيش ڪندڙ هيمنگوي 1954ع بعد مسلسل خاموشين ۾ گم ٿي ويو. دولت، شهرت،عزت جي باوجود هن جي زندگي مان دلچسپي ختم ٿي وئي، هيمنگوي 1964ع ۾ رائفل وات ۾ وجهي خودڪشي ڪري زندگي جو اختتام ڪيو. زندگي سان پيار ڪندڙ هڪ مايہ ناز ۽ يگاني قلم ڌڻيءَ جي حياتي جو انت غيرفطري موت سان ٿيڻ ڪري دنيا جا باشعور ماڻهو افسوس سان گڏ حيرت ۾ بہ پئجي ويا. هيمنگوي بہ خودڪشي ڪري سگهي ٿو!؟ جنهن جون لکڻيون ۽ افسانن جو هڪ هڪ اکر ڳالهائيندو هجي، مخاطب ٿيندو هجي، ان شخص ڍگهي خاموشي اختيار ڪئي!

## آرٿر ڪوئسلر جي خودڪشي

آرٿر ڪوئسلر هڪ جڳ مشهور صحافي ۽ ليکڪ طور سڃاتو وڃي ٿو. آرٿر ڪوئسلر 1905ع ۾ بڊاپيسٽ ۾ پيدا ٿيو ويانا يونيورسٽيءَ مان تعليم پرائي صحافت ۾ پير پاتائين. ان زماني ۾ پئرس، ماسڪو ايشيا، اسپين جهڙن ملڪن ۾ پڻ پنهنجا فرائض سرنجام ڏنائين. ان دؤران ڪيس فوج گرفتار ڪري قيد ڪيو. آرٿر ڪوئسلر کي موت جي سزا ٻڌائي وئي، پر هن همت نہ هاري. نهايت ئي اوچن جذبن سان مقابلو ڪندو رهيو. هڪ ملڪ کان ٻي ملڪ تائين جون دربدريون ڀوڳيون پيس. پر هن جي قلم

جي جنبش معمولي بہ گهٽ نہ ٿي. هو مرڻ تائين لکندو رهيو. آرٿرڪوئسلر جو هڪ ناول "منجهند جو اوندهہ" جنهن کيس سموري دنيا ۾ شهرت جي بلندين تي پهچايو. سندس لکيل ناول بالشيوڪ جي حالاتن کي منظرعام تي آندو. آرٿر ڪوئسلر پندرهن کن ڪتاب لکيا، جن ادب جي ميدان ۾ شاندار مشهوري ماڻي. سندس لکڻين دلچسپي سان پڙهندڙ پرستارن جو تمام وڏو حلقو ڪيس مليو. آرٿر ڪوئسلر ادب جي دنيا جو روشن ستارو هو پر سندس نجي حياتي ڪهڙن مسئلن جو شڪار هئي؟ اهو هڪ جدا سوال آهي، ان بابت هن جا لکيل خط گهڻو ڪجهہ پڌرو ڪن ٿا. هن 1951ع ۾ پنهنجي زال مئمين کان طلاق وٺڻ جي باوجود بہ ان سان هر هفتي ملاقاتن جو سلسلو ختم نہ ڪيو. بلڪ گهر بہ طلاقيل زال مئمين جي گهر جي پاسي ۾ ورتائين. ان وقت جي ظالم پوليس جي سخت ٽارچر هيٺ رهڻ واري هڪ عظيم ليکڪ آرٿر ڪوئسلر 4 مئي 1983ع تي هن دنيا مان مايوس ٿي خودڪشي ڪري حياتي جو انت آڻي ڇڏيو. پنهنجين لکڻين ۾ هڪ مضبوط شخص جيڪو ظاهري زندگي ۾ هماليا جيڏا حوصلا رکندڙ ماڻهو سمجهيو ويندو هو. پر سندس خودڪشي بعد ڪيترائي جوابن جا مُتلاشي سوال پيدا ٿي پيا.

## جڳ مشهور مصور وان گوگ جي خودڪشي

من جا رنگ پينٽنگ ۾ اُتاري دنيا جي منظرڪشي ڪندڙ جڳ مشهور مصور وان گوگ تہ هڪ دفعي ڪاوڙ ۾ پنهنجو ڪن بہ ڪپي ڇڏيو هو. اهڙي جذباتي ڪيفيت ۾ مبتلا شخص جي ٿاهيل تصويرن سان توڙي جو رنگن جا قدردان ماڻهو وڏو چاهہ رکندا هئا پر دنيا جي هڪ مايا ناز مصور وان گوگ کي سندس پيءُ گهران ڪڍي ڇڏيو هو. ان جي خودڪشي تي فراق هاليپوٽي جو نظم ڪيس پيٽا ٿيل آهي:

## امن جي فاختہ جا پر

رت ۾ ٻاڙها ٿي چڪا آهن
هوءَ هڪ سوڙهي پڃري ۾
پنهنجي زندگيءَ جا آخري پل جي رهي آهي
پڪاسو سگريٽ جو آخري ڪش هڻي رهيو آهي
۽ فتاح منگي چپن چپن ۾
پٽڪي چئي رهيو هو تہ
وان گوگ توچو خودڪشي ڪئي!
خودڪشي تہ پڪاسو کي ڪرڻ گهرجي ها.

وان گوگ آخري تصوير we fields with crows| ٺاهي. هن مصور جون 1890ع ۾ پاڻ کي گولي هڻي خودڪشي ڪري ڇڏي. ڪنهن بہ مصور جي نہ ڏات چوري ٿي سگهي ٿي نہ ئي نہ پورهيو رائگان ٿي سگهي ٿو. وان گوگ جي خودڪشي کان پوءِ بہ سندس چٽيل رنگ ميرا نہ ٿيا آهن، اهي رنگ

ماڻهن جي دلين ۾ چٽيل آهن. اهي رنگ پوپٽ جي پرن جا رنگ آهن, اهي رنگ مورن جي کنڀن جا رنگ آهن. اهي رنگ محبوب جي اکين جا رنگ آهن.

## علامہ آءِ آءِ قاضي جي خودڪشي

ڪائنات ۾ لکين ماڻهو ڄايا ۽ مئا, پئسي جا پرور,حاڪم, وزير, بادشاهہ, ڏاڍا, جابر ماڻهو جيڪي چوندا هئا تہ دنيا سندن بغير مشڪل هلي سگهي! پر اهي ماڻهو مٽي ڪائي وئي. تاريخ جي پنن ۾ وڃي اهي ماڻهو زندهہ بچيا جيڪي انسان ذاتي جي ڀلائي جي عظيم مقصد خاطر زندهہ رهيا. علم ۽ شعور جو ڦهلاءُ, ترقي, امن ۽ انسانيت جو آڄپو انهن جي حياتي جو آخري ۽ اهم مقصد عظيم هو. ان مقصد کي ماڻڻ خاطر انهن جي قربانين سان تاريخ ڀري پئي آهي. سنڌ يونيورسٽي جي قيام کي عملي جامو پارائيندڙ عظيم انسان علامہ آءِ آءِ قاضي جهڙو يگانو ماڻهو بہ سنڌ جي مقدس مٽي تي جنم ورتو. سندس رڳن ۾ ماءُ جي کير سان گڏ سنڌو ماتا جو پوتر پاڻي بہ گردش ڪندو هو. جنهن ڪري وطن سان حُب جي جذبي سان سرشار سندس شخصيت پنهنجي محبوب وطن کي علمي ميدان ۾ اڳيرو ڪرڻ خاطر ڪيترو سوچيو ۽ لوچيو تاريخ ان جاکوڙ جي سلطاني گواهہ بڻيل آهي. سنڌ جي عظيم مفڪر, دانشور, اهل علم, عالم ۽ فاضل علامہ آءِ آءِ قاضي جي ڏکوئيندڙ مرتئي تي اميد خيرپوري جون هي سٽون ڪيڏيون وزنائتيون لڳن ٿيون.

جڏهن هڪ موت عالِمَ جو عالَمَ جي لئہ آهي,
تڏهن آ درد هر همدرد جي دل ۾ جڳهہ جوڙي,
مرڻ جن کي ڪپي سي موت کان لڪندا رهيا آهن
جيئڻ وارا الائي ڇو وڃن ٿا موت ڏي ڊوڙي!

سنڌ جي خمير مان 9 اپريل 1889ع تي حيدرآباد ۾ جنم وٺندڙ علامہ آءِ آءِ قاضي هڪ ماهر قانوندان ۽ نهايت ئي گهڻ پڙهيو شخص هو. جنهن سنڌ جي تاريخ سان گڏ عالمي ادب جو پڻ گهرائيءَ سان مطالعو ڪيو هو هُن شخص رڳو پڙهيو نہ هو پروڙيو بہ هو. علامہ صاحب حيدرآباد ضلعي ۾ جڏهن مئجسٽريٽ مقرر ٿيو بعد ۾ خيرپور ۾ سيشن جج ٿيو ۽ گهرو وزير جي حيثيت ۾ پڻ ڪم ڪيائين. پاڪستان ٺهڻ بعد علامہ قاضي لنڊن ۾ رهڻ لڳو هو. ڪجهہ سالن بعد دوستن جي گهڻي اصرار تي واپس وطن وريو هو. پنهنجين صلاحيتن کي وطن واسين لاءِ ڪتب آڻيندي سنڌ يونيورسٽي جي وائس چانسلر جي حيثيت سان شاندار تعليمي خدمتون سرانجام ڏنائين. جنهن تي سنڌ ڪيس اڄ بہ عقيدت ۽ احترام جي نگاهہ سان خراج تحسين پيش ڪري ٿي. لطيف سرڪار جي رسالي تي سندس ترتيب ڏنل ادبي ڪم کي اڄ بہ ٻين کان منفرد ۽ اهم حيثيت حاصل آهي.

علامہ آءِ آءِ قاضي محبت جي شادي انگريز گوري سان ڪئي هئي, جنهن کي سنڌ ۾ امڙ ايلسا قاضي جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. ان محبت سندس من کي وڌيڪ منور ڪري ڇڏيو هو. جڻ سندس

حياتي جون سموريون حاصلاتون مڪمل ٿي ويو هيون. ڪيس ڪا تمنا باقي نہ رهي هئي. ان حقيقت ڪان منهن هرگز نٿو موڙي سگهجي تہ محبت ۾حاصلات ڀاڳن وارن جي نصيب ۾ هوندي آهي. اهو بہ وري پنهنجي ڌرتيءَ ڪان ڪوهين ڏور عالمي اسٽينڊرڊ جي معيار جا خيال رکندڙ انگريزن ۾ سندس اڪيون وڃي اٽڪيون جتي محبتن جي جذبن کي فقط مفادن جي راند سمجهيو وڃي ٿو. ڀر هن شخص جي بي بها صلاحيتن، قابليت، سچائي ۽ ايمانداري انگريزياڻي نينگري ايلسا کي بہ گهڻو متاثر ڪيو. جنهن ساڻس حياتي جا ڀيچ پاتا. ايلسا جي هي جهان ڇڏڻ بعد قاضي صاحب ويڳاڻپ جو شڪار رهندو هو. ايلسا ڪانسواءِ زندگي هن لاءِ بلڪل بي مقصد ۽ بار بڻجي وئي هئي، سندس ڀٽڪندڙ من کي ڪٿي بہ شانتي نصيب نہ ٿي، مسلسل اهڙي ڪشمڪش ۽ ذهني ڪشيدگي جي صورتحال ۾ مضبوط ارادن جو ماڻهو بلڪل ڀڄي ڀور ڀور ٿي ڀيو هو. 13 اپريل 1968ع ۾ محبت جي تنهائي ڪيس سنڌو درياهہ جي حوالي ڪيو. سندس موت تي اڄ ڏينهن تائين خودڪشي ۽ اتفاقي حادثي جهڙا ٻہ رايا اڄ بہ قائم آهن. ڀر بحرحال ماڻهن جي اڪثريت جو خيال آهي تہ قاضي صاحب پنهنجي محبت جي وڇوڙي بعد دل شڪستہ ٿي "خودڪشي" ڪئي. جڏهن سندس زندگي ۽ ڪردار تي نظر ڦيرايون ٿا تہ ذهن اهو قطعي قبولڻ لاءِ تيار ناهي تہ ڇا علامہ آءِ آءِ قاضي جهڙا ماڻهو جيڪي خود سماج اڏيندڙ ذهن هئا، سي بہ "آپگهات" ڪري غيرفطري موت کي گلي لڳائي سگهن ٿا؟ ڇا لطيف سرڪار جو عاشق اعليٰ ذهن جو مالڪ ماڻهو فطرت جو انڪاري ٿي "خودڪشي" ڪري سگهي ٿو؟ زمانن سان جهيڙيندڙ شخص فقط محبت جي ڪامياب حاصلات بعد ڀرپور حياتي گهارڻ ڪان ڀوءِ بہ موت جي امر کي مڃڻ بجاءِ "آتم هتيا" کي اهميت ڏيئي زندگي تان دستبردار ٿيڻ واري ڳالهہ مبهم بڻيل ضرور آهي. ڇا اهڙا اعليٰ ذهن بہ غيرفطري موت کي قبولي پنهنجي قوم جي ايندڙ نسلن لاءِ ڪهڙو پيغام ڇڏيو آهي؟ ڏک ڀڻ جيون جو حصو آهن رڳو سکن جي تصور سان زندگي گهارڻ جي سوچ تي دنيا جا حقيقت پسند ماڻهو متفق نہ آهن.

## شاعره ساره شگفتہ جي "آتم هتيا"

ساره شگفتہ پنجابي ۽ اردوءَ ٻوليءَ جي ناماياري شاعره ٿي گذري آهي. شاعري جي نرالي ۽ منفرد اسلوب سبب ڪيس ڀڙهندڙن جي وسيع حلقي ۾ شاندار موٽ ملي، ساره شهرت جي بلندين کي ڇهيو ساره شگفتہ 14 آڪٽوبر 1954ع تي گوجرانوالا ،پنجاب ۾ پيدا ٿي. نوجوان نسل ۾ ساره جي شاعري سان لڳاءَ ۽ محبت جي اها حد رهي آهي جو اڪثر ماڻهن کي ساره جي پابند شاعري سان گڏ نثري ٽڪرا ڀڻ حفظ ٿيل هوندا هئا. مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ساره جي ڇپيل شاعري کي سندس مداح سيني ۾ سانڍي رکندا هئا. معاشري جي روايتن جو شڪار ساره جا رت جا رشتيدار بہ ناراض هوندا هئا. ان باوجود بہ ساره لکڻ بند نہ ڪيو. ساره شگفتہ مخالفت باوجود بہ پنهنجي ذات سان نيهن نيائيندي رهي، سندس عزيز قريب شاعري سان گڏ نوڪري ۾ بہ ناخوش هئا جنهن ڪري ساره کي وقت بہ وقت پريشان ڪيو ويندو هو.

چوڏهن سالن جي عمر ۾ ساره شگفتہ کي هڪ اڻ پڙهيل عزيز سان پرڻايو ويو جنهن هڪ نازڪ مزاج شاعره تي ظلمتن جا پهاڙ ڪيرائي ڇڏيا هئا. هر وقت ڪيس تشدد جو نشانو بڻايو ويندو هو. وڏي مصيبت جا ڏينهن گذاريندي ساره پنهنجي تعليم جاري رکي سگهي پر شادي ٽٽي وئي. هڪ حساس دل رکندڙ شاعره کي ذاتي زندگي ۾ مليل شڪست تمام گهڻو ڏکويو سندس دل تي غمن جو گهاٽو گهمندو رهيو. پيڙاهن جي ان صورتحال ۾ هڪ شاعر ڪيس شادي لاءِ راضي ڪيو پر اهو ذات ڏٺي بہ هڪ عظيم شاعره زال کي سخت تشدد جو نشانو بڻائي ذليل ڪندو هو. جنهن بعد ساره کي ذاتي زندگي ۾ عورت جي زرخريد غلام هجڻ واري احساس مايوس ڪيو. سندس تي شادي بہ بدترين طريقي سان ناڪام ثابت ٿي. شاعري جي ميدان جي هڪ ڪامياب ذات ڏجاڻي ازدواجي زندگي ۾ بُري طرح ناڪامين سان همڪنار ثابت ٿي. سڪرات ۾ ڀيل سندس امڙ جي مرضي رکندي هڪ  سرندي واري ماڻهو سان چوٿين شادي ڪئي، ساره جي ان مڙس بہ مٿس ڏاڍ ۽ جبر ڪندي سختيون ڪيون. نتيجو طلاق تي ختم ٿيو. هڪ ناماري شاعره ڏکن، تڪليفن، بي وفائن جا ڏکها داستان، ناانصافين جون ورتائون ڪٽي ڪراچي ۾ پهتي هئي. جتي رستن تان عدم اعتمادي جا خيال سندس سوچن تي حياتي پر حاوي ٿي ويا هئا. ڪراچي ۾ احمد سعيد نالي هڪ ماڻهو ڪيس وفا جو يقين ڏياريو پر ساره شگفتہ پنهنجي من اندر ۾ پڇي پور تي چُڪي هئي. تنهن پروسو ڪري شادي ڪرڻ بجاءِ رهيل حياتي تنهائي ۾ گذارڻ کي اهميت  ڏني. ساره جي دوستي جي ڏاڳي ۾ ٻڌل جڳ مشهور ليکڪا امرتا پريتم کي هڪ پتر ۾ لکيائين تہ سموري حياتي ۾ ڪيس هڪ باوفا شخص احمد سعيد مليو هو جنهن محبتن سان سندس دل ۾ جاءِ جوڙي هئي، جنهن بعد 12 مهينا احمد سعيد سان سندس ملاقات نہ ٿي. جنهن  بعد 4 جون 1984ع تي ڪراچيءَ جي ريلوي ٽريڪ تي سارا شگفتہ جو رت ۾ لت پت لاش مليو. اهڙي حادثي پويان زندگي جون هزارين رسوايون هئڻ ڪري "آپگهات" جو چٽو شڪ پڌرو ٿيو. "خودڪشي" جي خيال شاعري کي آپگهات ڪرائي ڇڏيو. شاعري جي هڪ شاهڪار ذات "آتم هتيا" ڪري ڇڏي، مرداڻي سماج هٿان هڪ مضبوط عورت شڪست کائي وئي، سندس حياتي ۽ ڪردار امرتا پريتم جو شاهڪار ناول "ايڪ ٿي سارا" پڻ وڏي ميتا ماڻي چڪو آهي. مورڙي جي ماڳ ڪراچي جي سرزمين تي سارا شگفتہ جي آخري آرامگاهہ آهي. سندس شاعريءَ جا ڪتاب "ٻلدي اکر" "مين ننگي چنگي" "آنکين" جهڙو شاهڪار قلمي پورهيو سرجيندڙ تخليقڪار شاعره جو موت دربدري جي حالاتن ۾ ٿيڻ هن دنيا جو وڏو الميو آهي. جنهن شاعره هن دنيا کي محبوب غزل ارپيا، حسين نظمن سان نوازيو جنهن جي ذات امن ۽ انسانيت جا گيت تخليق ڪيا، جنهن هن دنيا جي سمورن مزاجن کي پنهنجي من جي اکين سان سان پسيو ۽ پيش ڪيو. انهن سمورن لقائن کي شاعري جا حسين جذبا پيتيا، موت ۾ ڪيس ڇا پلئہ پيو؟ هڪ پلوڙ شاعره لاءِ هن ڌرتيءَ تي "خودڪشي" ڪانسواءِ ٻيو ڪهڙو بندوبست ٿي سگهيو؟

چاند کا قرض

ہمارے آنسوؤں کی آنکھیں بنائی گیئں
ہم نے اپنے طلاطم سے رسہ کشی کی
اور اپنا اپنا بین ہوئے
ستاروں کی پکار آسمان سے زیادہ زمین سنتی ہے
میں نے موت کے بال کھولے
اور جھوٹ پہ دراز ہوئی
نیند آنکھوں کے کنچے کھیلتی رہی
شام دوغلے رنگ سہتی رہی
آسمانوں پر میرا چاند قرض ہے
میں موت کے ہاتھ میں ایک چراغ ہوں
جنم کے پہیئے پر موت دیکھ رہی ہوں
زمینوں میں میرا انسان دفن ہے
موت میری گود میں ایک بچہ چھوڑ گئی ہے

هڪ شاعره جو بي وقتائتو غير فطري دردناڪ موت مهذبپڻي جون ٽلهيون حامون هڻندڙ هن سماج لاءِ ڪاراٺ آهي. جيڪو سماج پاڻ تي سرمائيدار سامراج ڪي بي وجہ ٿاڦي فخر محسوس پيو ڪندو آهي، اهو ئي سماج هڪ شاعره جو جيئڻ جنجال ڪري ٿو. تهذيب يافتہ مهذبپڻي جو اهو ٻٽو رويو آهي. جنهن جي پٽ زمانا اڳ پڌري ٿي چُڪي آهي.

## نوجوان شاعر مانيٽي اوٺي جي خودڪشي

ٿرجي نازڪ ۽ نرم واري جهڙو مزاج رکندڙ مانيٽو رڳو پنهنجي نالي ۾ مانيٽو ڪونہ هو پر اُن نالي جو اثر سندس مزاج ۾ شامل هو. مورن جي ڪنہن جهڙو خوبصورت من رکندڙ مانيٽو ڄامشوري جي پٿريلي پٽ تي ٿابڙجي پيو. سندس من زخمي ٿي پيو. سندس دل جُهري پئي، محبتن ۾ سچايون ارپيندڙ مانيٽي ڪي دلين جي سوداگر شهر جي هوائن پنهنجي ضد ۾ اٽي چڙيو. هو ڪڪ پن ٿي ويو. وڪري ويل مانيٽو وري سميٽجي نہ سگهيو. هن ڪي ڄامشوري جون نخريليون هوائون راس نہ آيو. خودڪشي ڪندڙ شاعر جي محبوب قوم جي دادلي درياهہ "سنڌو" ڪيس بہ علامہ آءِ آءِ قاضي جيئن پاڪرن ۾ پري چڙيو. هن ڪارين راتين ۾ پرين ساريا. هن جي اوجاڳيل اکين ۾ دلرُبا ادائن جي جهلڪ پسڻ جي اميد هئي. جنهن اميد تي هو ساهہ ڪٽي رهيو هو جڏهن اها اميد ئي ختم ٿي وئي تہ مانيٽو پاڻ بہ اختتام پذير ٿيو.

راتِ پوئينءَ جو پرينءَ جا پيار ايندا ياد ويا،
دلربا جا دل متي ديدار ايندا ياد ويا،

ري خنجر خالي هٿين قهري، نگاهن هو ڪُٺو،
تن نشيلين جا نظر نروار ايندا ياد ويا.

ياد "مانيٽا" مٿي محبوب جي ماريو چڏي،
قرب جا اقرار ۽ انڪار ايندا ياد ويا.

علم، شعور ۽ عقل، همت ۽ حوصلي جا درس ڏيندڙ معاشري جا بُردبار ۽ باشعور ماڻهو جڏهن مايوسين جي ڪُن ۾ گهيرجي، مقابلي بجاءِ "آپگهات" جهڙي عمل کي ترجيح ڏيندا آهن تہ سماجن جي ذهني اوسر ۽ ترقي اڳيان رڪاوٽون بڻيل قوتون وڏي وڙ ٿي ويندڙيون آهن. معاشرتي ترقي بجاءِ نفسياتي اسپتالن ۾ اضافو ٿيندو آهي. ڀوپا ڪلچر سماج کي پنهنجي جڳاڙي نفسيات جي اشارن تي آڏو ابتو ڪري هلائيندو آهي. مانيٽو اوني جهڙو باشعور ۽ وطن دوست ذات ڏٺي جيڪو خود هن سماج لاءِ هڪ شاندار مثال بڻجي ابريو هو سو ڪيئن پاڻ هن معاشري ۾ جالي نہ سگهيو؟ هڪ شاعر جي اکين انقلاب جو خواب ڏٺو هو سي اکيون سرخ گلابن جي موسم کان اڳ ڇو پورجي ويون؟ جنهن ذهن ۾ هن سماج کي ڀاهي نئون انسان دوست ۽ آزاد سماج آڏڻ جي آس ۽ اميدون هيون، اهي سوچون "سرد خاني" تي ڪيئن پهتيون؟ مانيٽي جي شعر ۾ سندس جذبن کي پسي سگهجي ٿو:

دم دم در در حق جي هر هر، جيڏا جوت جلايان ٿو،
هن ڌرتيءَ جو عاشق آهيان، ازلي نغما ڳايان ٿو.

زردارن کي زير ڪبو، هت جيئڻ لاءِ جُنون ڪپي،
ننڊ وِهوڙيون نازڪ دلڙيون، جوڳي ٿي جاڳايان ٿو.

ڪانئر جا ڪل ڪوٺَ ڪنبايان، ڪارونجهر جيئن اوچو قد
سِر جو سانگو لاهي، سهڻا سوريءَ کي سرچايان ٿو.

ٽر جي ڳوٺ خانور اوٺا ۾ 1954ع ۾ علي محمد اوٺي جي گهر ۾ جنم وٺندڙ هي نج ٿري ڀهراڙي جو ٻار جڏهن حيدرآباد جي هوائن ۾ پهتو تہ سندس گهر سميت ٿر جي ماڻهن کي بہ مٿس فخر ٿيندو هو.

اپوجهہ سماج جون ساڻس ڪيترين اميدون وابسطا هيون، پر الئہ تہ ڇو سموريون آسون نراس ٿيڻ لاءِ ... ويون. هو زندگي سان جهيڙڻ بجاءِ پاڻ کي غيرفطري موت حوالي ڪري پنهنجي پيارن ۽ سنڌ وارن تي ڏکن جون ويرون وهائي ويو. سندس جذبن جو اظهار، مزاج جي پرک، خيالن جي خبرچار، وطن دوستي جو وزن سندس شاعري جي ڪتاب "روح رُنو اڌ رات" ۾ پسي سگهجي ٿو. هماليا جيڏا حوصلا رکندڙ مانيٽي جهڙي مضبوط ماڻهو تي "آپگهات" جهڙو غيرفطري خيال ڪيئن حاوي ٿيو؟ جو هُن 15 فيبروري 1981ع تي پاڻ کي درياهہ حوالي ڪري ڇڏيو. سِڪ، اڪير ۽ پيار جي شاعر مانيٽي اوٽي جي اڻ مُنداڻتي ۽ غيرفطري موت سنڌ کي سوڳواري ارپي ڇڏي.

## قومي ڪارڪن ۽ اڳواڻ عرفان مهدي جي "خودڪشي"

"سياست" بنيادي طور آهي تہ ظالم ۽ مظلوم جي وچ ۾ حق وٺڻ جي جدوجهد جو نالو پر دنيا جي ڪيترن ئي ناڪاري سوچ رکندڙ ماڻهن هن مقدس عمل کي پنهنجن ذاتي مفادن لاءِ استعمال ڪري ڪراهت لائق بڻائڻ ۾ ڪا ڪسر باقي نہ ڇڏي آهي. سياست کي ذريعو بڻايو ويو مال، ملڪيت، بنگلا ۽ زمينون ناهڻ جو. سياست کي ذاتيات جي جنگ ۾ ايترو تہ گهليو ويو جو هي عبادت لائق عمل رڳو وچي ڏاڍن جي "وندر" خاطر بچيو آهي. پر ان سڀ ڪاروهنوار ۾ عرفان مهدي جهڙا ماڻهو بہ تاريخ ۾ پنهنجو ڪردار نڀائي ويا، جن سياست فقط عبادت سمجهي ڪئي. "جيميسٽ" فڪر هتي ايترو آسان ان ڏينهن ڪان ناهي رهيو جڏهن ڪان جي ايم سيد آزاد سنڌو ديش جو نعرو هنيو. ان نظريي جي سياست سان لاڳاپيل مڪمل سچائي ۽ ايمانداري سان پاڻ ارپيندڙ ڪارڪن تہ ڄڻ ڪنڊن جي سيج تي هوندو آهي. 31 جولاءِ 1967ع تي هالا پُراڻا ۾ مهدي ميمڻ جي گهر ۾ جنم وٺندڙ عرفان مهدي پڻ جي ايم سيد جي فڪر جو هڪ باقائده نظرياتي ڪميٽيڊ ورڪر هو. وطن جي جدوجهدن ۾ پاڻ ارپڻ جو جذبو رکندڙ عرفان مهدي هڪ باشعور انسان، سياسي سماجي ساڃاهہ رکندڙ هن معاشري جو مڪمل ذميوار فرد هو. سترهن سالن جي ڄمار ۾ ليفٽ جي سياست ڪان شروعات ڪندڙ هن نوجوان ٿورڙي ۽ مختصر عرصي ۾ تمام گهڻي مقبوليت ماڻي. اها مقبوليت هڪ مخصوص ذهنيت ڪان هضم نہ ٿي سگهي. اها سوچ عرفان جي اڳتي وڌڻ جي پهرين ڏينهن ڪان مخالف بڻيل هئي. علم، ادب، شعور ۽ شاعري سان ذوق ۽ شوق رکندڙ عرفان مهدي پنهنجي طبعيت ۽ مزاج ۾ نهايت ئي دلربا ۽ محبوب ماڻهو هو. سنڌ ۽ سيد سان جنون جي حد تائين عشق رکندڙ هي سياسي ورڪر همت ۽ حوصلن جو اعليٰ مثال بڻجي اُڀريو هو. لطيف سائين جو رسالو حفظ ڪندڙ عرفان مهدي سنڌ جي سياسي تاريخ جو نہ وسرندڙ ڪردار آهي. 1986ع ۾ باضابطا طور شاگرد ونگ جو پريس سيڪريٽري چونڊيو ويو. جنهن بعد هن پاڻ تي اڃان بہ وڌيڪ ذميواري محسوس ڪندي سرگرمي ڪئي، ان جدوجهد ۾ هن ساري سنڌ ڀرين جو پاڇو بڻجي پنڌ ڪيا. سنڌ جي واهڻ وستين ۾ هن سڃاڻپ جا سڌ ڏنا. موٽ ۾ سنڌ بہ ڪيس اڻ ڳڻين محبتن سان نوازيو. هو پروگرامن ۾ لطيف جا بيت رواني سان پڙهي تقريرون ڪندي ماڻهن کي منڊي ڇڏيندو هو. سندس ڪاميابيون ڪجهہ

اناپرست ۽ مفادن لاءِ سياست ۾ پير پائيندڙ ڪُند ذهن رڪندڙ ٽولي کان برداشت ڪونہ ٿيون. جيڪي ڪيس پٺ ۾ ڇرو هڻڻ خاطر هر وقت تاڙ ۾ هوندا هئا. عرفان خلاف سازشن جا ڄار وڇائڻ جون ڪيترييون ڪوششون ٿينديون هيون. جنهن کي هو پنهنجي سمجهہ ۽ عقل سان منهن ڏيندو اڳتي وڌندو ويو. پر شايد سندس برداشت جون حدون لبريز ٿيڻ شروع ٿي چُڪيون هيون. جيڪي ڪيس مايوسين جي رڻ ۾ رولينديون ويون. 1990ع ۾ عرفان مهدي سياسي طور سرگرم رهيو ان ڪانپوءِ 1991ع جي شاگرد ونگ جي مرڪزي باڊي جي چونڊن ۾ پڻ منظر تان هٽيل رهيو. انهن پريشانين ڪيس سياسي سرگرمين کان گهٽو ڏور ڪري ڇڏيو هو. مانيٽي اوني بعد هن وطن دوست اهل علم انسان بہ 4 آگسٽ 1991ع تي پاڻ کي سنڌ جي حوالي ڪيو. سنڌ جي نصيب ۾ هڪ وڏيڪ "آپگهات" آيو. سنڌ لاءِ سوچ سوچيندڙ عملي جدوجهدن ذريعي وطن لاءِ لوچيندڙ ديس تي انقلاب جو اُجرو سورج اُڀرڻ جا خواب نيڻن ۾ سجائي هلندڙ هڪ آدرشي انسان پاڻ کي آتم هتيا ڪري هتيار ڦٽا ڪري ويو. زهر جهڙي خاموشي گذري وڃي سنڌ جي لهرن سان ٻڪيو. جيڪي لهرون آگسٽ ۾ تار وهندڙ درياهہ بادشاهہ جي سمنڊ تائين ٿيندڙ سنگم سان نيهن نڀائينديون آهن. عرفان مهديءَ جو من بہ پونم رات ۾ سمنڊ جي لهرن جيئن اڇلون ڪائيندو هو.

## ذهين شاگرد نريندر ڪمار ميگهواڙ جي خودڪشي،

سنڌ جي تاريخي شهر نصرپور سان تعلق رکندڙ هڪ سڪئي ستابي گهراڻي جي نوجوان نريندڙ ميگهواڙ جي خودڪشي سنڌ کي سڪتي ۾ آڻي ڇڏيو هو ڪيترن ئي ڏينهن تائين سنڌ جي فضا ۾ سوڳواري ڇانيل هئي. شاگرد نريندر ميگهواڙ جي ڪٽنب ۾ تقريبن نوجوان پڙهيل، لکيل، سنجيده ۽ اعليٰ تعليم يافتہ هئڻ سان گڏ محنت ڪش ۽ هنرمند آهن. نريندر جي تربيت بہ ان ماحول ۾ ٿيڻ ڪري هو بہ پنهنجي پڙهائي ۾ سخت محنت ڪندي اڳتي وڌي رهيو هو. توڙي جو هو اجان بالغ پڻي جي حدن کي نہ پهتو هو پر الئہ ڇو هن نوجوان پاڻ کي وقت کان اڳ ذهني مريض جي سوچن جهڙي هن سماج ۾ پاڻ کي ذميوار ۽ ذهني طور بالغ ٿيڻ جي جرئت ڪئي هئي، پنهنجي مسڪين پائرن سان ٿيل ناانصافين تي هو تڙپي اٿيو هو هن فقط انصاف تي چاهيو، هن چاهيو تي تہ ڪير بہ ڪنهن جو حق غضب نہ ڪري، هن چاهيو تي تہ هن معاشري جا ڏاڍا مڙس جيڪي سندن قبرستان تي قبضو ڪري چُڪا هئا. (جنهن ڪري هنن کي پنهنجن پيارن جا لاش دفنائڻ ۾ مشڪلات پيش اچي رهي هئي) هن فقط ايترو چاهيو تي تہ قبضي هيٺ آيل قبرستان تان قبضو ختم ڪيو وڃي، ملوث جوابدارن کي قانون جي گرفت ۾ سوگهو ڪيو وڃي. پر ڪرپشن جي ور چڙهيل قانون کي بازياب ڪيئن ڪرائجي؟ ان نظام کي چيلينج ڪيئن ڪجي؟ ان جمود کي ڪيئن ٽوڙبو؟ ان زهريلي سوچ خلاف جدوجهد ڪيئن ڪجي؟ انهن پيچيده ڳالهين کان اجان نوجوان نريندر اڻ واقف هو. جنهن ڪري ڪيس پنهنجي وڏڙن جي قبرستان تان قبضو ختم ڪرائڻ لاءِ سندس ڪچڙي ۽ ٻاراڻي ذهن ۾ بس هڪڙو ئي خيال آيو تہ "خودڪشي ڪجي" آتم هتيا ئي انتقام آهي، جنهن بعد نوجوان نريندر ميگهواڙ آتم هتيا جي خيال کي حقيقت جو روپ ڏيئي

پنهنجي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو. سندس جيون سان نريندر جي پيارن جون هزارين اميدون نراس ٿيڻجي ويون. انهن جي دلين ۾ بس ڏک جون لهرون ۽ دردن جا طوفان هئا. هڪ حسين ۽ ذهين نوجوان جو بي وقتائتو ۽ غيرفطري موت انتهائي ڏکوئيندڙ ثابت ٿيو. پر انصاف وٺڻ جو سندس طريقي ڪار ڪنهن بہ ريت مناسب نہ هو. هن سماج جي ذليل روايتن سان نبرڻ لاءِ هماليا جيڏن حوصلن ۽ همتن جي ضرورت هوندي آهي، "انتم" يعني خاتمو تہ دشمن چاهيندو آهي، پر جيڪڏهن دشمن جي خواهش موجب اسان پاڻ پنهنجو انت آڻي دشمن جو ڪم آسان ڪري ڇڏيون تہ پوءِ تہ ظالم قوتن کي غريبن تي ظلمتن جا پهاڙ ڪيرائڻ ۾ آساني ٿيندي، ناانصافيون وڌي وينديون. هيٺين طبقن ۾ جدوجهد بجاءِ خودڪشيءَ جا خيال پيدا ٿيندا.

## سماجي ورڪر منو ميگهواڙ جي خودڪشي

ظالم ۽ مظلوم طبقن ۾ تضاد فطري عمل آهي. اهو عمل ايترو ئي پُراڻو آهي جيتري انسان جي حياتيءَ جي تاريخ جهوني آهي. ڇاڇري تعلقي جو سماجي اڳواڻ منو مل ميگهواڙ بہ ظالم وڏيراشاهي جي ڏاڍ ۽ جبر جو ستايل انسان هو. جنهن ظلم خلاف پنهنجي وس آهر تمام گهڻو آواز اٿاريو پر سندس رڙين کي اعليٰ ايوانن ۾ ويٺل موٽن ماڻهن اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو. خودڪشي ڪندڙ فوتي منو خلاف بااثر ڀوتارن رڻ ٻاري ڏنو سندن حياتي وهہ ٻڻائي وئي، انتقامي ڪاروائين جو سلسلو تيز ڪيو ويو سندن ٻنين، گهٽين، رستن، گئوچرن تي وڏيرن جون اکيون پئجي ويون. سندس ٻچن جي روزي کسڻ جون سازشون ڪيون ويون، انهن بي واجبين خلاف منوهر فورم تي آواز بلند ڪيو پر انصاف نہ مليس. شديد مايوسي ۽ بيوسي جي صورتحال ۾ منو ميگهواڙ هڪ ڏينهن جهنگ منهن ڪيو جتي وڻ ۾ رسو ٻڌي "خودڪشي" ڪري ڇڏيائين. يعني وڏيراشاهي سان مقابلو ڪرڻ بجاءِ رستو صاف ڪري ڇڏيائين. اهو اشو چند ڏينهن ميڊيا جي زينت ٿيڻ بعد خاموشين ۾ دفن ٿي ويو. اڄ شايد منو ڪنهن کي ياد بہ نہ هجي!

پر هڪڙي ڳالهہ جيڪا دل ۾ هُري ٿي سا هيءَ آهي تہ منو جهڙو پلوڙ سماجي ورڪر نوجوانن همت هاري ويجي، دل شڪستو ٿي ويجي، هار مڃي، شڪست قبولي وٺي ۽ آڻ مڃي پنهنجو انت آڻي پنهنجن معصوم ٻچن، ڏرم پتني، ڀائرن، جوان ڀيڻن، پيرسن والدين کي خونخوار دشمنن جي آزار ۾ اڪيلو ڇڏي وڃڻ جو ڪيئن سوچي سگهي ٿو؟ سندس بعد انهن جو ڪهڙو حال ٿيندو؟ شايد اهڙي تصور سندس ذهن جي ڪينواس کي ڪورو ڇهيو هوندو؟ يا ظالم وڏيراشاهي جي ظلمتن جي طوفان سندس ذهن کي مڪمل طور گهيري ورتو هو؟ جنهن ڪري وٽس انتهاپسندي جو آخري رستو "آتم هتيا" ئي وڃي بچيو هو. جنهن تي منو عمل ڪري پنهنجي ساهہ جو سڳو ٽوڙي ڇڏيو. سندس ان قدم سان ڪيس تہ حياتي تان هٿ ڌوئڻو پيو پر سندس دشمنن کي ڪهڙو نقصان پهتو؟ هڪ غريب ڪٽنب جو سماجي ورڪر شخص جيڪو ان ڪٽنب لاءِ ڇپر ۽ ڇانءَ بڻيل هجي، سندس ڏڍ ۽ آسري تي باقي ماڻهن جون همتون ۽ جذبا واڳيل هجن اهو ناڪئو جيڪڏهن وچ سير ۾ لهرن ۾ ٻيڙي ٻڏڻ جي ڊپ کان گهبرائي اونهي عميق ۾ ٽپي "خودڪشي"

ڪري ڇڏي تہ سندس ان عمل کي ڇا سمجھڻ گهرجي؟ ٻنهي صورتن ۾ هو موت کي انتهائي ويجھو هو، پر وري بہ زندگي لاءِ ڪيس وچ سير ۾ ٽپڻ کان ڪناري تي پهچڻ جي جستجو ڪرڻ گهرجي ها. اهو ئي حياتي جو عظيم مقصد هجڻ گهرجي.

(نوٽ خودڪشيون ڪندڙ عالمي اديب، شاعر،مفڪر،دانشور، موسيقار ۽ سائينسدانن بابت تفصيلي احوال ڪتاب جي ٻي ڀاڱي ۾ شايع ڪيو ويندو. ليکڪ)

❖

# سنڌ ۾ ٿيندڙ ”ڌرتيءَ ڌڻي“ پورهيتن جون خودڪشيون

سنڌ ۾ خودڪشين جي شرح جن برادرين ۾ خطرناڪ حد تائين وڌيل آهي انهن ۾ ڪولهي، ڀيل ۽ ميگهواڙن سميت ٻيون ڪيتريون ئي پورهيت برادريون شامل آهن. ظالم قوتن پاران زمانن کان ظلمتن جو عبرتناڪ نشانو بڻائي اڇوت قرار ڏنل انسانن کي پنهنجي ڌرتيءَ تي آرين اڇي غلام بڻايو. برهمڻ سامراج جي ڪمال کان وٺي زوال جي زمانن تائين ڌرتيءَ ڌڻي سخت عتاب ۽ مصيبتن هيٺ ئي رهيا پر افسوس جو آرين بعد آيل ٻين ٻاهرين حملا آور قوتن پڻ اصل ڌرتيءَ ڌڻين کي پنهنجي وس آهر ڇِپڻ ۽ نپوڙڻ جون ڀرپور ڪوششون اڄ تائين جاري رکيون. ڏاڍ ۽ جبر جو اهو تاريخي سلسلو روان دوان رهيو. ڌرتيءَ ڌڻي دراوڙ موت جهڙي حياتي جي گاڏي کي ڳرين وکن سان گهليندا رهيا. سندن حياتي جي حالاتن کي ٻاهرين نظر سان ڏسندڙ قلمڪارن کين ڪيترائي عجيب لقب ڏيندا رهيا آهن. وطن جي وارث ۽ سنڌو تهذيب جي سرڻجهارن کي ”ڌڻيءَ“ بجاءِ ڀٽڪندڙ نسل، رول، لاڏائو خانہ بدوش، اڇوت، نيچ، ڍيڍ، پليد، دئيت، چنڊال چيو ويو. موئن جي دڙي جهڙي تهذيب سرجيندڙ ماڻهن جي جيون کي زهر بڻايو ويو. ڌرم جي نالي تي منوسمرتي جهڙا ڪوڙا ڪتاب لکي سندن خلاف انسانيت کان ڪريل قانون پاس ڪري ان تي سختي سان عمل ڪيو ويو.

دنيا ۾ ترقي جون ڦهريون وکون سنڌ ڌرتيءَ جي اصل وارث دراوڙن کنيون هيون. ترقي جو ڦهريون ڏاڪو ”ڦيٿو“ اڄ کان پنج هزار سال اڳ ۾ دراوڙن ئي ايجاد ڪيو هو ڍڳا گاڏي هن تهذيب جي آثارن مان ملي، هنن ئي ڪپڙو اُڻيو هو هنن ئي کيتي ڪري زراعت کي هٿي ڏني، هنن ئي لکڻ ۽ پڙهڻ جي شروعات ڪئي هئي، هنن ئي رچ ۽ ٻيڙيون جوڙيون هيون، پڪا گهر، اوطاقون، واش روم، پڪا کوهہ جوڙي مهذبپڻي ۽ جدت ڏانهن سفر لاءِ گس جوڙيندڙ آڳاٽا ماڻهو سنڌ جا دراوڙ ئي هئا. موئن جي دڙي مان هٿ آيل انساني هڏڙين جا سنڌ جا اصلوڪا رهواسي دراوڙ ئي حقيقي وارث آهن. موئن جي دڙي جي عظيم تهذيب جي آثارن مان سمبارا جو مجسمو مليو آهي. ڌرتيءَ جي انهن مهذب ماڻهن کي وقت ۽ حالاتن غير مهذب بڻائي ڇڏيو. دراوڙن جي تهذيب موئن جي دڙي جي مٽي مان ڪنهن بہ قِسم جي هٿيار جو نہ ملڻ ئي سندن پرامن مزاج جي گواهي جو اعليٰ مثال آهي، شايد سندن ”حد کان وڌيڪ پُرامن“ هجڻ ڪري ”مزاحمت“ جو مادو سندن مزاج ۾ مانو رهيو اهو ئي عمل سندن غلامي جو سبب بڻجي ويو. ٻيو تہ وطن جي وارثي جون واڳون هٿ ۾ هجڻ جو اقتداري نشو بہ سُستي، ڪاهلي ۽ لاپرواهي کي جنم ڏي ٿو جنهن سان قومن جو موڳو ۽ اٻوجهہ بڻجڻ فطري عمل بڻجي ويندو آهي. سنڌ ڌرتيءَ جي اصل فطري وارث دراوڙن جي ”غلامي“ جا

ڪهڙا بہ سبب هجن پر ساڻن ٿيل حشر جي وارتائن جي ڏکڻي ۾ ڏکوئيندڙ تاريخ ڪانپوءِ بہ هن ڌرتيءَ تي هنن جي وجود جي لکن جي تعداد ۾ موجودگي مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ ڌرتيءَ جي هڪ مڪمل قوم ڪي ست هزار سالن جي ظلمتن ڪانپوءِ بہ ختم ڪرڻ غاصب قوتن جي وس جي ڳالهہ ناهي، ستايل ماڻهو پنهنجي رفتار سان اڳتي وڌندا ۽ ڌرتيءَ تي انقلاب جو روشن سج اُڀرندو جتي ڪوبہ منش بکئي پيٽ سبب آتم هتيا نہ ڪندو، ڪوڙا ۽ هٽ ٺوڪيا قانون ٽوڙيا ويندا. انسان ازل کان آجو آهي ۽ آجو رهندو.

بک، بيروزگاري، بدحالي، بيوسي، لاچاري عدم تحفظ، ننڍڪائپ ۽ لاوارثي جي حالاتن سبب "خودڪشي" جي شرح دراوڙ لوڪن ۾ تمام گهڻي افسوسناڪ حد تائين وڌي چُڪي آهي. سندن "خودڪشي" جو وڏو ڪارڻ فقط "بک" آهي. غربت سبب بک سندن پيڇو نٿي ڇڏي، رات ڏينهن پگهر جو پورهيو ڪرڻ جي باوجود جيڪڏهن پورهيتن جا ٻچا ويلا ڪاٽي لنگهڻ سمهن ۽ اڪثر سندن چلهہ ٿڌي رهي، ڪروڙين ٽن اناج پيدا ڪندڙ ماڻهن جي پيٽ ۾ رڳو اٽي جو سير بہ نہ هجي، ماني ڳيي لاءِ ڪين بار بار مرٽوءِ جيٽو پوي، جڏهن هو پنهنجن ٻچن جو پيٽ نہ ڀري سگهن. خوراڪ جي ڪمي ۽ بيمارين ۾ وقتائتو ۽ گهربل علاج بہ نہ ڪرائي سگهن، ۽ پنهنجي مستقبل ڪي پنهنجين اکين اڳيان تڙپندي تڙپندي موت جي حوالي ٿيندي ڏسندا رهجي وڃن ۽ بيوسي سبب ڪجهہ ڪري بہ نہ سگهن تہ ڇا اهڙي صورتحال ۾ هيئنئون ڏري نہ پوندو؟ ڇا اهي بيوسي جا ڏکوئيندڙ منظر موت کان گهٽ آهن؟ اهوئي دنيا جو وڏو غم بہ آهي تہ الميو بہ آهي. غريبن ۾ اهو ئي "خودڪشين" جو وڏو سبب آهي.

هن دنيا ۾ مسڪينن جا ڪهڙا ڪهڙا سور اڪين پسيا آهن، انهن پوڳنائن جي احوالن ڪي هڪڙو نازڪ من رکندڙ قلمڪار ڪيئن ٿو بيان ڪري سگهي؟ اها ڳالهہ سمجهہ کان مٿيري آهي. بک، بيوسي ۽ غربت ۾ ٻچڙن ڪي بازار ۾ وڪرو ڪرڻ جا "هوڪا" هن دنيا جي "مهذبٽي" تي ڪاراٺ ملين ٿا. پورهيت دشمن سامراج جو "ضمير" ڪوٺن ۾ وڇايل چادرن تي ستو پيو آهي. انهن جي اندر جو ماڻهو مري ويو آهي. غريبن جو رت چوسي ڪارو ناڻو ڪمائيندڙ سرمائيدار فقط غريبن ڪي عذاب ڏيندڙ انسان دشمن شيطاني روبوٽ بڻيل آهن. روبوٽن ڪي حسين احساس نہ هوندا آهن، روبوٽن ڪي ڪهڙو پتو تہ "ماڻهپو" ڇا آهي؟ انسانيت جي عظمت ڪهڙي ٿيندي آهي؟ تنهنڪري سموري دنيا جي مسڪين، مزدور ۽ پورهيتن ڪي رات ڏينهن پگهر جو پورهيو ڪرائڻ باوجود انهن جي "ماني" تي ڏاڙو هڻندڙ فقط هڪڙي ئي عالمي قوت "ظالم سرمائيدار" آهن. جيڪي ڪروڙين مسڪينن ڪي بک ماري "آتم هتيا" جو سبب پيدا ڪن ٿا. مسڪينن جي موت جو سامان ميسر ڪن ٿا ڪنهن ڏاهي ماڻهو چيو آهي تہ "بک جو ڪو مذهب ڪونهي" سو برابر سڄي دنيا ۾ بک جو سور ۽ پيڙاهہ جيئن ساڳيو ئي ذائقو آهي. سڄي دنيا جي "بک" جي ڊي اين اي ڪندو تڏهن بہ بک جو نسل هڪڙو ئي ظاهر ٿيندو. بک بيماري بہ آهي تہ ٻچڙو ٿول بہ آهي. پر بک جي ڪا ويڪسين نہ هوندي بہ هن جو علاج سڄي دنيا ۾ فقط ماني ئي آهي. "ماني" ماڙهو جو پيٽ بہ ڀريو آهي تہ "ماني" هيٺن ماڻهن جي موت جو سبب بہ بڻي آهي تہ "ماني" مصيبت بہ بڻي آهي، ماني تزليل جو ڪارڻ بہ بڻي آهي، ماني عتابن ۽ عذابن ڪي آندو آهي، ماني غلامي جو گهنڊ

وڃايو آهي، ماني ٻچا وڪڻايا آهن، ماني جي بک انهن جون حياتيون ڳاريون آهن، ماني انهن کان حياتيون ڪسيون بہ آهن. ماني مقدس مائرن ۽ نياڻين کي بہ ڪوٺن جي ڪهاڻين جو ڪرا هت لائق ڪردار هن معاشري ذليل ڪيو هوندو، فقط ماني ئي ڇڪلن جو اسٽاڪ ايڪسچينج بہ هيٺ مٿي ڪندي آهي، ماني انهن لاءِ سهڻو سپنو بہ رهي آهي. پر ماني جي حاصلات انهن لاءِ چند ڇهڙو دلاسو رهي آهي. ماني جو فلسفو ڪهڙو آهي؟ ماني ۽ ماڻهپي ۾ ڪهڙو بنيادي فرق آهي؟ جدليماديت مادي جي جنگ بہ آهي تہ ماني جي جنگ بہ آهي، انسانيت ۽ اٽي جو ڪهڙو تعلق آهي؟ ڳيي جي ڳولا جو پنڌ ڌرمي ياترائن کان ڪيترو مقدس آهي؟ اهڙا ڪيترا ئي سوال هن ڪائنات ۾ پڇڻ "بکين جي بغاوت" تصور ڪيا وڃن ٿا، پر ان جي باوجود ماني جو بحث تہ پيٽ ڀرجڻ سان ختم ٿيندو. بک لڳائڻ جون دوائون ۽ ڦڪيون ڪٽي لقمان حڪيم ۽ ان جا ٻالڪا ايجاد ڪري ويا آهن پر انهن شاهہ ڪاريگر طبيبن کي بہ "بک نہ لڳڻ" جو نسخو هٿ نہ آيو. سو ماني "خودڪشي" جو اهم سبب پڻ بڻيل رهي آهي. سوشل ميڊيا تان ڪنهن نامعلوم ماڻهو جون هي سٽون ماني جي منجهيل فلسفي کي سلجهائڻ جي حال سارو نشاندهي ڪن ٿيون.

"بک" ڪائنات جي هڪ بکايل انسان کي خودڪشي تي مجبور ڪري ٿي.

بکايل کي فلسفو نہ، "ماني" کپي

مرڻ کان اڳ مون ڪيس خودڪشيءَ کان گهڻو روڪيو

هن چيو، "ڪائڻ لاءِ ڪجهہ آندو اٿئي؟"

وراڻيم ، "زندگيءَ کان هارائڻ بزدلي آهي"

چيائين ، " منهنجا ٻچا ڪيترن ڏينهن کان بکيا آهن"

چيم ، "مانيءَ جو ضامن الله آهي!"

چيائين ، "الله ڪٿي آهي؟ ماني آندي اٿائين؟"

چيم ، "هو صبر ڪرڻ وارن سان گڏ آهي"

پڇيائين ، "ڇا بکايل سان بہ گڏ هوندو آهي؟"

چيم ، "زندگي ڏاڍي خوبصورت آهي"

چيائين، " جنهن مهل بکين ٻارن جون رڙيون ڪنين پون ٿيون تہ زندگي ڏائڻ ٿي پوندي آهي"

مون ڪيس چيو، "ڏس خودڪشي حرام آهي"

هن چيو، "جڏهن زندگي حرام ٿي وڃي تہ خودڪشي حلال ٿي وڃي ٿي"

۽ هوءَ لڙڪي رهي هئي.....

مونکي مارڪس ياد اچي ويو جنهن مطابق: "جڏهن پيٽ خالي هجي تہ زندگيءَ جو ڪوبہ فلسفو اثر نہ ڪندو آهي"

ڪنهن بکايل ڏانهن ڪنهن مانيءَ وارو هٿ وڌايو تہ انهيءَ بکايل چيو هو.

" تون رازق آهين؟"

## ٿر ۾ قرض ڏيندڙ وياجي اين جي اوز جي ڪري ٿيندڙ خودڪشيون.

ٿرپارڪر جاگرافيائي طور سنڌ جو پسمانده ريگستاني علائقو آهي، جتي ڪارونجهر جي جبلن ۽ رڻ ڪانسواءِ هر طرف واري جون وڏيون ڀِٽون آهن. وسيع وارياسي پٽ تي ٿري ماروئڙن جو پيٽ گذر برساتن تي ٿئي ٿو. وسڪارو سٺو ٿيو تہ فصل بہ پلا ٿيندا چوپائي مال لاءِ سال کن جو گاهہ پنو بہ ٿيو وڃي، پر جي مينهن مُنهن موڙي ويا تہ ڏڪار ڪر کڻي ٿو. پر ڪڏهن ڪڏهن تہ مسلسل ٿي ڪان چار سالن تائين بہ بارشون نٿيون وسن. جنهن ڪري ٿر ۾ سخت ڪارو ڏڪار منهن ڪيندو آهي، اهڙي سوڪهڙي واري صورتحال ۾ ٿري آبادي جو وڏو حصو لڏپلاڻ ڪري سنڌ جي بئراجي علائقن ۾ پنهنجي روزي روٽي ۽ مال جي چاري پوبان دربدري جا ڏکها پنڌ ڪري ٿو. خانہ بدوشي جون مصيبتون پوڳيندڙ ٿرين ۾ اڪثريت ڪولهين ۽ ڀيلن جي هوندي آهي. ٻيا سرندي وارا ٿريا ڏڪارن ۾ بہ فقط پنهنجو چوپايو مال چاري خاطر سنڌ جي بئراجي علائقن ۾ اُماڻين باقي پاڻ ٿر ۾ ويڙها وسايو ويٺا هوندا آهن. جڏهن تہ ٿر جي ميگهواڙ برادري تعليم يافتہ هئڻ ڪري ڪين سرڪاري نوڪريون وڏي تعداد ۾ مليل آهن. سرڪاري ملازمن ڪان علاوه هُنر جي ميدان ۾ ميگهواڙ برادري تمام گهڻو اڳتي نڪري چُڪي آهي، ميگهواڙ قبيلي جا پورهيت ڪراچي ۽ حيدرآباد جي گارمينٽس سميت ٻين مِلن، ڪارخانن ۽ فيڪٽرين اندر وڏي تعداد ۾ روزگار ڪن ٿا. پر ٿر ۾ ڏڪار دوران سارين ۽ ڪٽڪ جو لاپارو، ڪمند جي ڇِلي سميت ٻيون زرعي مزدوريون ڪرڻ ۽ چوپائي مال کي چارڻ لاءِ ذلالتن جا عذاب ڪولهين ۽ ڀيلن جي پانڌ پون ٿا. تعليم جي کوٽ، اڀوجهائپ ۽ هُنر کان وانجهيل هئڻ ڪري هتي ڀيلن ۽ ڪولهين ڪانسواءِ اوڏ، جوڳي، سامين سميت ٻيون ڪيتريون ئي غريب برادريون نهايت ئي ڏُکي حياتي گهاري رهيون آهن.نان گورنمينٽ آرگنائيزيشن (اين جي او) هون تہ مسڪين ماڻهن جي "غريبي ۽ ننڍٽڪائي" تي اربين روپين جا پروجيڪٽ حاصل ڪري پنهنجو پيٽ پاليندڙ ادارا آهن. پر سرمائيدارن جو پيٽ پريندڙ اهي نجي ادارا غريبن جي مجبورين کي وياج تي خريد ڪري پنهنجي جڪڙ ۾ سوگهو ڪندا آهن، ٿر جا مسڪين مارو ماڻهو مينهن ڪڙين تي آبادي جي آسري سميت مرڻي، پرڻي ۽ بيمارين جهڙين مجبورين ۾ انهن نجي ادارن، جنهن ۾ خاص طور ٿرديپ، فسٽ مائڪرو فنانس، خوشحالي بئنڪ، آسا پاڪستان، اين آر ايس پي وغيره کان پنجويهہ کان پنجتيهہ سيڪڙو وياج عيوض ان آسري تي قرض کڻن ٿا تہ "فصل لٿي مان ڏينداسون" پر وڏيڪ برساتون نہ وسڻ ڪري ٻنين تي ڪيڙي ۽ ٻج لاءِ وياج تي کنيل قرض بہ وري نہ سگهندو آهي. سندن سموريون اميدون نراس ٻڻجي وينديون آهن. ٿري مسڪين مارو قرضن جي ڪوڙهہ ۾ غرطان ٿي ويندا آهن، جنهن بعد قرض ڏيندڙ ادارن جي آفيسرن جا ڳوٺن ۾ لامارا هوندا آهن. سرمائيدارن جا اهي نوڪر ماروئڙن کي ست سُريون ٻڌائي سندن بي عزتيون ڪندا رهندا آهن.

ٿر ۾ ڪاري ڏڪار جي ڪر کڻڻ سان لکين ٿرواسي دربدر ٿي پريشانين ۾ ڦٽڪندا آهن. انهن مسڪين ماروئڙن جا مالي حالات ڏڪار سبب انتهائي درجي جي حد تائين خراب ٿيڻ ڪري اهي

پنهنجي ٻچن جي ڪاڏ، خوراڪ ۽ اتي لٽي جو پورائو بہ نہ ڪري سگهندا آهن تہ ورياجي اين جي او ڪي ڪنيل قرض ڪيئن واپس ڪن؟ قرضي اين جي اوز وارا ورڪر ٽرواسين جي گهرن تي ڌرڻا هڻي سندن جيئڻ جنجال ڪري ڇڏين ٿا، جنهنڪري انهن ادارن جا قرضي ماروئڙا سخت پريشاني جو شڪار ٿي پنهنجا مال، متاع وڪڻي، زيور، ٻنيون ڪپائي، معصوم ٻچڙن کي ڪٽن ۽ قالينن جي ڪُڏين تي گروي ڪرائي بہ کين ڪنيل قرض ڳري وياج سميت ڀري ڏيندا آهن. پر انيڪ اهڙا مسڪين ۽ غريب ماڻهو بہ آهن جن وٽ ڪا بہ شئي وڪڻڻ لاءِ يا گروي رکڻ لاءِ باقي نہ هوندي آهي، بکون ڪاٽيندڙ ماڻهو قرض واپس ڪيئن ڪن؟ نتيجي ۾ اهڙا ڪيترائي ڪيس سوشل ميڊيا جي اک ۾ آيا آهن جن ۾ غربت جو شڪار قرضي ٿري مردن ۽ عورتن اين جي اوز جي پريشان ڪندڙ روين سبب ”خودڪشي“ ڪري حياتي جو ڏيئو اُجهائڻ جا واقعا منظر عام تي اچن ٿا تہ ڪي اهڙا واقعا وري ونگارو صحافي لڪايو ڇڏين. اهو تہ نٿو چئي سگهجي تہ ٿر ۾ ٿيندڙ سمورين خودڪشين جو سبب صرف قرض ڏيندڙ وياجي اين جي اوز آهن پر پوءِ بہ گهٽين خودڪشين جو ڪارڻ اهي ناسور ادارا ضرور بڻيا آهن. جنهنڪري سرڪار انهن وياجي اين جي اوز ادارن کي ٿر ۾ ڪم ڪرڻ کان پڻ روڪي ڇڏيو آهي. انهن خودڪشين جا ٻيا بہ ڪيترائي ذاتي ڪارڻ پڻ آهن. جن تي هن ڪتاب ۾ تفصيل سان لکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. پر عام طور ان ڳالهہ تي بحث هلندڙ آهي تہ ”ٿر ۾ ٿيندڙ خودڪشين پويان وياجي اين جي اوز جي قرض جي قسطن واري وصولي ۽ انهن جا غيرانساني رويا پڻ آهن“ ان حقيقت کي رد نٿو ڪري سگهجي تہ اڪثر خودڪشيون ٿينديون ئي زهريلن روين جي ڪري آهن. ٿر جا مسڪين مارو مجبورين ۾ قرض کڻي وياج جي ڄار ۾ مڪمل ڦاسي وڃڻ بعد چوڪُنيا جڪڙجي ويندا آهن. انهن ۾ ڪيترائي نازڪ مزاج ۽ حساس من رکندڙ معصوم ماروئڙا روز پنهنجن گهرن اڳيان گلا ڏيڻ آيل اين جي اوزي ڪارندن جي لٽ ۽ چٽ ڏيکارڻ وارن حربن، داٻن ۽ دڙڪن جو وٿن خالي ڪيسي کهڙو حل ٿي سگهي ٿو؟ روز روز جي جُٺ سهڻ بجاءِ اهڙا ماڻهو ”خودڪشيون“ ڪن ٿا. جنهن ڪري انهن خودڪشين جو ذميوار ڪير آهي؟ اهو سوال هاڻ لڪل ناهي

## وياج خور سيٺيا

مذهبن وياج کي سختي سان نہ رڳو رد ڪيو آهي پر ان کي حرام پڻ قرار ڏنو آهي. جنهن ۾ جديد مذهب اسلام سرفهرست آهي. جنهن ۾ وياجي ماڻهو سان گڏ کائڻ پيئڻ بہ جائز نہ آهي پر ان جي گهر جي پاڇي ۾ ويهڻ کان بہ روڪيو ويو آهي. ان جي باوجود سموريون بئنڪون، نجي ادارا، اين جي اوز مختلف نالن سان ”وياج“ جو ڪارو ۽ ڪُڌو ڪم سري عام ڪري رهيون آهن. ان کان علاوه ڪجهہ پئسي وارا سيٺيا مذهبن ۽ انسانيت جي اصولن ۽ پابندين کان پاڻ کي مڪمل آجا سمجهي وياج جي ڄار ۾ مجبور ماڻهن کي ڦاسائي، انهن جو رت ست چوسي پنهنجن ٻچن جو ڪاري ڌن سان پيٽ پالي رهيا آهن. هندو ازم ۾ وري وياج ۽ شراب تي ڪجهہ هٿ هلڪو هئڻ ڪري برهمڻ سامراجي سيٺيا ”وياج“ کي ڌرم جي

اُتم خدمت سمجهي پنهنجي ڏرمي غريب ڀائرن جي اُبتي ڪل لاهين ٿا. وياج خور ڏرمي ڀائرن جي ضمير جي قيمت چڪلن ۾ استعمال ٿيندڙ ساٽي ڦوڪڻ جيتري بہ ناهي، هڪ هزار روپين پويان ائين نسلن کان وياج وٺندڙ وياجي سيٺيا حقيقت ۾ هڪ وحشي، درندي، حيوان، آدم خور کان بہ وڌيڪ بدترين آهن. سندن خيالن ۾ هروقت گٽرن جا آبشار وهن ٿا. انهن وياجين پاران مجبور ماڻهن جي بيوسي کي خريد ڪري ان جو ناجائز فائدو ورتو ويندو آهي. جنهن ڪري ڪيترن ئي غريب انسانن جون حياتيون وياج جي ڳري چڪي ۾ پيسجي وڃن. پر انهن تان وياج جو ڪال چڪر ختم نہ ٿيو انهن وياجين جي ڏنل عذابن سبب بہ ماڻهن مجبور تي خودڪشيون ڪيون آهن. وياج وڏي لعنت آهي، ماڻهو سمهن ٿا پر وياج جاڳي ٿو وياج خور مافيا وٽ سماج جي اڪثريت گروي هوندي آهي، جنهن ڪري قانون ۾ پابندي باوجود بہ وياجي گروهہ غريبن کي ٻنهي هٿن سان لٽڻ لاءِ سرگرم عمل هوندا آهن. "آتم هتيا" ڪندڙ هن معاشري جا ڪيترائي مسڪين ماڻهو وياج خورن جي وڪڙ ۾ اچي پنهنجي زندگين جا روشن ڏينئا اُجهائي ڇڏيندا آهن. اهڙا ڪيترائي ڪيس هن سماج ۾ ميڊيا تي اچڻ کان اڳ ئي دفن ڪيا ويندا آهن. جيڪڏهن انساني حقن جا ادارا وياجي سيٺين جي ظلمتن جي داستانن تي ڪا سروي ڪن تہ اچا ڪارا پڌرا ٿي پوندا. مفلسين ۽ مجبوريون مسڪين ماڻهن جون متيون منجهائي ڇڏيون آهن. وياج جو واپار ڪندڙ سيٺيا غريبن جون مجبوريون سود تي گروي رکڻ جو ڪاروبار ڪن ٿا.

## "خودڪشيون" ڪيئن روڪجن؟

سماجي مسئلا بنيادي طور انسان جي ذهنيت جي پيداوار آهن، تنهنڪري انهن جا حل بہ بهتر نموني سان انسان ئي ڪڍي سگهي ٿو. دنيا ۾ انسان پنهنجين لازوال علمي اهليت، شاهڪار ذهني صلاحيتن ۽ مايا ناز قابليتن سان "ناممڪن" کي ممڪن ڪري ڏيکاريو آهي، تنهنڪري "خودڪشي" توڙي جو هن دنيا جو وڏو مسئلو آهي، پر ائين تہ ناهي جو خودڪشي جهڙي مسئلي کي حل ڪرڻ انسان لاءِ ناممڪن ۽ پيچيده هئڻ سان گڏ سندس وس کان ٻاهر آهي؟ انسان "آتم هتيا" ۾ پاڻ کي مارڻ بجاءِ پاڻ ۾ موجود مقابلي وارين قوتن کي سچائي ۽ ايمانداري سان اُجاگر ڪري، "خودڪشي" جهڙي خطرناڪ الميي تي فقط سنجيدگي سان سوچڻ ۽ غور ويچار ڪري مسئلن جي جڙ تائين پهچي سگهي ٿو مسئلن جا زميني حقيقتن جي آڌار تي سائنسي حل ڪڍيا وڃن تہ دنيا ۾ ڪا بہ خودڪشي نہ ٿيندي، دنيا ۾ ڪوبہ ماڻهو پاڻ کي مارڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو. سياسي، سماجي ورڪر، سياسي ليڊرشپ، اديب، شاعر ۽ دانشور لڏو. انساني حقن جا ذميوار فرد ۽ ادارا، سول سوسائٽي ۽ سرڪار هن مسئلي تي حقيقي طور سنجيدگي سان سوچن، سجاڳي ۽ جاڳرتا مهم هلائي ماڻهن تائين پهچي سندن ڏک سور ونڊين، سندن وياج ۽ قرض جهڙن مسئلن کي فوري طور حل ڪرائن، بک، بدحالي ۽ بيروزگاري کي ختم ڪرڻ لاءِ روزگار جا ذريعا پيدا ڪيا وڃن.خودڪشي جي اصل جڙ "غربت" کي ختم ڪرڻ لاءِ حڪومتي سطح تي رٿابندي ڪئي وڃي، ذهني ۽ نفسياتي بيمارين ۾ مبتلا ماڻهن جو علاج مفت ۾ ڪرڻ لاءِ سرڪار پاران

هر شهر ۾ نفسياتي اسپتال ڪولي دوائون ۽ نفسياتي ڊاڪٽر ميسر ڪيا وڃن. قانون تي سختي سان عمل ڪيو وڃي، غريبن سان ٿيل ڏاڍ ۽ جبر جو سستو ۽ تڪڙو انصاف فراهم ڪيو وڃي، اقرباپروري ۽ ڪرپشن مڪمل طور ختم ڪيو وڃي.

❖

# خودڪشي لاءِ استعمال ٿيندڙ طريقا

### موت هڪ حقيقت

ڪائنات ۾ “اشرف المخلوقات” جو اُتم درجو رکندڙ انسان توڙي جو حياتيءَ جي اهميت کان چڱي ريت واقف هوندي بہ “آتم هتيا” ڪري خود ئي حياتيءَ جي حسين حقيقتن ۽ فطرت جو مُنڪر بڻيو آهي. جڏهن سندس ذهن ۾ خودڪشيءَ جو خلل پيو تہ ماڻهو پنهنجي جيون جي انت لاءِ ڪڏهن آسان حل ڪڍيو آهي تہ ڪڏهن نهايت ئي عبرتناڪ طريقو استعمال ڪري خودڪشيءَ ڪئي آهي. “موت” فطري عمل آهي، جنهن مان هر ساهواري کي گذرڻو آهي، يعني زندگي کي موت اچڻ جي حقيقت کان ڪير انڪار نٿو ڪري سگهي. گهڙيو گهات ڍهندو.

“زندگي ۽ موت” هڪ ئي وقت هڪٻئي کان فاصلو بہ رکن ٿا، تہ هڪٻئي کي وار کان بہ ويجها آهن. پر نيٺ آخر زندگي هار کائي ٿي، موت فتح حاصل ڪري ٿو.پر موت جا سبب ڪهڙا آهن؟ موت زندگي کي چوطرف گردش ڪري ٿو ساهوارن جي سموري جاکوڙ ۽ جفاڪشي زنده رهڻ لاءِ آهي، پر اها جاکوڙ موت سان پُڄاڻي تي پهچندي آهي. زندگي کي موت ڪيئن ايندو آهي؟ چمندي ئي مرڻ، بيمارين ۾ مرڻ، حادثن ۾ مرڻ، يا ڄمار پوري ڪري فطري موت (فزيڪل ڊيٿ) مرڻ سميت موت جي مختلف سبب جي ڪري زندگي هارائي ويندي آهي، پر ڪائنات ۾ هيستائين لکين انسان پنهنجي هٿن سان غيرفطري موت “خودڪشي” ڪري مري چڪا آهن. اهڙي غيرفطري موت مرڻ لاءِ انسان ڪهڙا ڪهڙا وحشيانہ طريقا استعمال ڪيا آهن، موت جي انهن طريقن تي نظر گهمائڻ سان پتو پوندو تہ انسان پنهنجي حسين حياتي کي انتم ڪرڻ خاطر جڏهن جنونيت جي سوچ جي ور چڙهندو آهي تہ پنهنجو پاڻ سان ڪهڙو حشر ڪندو آهي؟

### رسي سان پاڻ کي ڦاهي ڏيئي خودڪشي ڪرڻ

رسي سان ساهہ ڪيڻ وارو هي طريقو ڦاهي جي سزا يافتہ قيدي تي پڻ استعمال ٿيندو آهي. پر هتي رسي ذريعي “خودڪشي” ڪرڻ جا واقعا سموري دنيا ۾ ڏٺا ويا آهن، پر پسمانده ملڪن ۾ هي طريقو عام رهيو آهي. سنڌ ۾ خودڪشين جا گهڻا واقعا ٿين ٿا. جنهن ۾ خاص طور سنڌ جا ضلعا ٿرپارڪر، ميرپورخاص، بدين، ٽنڊو عمرڪوٽ، سانگهڙ، ٽنڊوالهيار، حيدرآباد شامل آهن. رسي ذريعي خودڪشي جو هي طريقو ٻهراڙي وارن علائقن ۾ تمام گهڻو استعمال ڪندي ڏٺو ويو آهي. خودڪشي ڪندڙ عورتون گهرن جي ڇت ۾ رسو ٻڌي خودڪشي ڪن ٿيون تہ مرد جهنگ منهن ڪري وڻن ۾ رسو ٻڌي خودڪشي ڪن ٿا. رسي ڳچي ۾ وجهي لڙڪي پوڻ سان ڪنڌ جو مڻڪو بہ ٽُٽي پوڻ سان گڏ ساهہ جي نلي بند ٿيڻ ڪري چند لمحن ۾ موت واقعي ٿي ويندو آهي. رسي ذريعي خودڪشي ڪندڙ ماڻهو جي زبان وات کان

فوري طور ٻاهر نڪري ايندي آهي. رت جو دورو (بلڊ سرڪيوليشن) بند ٿيڻ ڪري زبان جو رنگ واڱڻائي ٿي ويندو آهي. خودڪشي ڪندڙ فوتي جو ميڊيڪل ٿيڻ دوران گهڻو ڪري ظاهري حالتن جو جائزو ورتو ويندو آهي. پوسٽ مارٽم (لاش جي چيرڦاڙ) نہ ٿيندي آهي. قانوني ڪاروائي ۾ فقط "اتفاقي موت" لکيو ويندو آهي. لاش وارثن حوالي ڪيو ويندو آهي. پوسٽ مارٽم ان صورت ۾ ٿيندو آهي جڏهن ان جو مطالبو ڪيو ويو هجيءَ يا پوليس کي قتل جو شڪ هجي.

## زهر پي آتم هتيا ڪرڻ

"زهر" پي مرڻ خودڪشي جو خطرناڪ طريقو آهي. هن طريقي ۾ اڄڪلهہ استعمال ٿيندڙ زهر زرعي دوائون آهن. جنهن ڪري خودڪشي جو هي طريقو بہ عام طور ٻهراڙين ۾ استعمال ٿئي ٿو جتي فصل جي ڦوهاري لاءِ جيت مار زرعي دوائن جو استعمال ڪيو ويندو آهي. ٻهراڙين ۾ ٿيندڙ خودڪشين جي واقعن ۾ زرعي دوائن جو واهپو ان ڪري گهڻو آهي جو اهو زرعي زهر اتي آساني سان دستياب آهي. ٻهراڙي جا هاري ماڻهو فصل تي ڦوهاري لاءِ دوائون گهرن، اوطاقن، لوڙهن، گاهہ ڍين سميت ٻنين تي قائم عارضي جهوپڙين ۾ رکندا آهن. جتي ٿوري گهٽي ڳولا سان زرعي زهر آساني سان مليو وڃي. هون عام طور تہ سمورا زهر (پوائزن) خطرناڪ ۽ تکڙو موت ڏيندڙ آهن پر ان ۾ ڪجهہ خاص ڪوالٽي جون زهريليون دوائون آهن. جن ۾ ڪيواڪران، ٿايوڊان، ٿالستار، ڪلوروپائري فاسٽ، سائپرميٿرين، ڊيلٽاميٿرين، ڪراٽي، اميڊاڪلوپرڊ (پائوڊر) وغيره انتهائي خطرناڪ زهر آهن. جيڪي خودڪشيون ڪندڙ ماڻهو موت لاءِ استعمال ڪندا آهن. زهر پيئندڙ ماڻهو مرڻ تائين وڏي عذاب مان گذرن ٿا. ڪيترن ئي ماڻهن کي فوري طور الٽي ۽ جلاب بہ ٿي ويندا آهن. پر ان جي باوجود زهر معدي مان ٿي رت ۾ شامل ٿيڻ سان بلڊپريشر کي گهٽائڻ سان گڏ دل جي دڙڪن کي ختم ڪندو آهي. جنهن بعد اکين جي نظر، دماغ ۽ ساهہ جون نليون سخت متاثر ٿيڻ ڪري موت جلدي ٿي ويندو آهي. پر ڪڏهن ڪڏهن خودڪشي ڪندڙ ماڻهو کي وقت سر ڪنهن قابل ڊاڪٽر تائين پهچايو ويندو آهي تہ زهر جو اثر ختم ڪندڙ دوائن سان معدو صاف (واش) ڪرڻ سان گڏ لاڳاپيل علاج ترت ڪرڻ سبب زندگي بچي ويندي آهي. پر ائين تمام گهٽ ٿيندو آهي.

## نشي آور گوريون کائي مرڻ

نشي آور گورين ڊائزي پام، ايٽي وان، زينيڪس، ايلپ وڏي تعداد ۾ کائي خودڪشي ڪرڻ جا واقعا شهري علائقن جي نوجوان طبقي ۾ گهڻا رڪارڊ ٿيندا آهن. مرڻ لاءِ استعمال ٿيل هن طريقي جو علاج بہ فوري طور ٿيڻ ۽ الٽي ذريعي گوريون ضايع ڪرڻ ذريعي ئي زندگي کي بچائي سگهجي ٿو. ٻي صورت ۾ موت گهڻو ڏور نہ هوندو آهي. خودڪشي جي خيال سان نشي آور گورين جو وڏو تعداد ۾ استعمال معدي کي سخت متاثر ڪندو آهي.

## گهڻو شراب پي مرڻ

شراب عام طور نشي ڪارڻ پيتو ويجي ٿو پر خودڪشي جي ٻين ڪوشش مان بچي ويل ماڻهو بہ موت جي تلاش ۾ وسڪي سميت ڪچو ٺرو گهڻي مقدار ۾ واپرائي غيرفطري موت مري خودڪشي ڪن ٿا. نشي جي صورت ۾ ڏُت ۽ خطا ٿيڻ، بتالي جي حالت ۾ بي هوش ٿيندڙ ڪيترائي ماڻهو گلين، رستن، چوڪن ۽ گهٽين ۾ نظر اچن ٿا. جيڪي ڪڏهن ڪڏهن لاوارث حالت ۾ مئل ڏٺا وڃن ٿا، اسان جي اردگرد ۾ اهڙا ڪيترائي واقعا ٿيندا رهن ٿا. پر انهن تي گهٽو ڌيان نہ ڏنو ويندو آهي.

## ڪارو پٿر ڪائي خودسوزي ڪرڻ

ڪاري پٿر جو نالو گذريل ڪجهہ عرصي کان ٻڌڻ ۾ اچي ٿو بنيادي طور "ڪارو پٿر" وارن جي اڇاڻ کي ڪارو ڪرڻ جي ڪم اچي ٿو. يعني ڪارو رنگ ڪندڙ هڪ ڪيميڪل آهي. جيڪو پنساري جي دڪانن تان پندرهن ويهہ روپين ۾ آساني سان مليو وڃي، ڪجهہ عرصي کان ميڊيا ۾ ڪارو پٿر ڪائي "خودڪشي " ڪرڻ جا ڪيترائي ڪيس منظرعام تي آيا آهن. "ڪارو پٿر" ڪائي خودڪشي ڪندڙن ۾ پنجانوي سيڪڙو عورتن جو انگ شامل آهي. ڪارو پٿر ڪائي خودڪشي ڪندڙ ماڻهو جو سڀ کان پهرين گلو متاثر ٿئي ٿو. ڪارو پٿر سڀ کان پهرين ساهہ جي نلين ۾ ڳري پکڙجي ويندو آهي. جنهن بعد فوري طور ساهہ جون نليون مڪمل طور بند ٿي وينديون آهن. ماهر ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي تہ ڪارو پٿر ڪائي خودڪشي ڪندڙ ماڻهن جي زندگي بچڻ جي اميد تمام گهٽ هوندي آهي. اسپتالن تي پهچڻ کان اڳ اهي ماڻهو موت جي ور چڙهي ويندا آهن.

## پاڻي ۾ ٻڏي مرڻ

خودڪشي لاءِ پاڻي ۾ ٻڏي مرڻ جو هي طريقو بہ گهڻو استعمال ٿئي ٿو. زندگي مان بيزار ماڻهو پاڻ کي اونهي پاڻي ۾ اڇلائي مريو وڃن، ناميار اديب علامہ آءِ آءِ قاضي پڻ پاڻ کي سنڌو درياهہ جي حوالي ڪيو. پلوڙ نوجوان شاعر مانيٽي اوني ۽ قومي ڪارڪن عرفان مهدي کان وٺندي تائين ڪيترن ئي ناليوارن ماڻهن پڻ پاڻي ۾ ٻڏي انت آندو. ورجينا وولف پنهنجي ڪوٽ جي کيسن کي پٿرن سان ڀري پاڻ کي پاڻي ۾ اڇلائي خودڪشي ڪئي. تر ۾ ٿيندڙ اڪثر خودڪشيون پاڻي جي اونهن کوهن ۾ ٽپي ڪيون وڃن ٿيون، جنهن ۾ عورتن جو انگ مردن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ نظر اچي ٿو ٻڏي مرندڙ ماڻهو پاڻي جي کوهن، تلائن، ڪاڻ، واهن، ڪينالن، ڍنڍن، درياهن ۾ پاڻ کي اڇلائي خودڪشي ڪن ٿا. هن طريقي سان خودڪشي ڪندڙ ماڻهو چند منٽن ۾ موت جي ور چڙهيو وڃن، پاڻي ساهہ جي نلين مان ٿيندو ڦڦڙن ۾ ڀرجي ويندو آهي، جنهن بعد پيٽ پڻ پاڻي سان ڀرجي ويندو آهي. پاڻي ۾ ٻڏندڙ ماڻهو کي فوري طور ماهر ڊاڪٽرن تائين پهچائي گهربل علاج ٿيڻ سان زندگي بچائي سگهجي ٿي، پر دير ٿيڻ ڪري انساني

زندگي ضايع ٿي ويندي آهي. جيسين ساهہ هوندو آهي تہ پاڻي ۾ ٻڏندڙ ماڻهو بلڪل هيٺ تر ۾ هوندو آهي، پر جڏهن ساهہ جو سڳو ٽٽي ويندو آهي تہ خودڪشي ڪندڙ ماڻهو جو لاش تري پاڻي جي مٿين سطح تي ايندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن لاش گهڻن ڏينهن بعد هٿ اچڻ ڪري سڄي، ڳري، سڙي آبي جيتن جٽن جي کاڌ خوراڪ ٿيڻ ڪري انتهائي ڀوائتو ۽ عبرتناڪ بڻجي ويندو آهي.

## بجلي ۾ هٿ هڻي مرڻ

دنيا ۾ خودڪشيون ڪندڙ لاتعداد ماڻهو بجلي ۾ هٿ وجهي شاٽ ذريعي بہ مرن ٿا. بجلي ذريعي شاٽ لڳڻ سان مرندڙ ماڻهو بجلي جي پول تي چڙهي هاءِ پاور تارن ۾ هٿ وجهي يا گهرن ۾ استعمال ٿيندڙ بجلي جي آلاتن ۾ هٿ وجهي بہ خودڪشي ڪن ٿا. هن طريقي سان مرندڙ ماڻهو سيڪينڊن ۾ مري ويندا آهن. زوردار شاڪ جي جهٽڪي سان فوري طور دل بند ٿي ويندي آهي، جسم بہ سڙي ويندو آهي، بجلي جي هاءِ پاور جي شاٽ مان بچڻ جا تمام گهٽ چانس هوندا آهن. شهري علائقن ۾ خودڪشي جا هن قسم جا واقعا ٿيندا رهن ٿا. اهڙن مامرن کي گهڻو ڪري اتفاقي موت جو نالو ڏيئي هميشہ لاءِ ختم ڪيو ويندو آهي.

## اوچائي تان پاڻ کي اُڇلائي آتم هتيا ڪرڻ

خودڪشي لاءِ پاڻ کي اوچين عمارتن، پهاڙن ۽ پولن تان اُڇلايو ويندو آهي، جنهن سبب ماڻهن جا عضوا ٽُٽي پوندا آهن. دماغ يا ٻين نازڪ عضون ۾ ڌڪ لڳڻ ڪري پڻ موت واقعي ٿئي ٿو. هن طريقي سان خودڪشي ڪندڙ ماڻهن کي فوري طور اسپتالن ۾ پهچائي طبي گهرجون پوريون ڪيون وڃن تہ حياتي بچي ويندي آهي. پر زخم گهڻا لڳڻ ۽ گهڻو رت وهڻ ڪري موت جو راڪاس تمام ويجهو ٿي ويندو آهي.

## گاڏي يا ٽرين هيٺيان اچي مرڻ

نامياري شاعره ساره شگفتہ پڻ پاڻ کي ڪراچي ۾ هڪ ٽرين اڳيان اڇلائي خودڪشي ڪئي، ڪيترائي خودڪشيون ڪندڙ ماڻهو پاڻ کي مارڻ خاطر ٽرينن ۽ گاڏين اڳيان اڇلائيندا آهن. اهڙي خطرناڪ موت ذريعي مرندڙ ماڻهن جو ڪڏهن ڪڏهن لاش بہ سلامت نہ ملندو آهي. اهڙي عبرتناڪ موت تي نازڪ مزاج من رکندڙ ماڻهن جا لڱ ڪانڊارجي ويندا آهن. هلندڙ ٽرين يا ڪنهن گاڏي مان جهمپ ڏيئي پاڻ کي ڦٿو ڪري بہ خودڪشيون ڪيون ويون آهن. اهڙا ڪيس شهري علائقن ۾ ظاهر ٿيندا آهن. جن ۾ عمر جي حد سورنهن سالن کان چاليهہ سالن تائين نوٽ ڪئي وئي آهي.

## تيز ڌار اوزار سان گلو ڪپي مرڻ

خودڪشي ڪندڙ ماڻهو جڏهن مرڻ جو ارادو پڪو ڪندا آهن تہ تہ پوءِ اهو قطئي ڪونہ سوچيندا آهن تہ موت جو طريقو ڪيترو خطرناڪ ۽ ايذائيندڙ آهي! تيز ڌار ڇُرين، ڪاتين ۽ ٻين اوزارن سان پنهنجو گلو ڪپي، يا ساهہ واري نلي ڪٽي پاڻ کي ماريو وڃي ٿو. هن طريقي سان رت گهڻو وهڻ بہ موت جو ڪارڻ بڻجي ٿو. ڪيتريون عورتون ۽ مرد هن طرح مرڻ کان اڳ پنهنجن ٻارن کي يا هڪٻئي کي بہ ماري ڇڏيندا آهن. ميرواهہ گورچاڻي ۽ حيدرآباد ۾ بہ اهڙا واقعا ٿيا هئا. ميرواهہ ۾ هڪ پوڙهي پنهنجين ٽن نياڻين کي مبينا طور تيز ڇُري سان ڪهڻ بعد پنهنجو انت آڻي ڇڏيو.

## پسٽل، رائفل يا بندوق سان فائر ڪري مرڻ

خودڪشي جو هي طريقو سموري دنيا ۾ استعمال ڪن ڪيو وڃي ٿو پسٽل، بندوق يا ٻي ڪنهن گولي يا ڪارتوس واري هٿيار سان آتم هتيا جو طريقو بہ ايترو ئي پُراڻو آهي جيترو اهي هٿيار پراڻا آهن. هن طريقي سان خودڪشي ڪندڙ ماڻهو دماغ، وات، سينو پيٽ،ڦقڙ، دل تي هٿيار رکي فائر ڪن ٿا. جنهن بعد ڪيتري بہ ڪوشش ڪجي پر پرحياتي بچائڻ ناممڪن بڻجي ويندي آهي. خودڪشي جو هي انتهائي خطرناڪ طريقو آهي. جڳ مشهور ناول نگار ارنيسٽ هيمنگوي بہ پنهنجي وات ۾ رائفل سان فائر ڪري خودڪشي ڪئي اهڙي ريت هن طريقي سان خودڪشي جا انيڪ واقعا دنيا ۾ ٿي چڪا آهن. هي موت جو ڪيل چند سيڪنڊن جو هوندو آهي، گهڻو ڪري تہ خودڪشي ڪندڙ ماڻهو اسپتال تائين پهچڻ کان اڳ موت جو شڪار ٿي ويندو آهي، هن طريقي سان ڪيل خودڪشي ۾ بچڻ جا چانس بہ نہ هجڻ جي برابر آهن.

❖

# خودڪشي بابت مذهبن جو موقف

“مذهب” هن معاشري ۾ مهذبپڻي لاءِ وجود ۾ آيا، پر هتي مفادپرست ماڻهن مذهبن کي پنهنجي فائدن خاطر ڪيترائي رخ ڏنا اٿن. اُن جي باوجود بہ “خودڪشي” جهڙن ڪيترن ئي ناسور مسئلن تي مذهبن جو موقف صفا چٽو ۽ زبردست آهي. مذهب اسلام، سناتن ڌرم، مسيحت، ٻڌمت، جين مت، بهائي، سِک، پارسي، ڪنفيوشس وغيره جو فڪر ۽ فلسفو مڪمل طور خودڪشي کي رد ڪري ٿو. خودڪشي بابت قطعي ڪٿي ذري بہ گنجائش ناهي. ان ۾ خاص طور اسلام دنيا جو جديد ۽ وڏن مذهبن مان هڪ آهي. جنهن ۾ مايوسي کي ڪفر ۽ خودڪشي کي مڪمل طور حرام قرار ڏنو ويو آهي. بلڪ خودڪشي ڪندڙ شخص جي جنازي نماز بہ جائز نہ آهي. ڪنهن بہ مذهب سان تعلق رکندڙ شخص اهو مرد هجي چاهي عورت پر خودڪشي جي خيالن جي گهيري ۾ هئڻ وقت سندس ذهني ڪشيدگي ۽ ڇڪتاڻ واري جذباتي ڪيفيت انتهائي درجي تي پهتل هوندي آهي، جنهن ڪري هو پنهنجي لاڳاپيل مذهب جي خودڪشي بابت چٽي موقف، فڪر ۽ فلسفي کان وڌ مرڻ لاءِ فڪرمند هوندو آهي. خودڪشي جهڙو انتهائي قدم کڻڻ جو فيصلو ٿيندو ئي جذباتيت جي ڪيفيت ۾ آهي. جڏهن انساني حواس خطا ٿي ويندا آهن. تہ ان کي سمورا روحاني عقيدا، مذهبي قانون ۽ آئين ياد ئي نہ رهندا آهن. ياد رهندو آهي تہ فقط غيرفطري، غيرشرعي، غيرمذهبي، غيرمهذبي، غيرانساني ۽ غيرقانوني “موت” ئي ياد رهندو آهي، اهو انتهاپسنداڻو خيال سندس جان وڃڻ تائين سندس ذهن تي غالب رهندو آهي.

## ڀُراڻ پبليڪيشن جهڏو جا شايع ٿيل ڪتاب

1. آسن جو آسمان (شاعري) قادر سيال جهڏائي
2. جنين لوهہ لڱن ۾ (مضمون) مُحب ڀيل
3. مون مارو ميڇيا (مضمون) شمس منڱريو
4. موندانيا (مضمون) محمد ايوب ڀنڀرو ڪڇي
5. ناياب نگر (شاعري) نياز پتافي
6. پسي مڇ م موٽ (مضمون) عبدالقيوم ٽالپر
7. ديوان غمدل (شاعري) غلام حيدر"غمدل" سيال
8. ڪوڙهہ (ڪهاڻيون) سجاد اختر ٽالپر
9. دراوڙ جاڳ ۾ آهن (مضمون) مُحب ڀيل
10. اٿر جي دائري هيٺ(فڪريءَ جائزو) آدرش سنتوش گوماٽي
11. اُڱهي ڪير ڳوڙها (شاعري) اياز رضوي

12 اهڙا جن اهڃاڻ (شخصيت ۽ سوانح) مُرتب فقير سليمان لغاري

13 جامد ۽ متحرڪ تخليقي قدر( مضمون) فراق هاليپوٽو

14 سنڌو ۽ هاڪڙي جا وهڪرا (تحقيق) عثمان راهوڪڙو

15 ريٽو روپو سج اُڀرندو (شاعري) گل هيسباڻي

16 وچ صحرا ۾ (شاعري) سائينداد هنگورجو.

17چڳي نہ خودڪشي هُئي (مضمون) محب ڀيل


زندگي گذارڻ معجزو آهي. اهڙي
دؤر ۾ جيڪو سرمائيداريءَ جي سيج ۾
مفلسي لاءِ گار آهي. خودڪشيءَ عالمي
موضوع بہ آهي تہ انساني الميو بہ آهي.
نفسياتي اڪيلائي جي شيءِ مان ٿوهر
جيئن اُپرندڙ خودڪشيءَ جي رازن، اندازن
۽ ڪارڻن تي ڏرتي جي سڪين.
مظلوم، پورهيتن ۽ دربدر خانہ بدوشن جي
دڙيا شجيت ليکڪ محب ڀيل مڪمل
سچائي، علميت، عقليت ۽ احساساتي
پرک سان ڇا تہ اعليٰ سنجيدگي ۽
خشناڪي سان لکيو آهي. بيمثال
تجزياتي نهار سچ تہ متاثر ڪندڙ حقيقت
آهي منهنجي خيال ۾ هڪ وساريل
حقيقي موضوع تي هِن شهڻي ريت ڪنهن
سنڌي ليکڪ پهريون پيرو ڪو ڪارائتو
۽ ڳاڙهو اهم ڪتاب لکيو آهي. هي سنڌي
علم ادب ۾ اهم واڌارو ثابت ٿيندو محب
ڀيل جي شاندار ڪاوش داد لهڻي ٿي.
ايوب کوسو
14 فيبروري 2019ع
ڀاڱو پهريون
چڱي نہ خودڪشي هئي (مضمون)
تحرير ۽ تحقيق محب ڀيل
EMAAN Printers Hyd: